# سنڌو ماٿريءَ
# جي لکت جو اڀياس





جان . اي . مچينر

عطا محمد ڀنڀرو

سنڌ آرڪائيوز

# سنڌو ماٿريءَ جي
# لکت جو اڀياس

جان اي مچينر

سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو

سنڌ آرڪائيوز

2012

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب : سنڌو ماٿريءَ جي لکت جو اڀياس
ليکڪ: جان اي مچينر
سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو
ڇاپو : ڀهريون 2012
تعداد : هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ: سارنگ امداد، اقبال ابڙو
لي آئوٽ: ظفر آفتاب
ڇپيندڙ : پيڪاڪ پرنٽرز، ڪراچي. 0300-2152634
ڇپائيندڙ : سنڌ آرڪائيوز
اسٽريٽ 26 اي، اسڪيم 5، بلاڪ-5، ڪلفٽن ڪراچي
قيمت : 200 روپيا

Title of Book: Sindhu Matheri ji Lekhat jo Abhyas
(Study of Indus Valley Script)
Writer: Jhon A. Michiner
Translator: Atta Muhammad Bhanbhro
Edition: First 2012
Quantity: One Thousand Copies
Composing: Sarang Imdad/Iqbal Abro
Lay Out: Zafar Aftab
Printed by: Peacock Printers, Karachi
Published by: Sindh Archives
Street 26-A, Scheem-5, Block-5, Clifton, Karachi

**Price : Rs 200/-**

Ph: 021-9925126-7, www.sindharchives.gos.pk

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 | پيش لفظ | انجنيئر محمد رفيق | 5 |
| .2 | پنهنجي پاران | قاضي شاهد پروز | 7 |
| .3 | جنرل ايڊيٽر وٽان | ڪليم الله لاشاري | 9 |
| .4 | مهاڳ | عطا محمد ڀنڀرو | 13 |
| .5 | سنڌو ماٿريءَ جي لکت جو اڀياس | جان - اي - مچينر | 16 |
| .6 | **باب پهريون** - سنڌو لکت جو اڀياس | | 18 |
| .7 | **باب ٻيو** - سٽمٿاهان ماڳ | | 39 |
| .8 | **باب ٽيون** - سان ڳنڍ نظر ايندڙ پهرين مڇلن جا قسم | | 61 |
| .9 | **باب چوٿون** - شانيءَ سان ڳنڍ نظر ايندڙ نشانين جي مڇلن جو قسم (2) | | 81 |
| .10 | **باب پنجون** - شانين جي مڇلن جو قسم (3) جيڪر ۽ سان ڳنڍ نظر ڪرڻ ٿوا جي | | 89 |
| .11 | **باب ڇهون** - ٻلمون ماڳان ۽ ميلوها | | 100 |
| .12 | **باب ستون** - لکتن جي گرامر موجب شڪل صورت | | 110 |
| .13 | **باب اٺون** - آخري نتيجو | | 131 |
| .14 | Bibloghraphy of Cled Worked | | i-viii |



# پيش لفظ

پنهنجي قومي ورثي جو تحفظ، خاص طور نادر شين ۽ تاريخي حوالي سان اهميت رکندڙ رڪارڊ کي سنڀالي رکڻ ۽ ان کي عوام جي ڀلي لاءِ بهتر انداز ۾ پيش ڪرڻ، سجاڳ قومن جي نشاني آهي. اسان کي ته سياسي طور اهو سمجهايو ويو آهي ته هر ڪو ڪم عوام جي مفادن وٽان ڪريو. مون چارج سنڀالڻ شرط عملي کي اها هدايت ڪئي ته عوامي اهميت وارا ڪم، جيڪي ڪن سببن ڪري تعطل جو شڪار رهيا هجن، ترجيحي طور انهن کي پايه تڪميل تي پهچايو وڃي. اشاعتي ڪمن ۾ اسان ترجيحي طور سنڌ جي مجيل محقق ۽ عالمي سطح جي اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران سهي ڄمار ڪئي ڪيل مخطوطات جي فهرست کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو، جيڪو سنڌس ڀرين ورسيءَ تي پڌرو ڪيو ويو. نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ڪانفرنس ۾ آيل عالمن، اديبن ۽ محققن ان ڪم کي تمام گهڻو ساراهيو. جيڪو اسان جي همت افزائي جو سبب بڻيو. هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت کي اجاگر ڪندڙ ٻه ڪتاب "سنڌو ماٿريءَ جي لکت جو اڀياس" ۽ "مختلف دؤرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي" شايع ڪري رهيا آهيون. ان سان گڏ تمام جلد "رشحات الفنون"، "Sons of Desert" ۽ "Identification of the Shrines of the Maheshvari Meghwar Saints in Sindh" جهڙا دستاويز ۽ تاريخي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ هوندا.

منهنجي ذاتي دلچسپي ان ۾ آهي ته هن عوامي ۽ جمهوري دؤر ۾ ضلع سطح تي آرڪائيوز کاتي جون آفيسون قائم ٿي وڃن ته جيئن هڪ طرف وکريل علمي ورثو، نادر نوعيت ۽ تاريخي اهميت جون لکتون

(Correspondence) نہ صرف محفوظ ٿين، بلڪ انهن تائين عام ۽ خاص ماڻهن جي رسد کي يقيني بنايون تہ جيئن هرڪو عالم اديب پنهنجي علمي بصيرت مطابق ان قومي ورثي مان لاڀ حاصل ڪري سگهي.

منهنجي اها بہ ڪوشش آهي تہ آرڪائيوز کاتي کي جديد گهرجن مطابق مستحڪم ۽ مؤثر بنايو وڃي تہ جيئن اڄ جي Internet واري دؤر ۾ محققن ۽ اسڪالرن کي آساني سان وسيلا مهيا ڪري سگهجن. ان کان علاوه هيٺيان پراجيڪٽ آهن، جن تي بہ وسيلن آهر ڪم هلي رهيو آهي:

- Enactment of Sindh Archives Act and starting preservation of pre-post partition records
- Establishment of Oral Archives
- Establishment of Photo Archive
- Establishment of Central Record Rooms
- Training initiatives in Archival Management
- Establishment of permanent Exhibition Galleries

مون لاءِ نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي ٽيم ۾ ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو ۽ ٻيا نالي وارا عالم ۽ اسڪالر شامل آهن، جن جي نگراني هيٺ مٿيان علمي ۽ ترقياتي ڪم هلي رهيا آهن.

هت مان اهو ورجائيندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان تہ آرڪائيوز جو عملو خاص طور ڊائريڪٽر آرڪائيوز روشن علي ڦناصرو پنهنجي سمورين صلاحيتن سان ڏينهن رات مٿي ذڪر ڪيل ڪمن جي تڪميل لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. مان انهن سڀني جو شڪر گذار آهيان.

آخر ۾ سڀني پڙهندڙن، عالمن، اديبن ۽ محققن کي گذارش ڪجي ٿي تہ هو پنهنجن مفيد راين کان اسان کي ضرور آگاهہ ڪن تہ جيئن سنڌ آرڪائيوز کي جديد ڪان جديد ۽ بهتر بنائڻ لاءِ وڌيڪ عملي اپاءَ وٺي سگهون.

انجنيئر محمد رفيق

صوبائي وزير

# پنهنجي پاران

سنڌو لکت، جنهن جو واسطو موهن جي دڙي ۽ ان کان به اڳ واري تهذيب سان رهيو آهي، ان جي پاڄ (Decipherment)لاءِ هڪ صديءَ کان به وڌيڪ ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. دنيا جي عالمن ان ڏس ۾ مختلف ڪوششون ورتيون آهن. انهن عالمن ۾ يورپ، روس توڙي مڪاني عالمن جو وڏو انگ شامل آهي جنهن ۾ سرجان مارشل کان وٺي جي. آر. هنٽر، سي- جي. گاڊ، جانسيس فريڊرڪ. آسڪوپارپولاءِ ڪنو روزوف سان گڏ مڪاني عالم، پروفيسر داني، سراج الحق ميمڻ، پوپٽي هيراننداڻي، عطا محمد ڀنڀرو، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ابو جلال ندوي وغيره شامل آهن.

اهڙن عالمن طرفان سميري تهذيب سان واسطو رکندڙ لکت پڙهي، انجا خاطر خواه نتيجا ڪڍيا ويا آهن. اهڙيون ڪامياب ڪوششون هندستان جي مختلف دڙن مان هٿ آيل مهرن بابت ڪيون ويون آهن. پر افسوس جو سنڌو لکت بابت اجا پورو نه پئجو آهي. جان اي مچينر جنهن يورپ توڙي هندستان جي عالمن سان گڏ جي "سنڌو لکت جو اڀياس" ڪيو آهي ۽ ذري گهٽ پاءُ صدي ان ڪم تي نور نچويو آهي، ۾ سندس اخذ ڪيل نتيجا به اڌورا آهن. هو پاڻ به هر ڳالهه لاءِ امڪان ظاهر ڪري ٿو. وٽس حتمي نتيجن لاءِ ڪي ٺوس دليل نه آهن. البت هن ٻولي بابت ڪي رايا ظاهر ڪيا آهن، جيڪي مستقبل جي محققن لاءِ مفيد ثابت ٿي سگهن ٿا.

هن ڪتاب ۾ موهن جي دڙي، هڙپا، هندستان، مصر مان حاصل ڪيل تختين، مهرن ٽوڙي ٺڪرن تي اڪريل/ لکيل نشانين جو ڪنهن حد تائين ڀرپور جائزو پيش ڪيو ويو آهي ۽ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته انهن نشانين مان ڪهڙيون ڪتان هٿ آيون. ان آڌار تي ڪي نتيجا جوڙيا ويا آهن، جيڪي ايندڙ وقت ۾ ڪنهن حد تائين ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا.

سنڌو لکت، (Indus Script) اسان جي قديم تهذيب ۽ ڏاهپ جو روشن اهڃاڻ آهي، جنهن تان اڃا به ڪٽ لاهڻ جي ضرورت آهي. جڏهن اهو اهڃاڻ نکري نروار ٿيو ته دنيا حيرت ۾ اچي ويندي ته سنڌ پنهنجي علم ۽ ڏاهپ ۾ ڪيترو نه مهان هئي.

اسان مانواري سائين عطا محمد ڀنڀري جا شڪر گذار آهيون، جنهن هن ڏس ۾ ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن ۽ ان ڪم ۾ ڪافي مهارت رکي ٿو. سندس اها ڪوشش هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائيندي. اسان جناب آفتاب ابڙي ۽ سندس فرزند ظفر آفتاب جا به ٿورائتا آهيون، جن اڳاٽي خط جا حرف اسڪين (Scan) ڪري، پنهنجي جاءِ تي سائنسي انداز ۾ رکي، ڪتاب جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي ۽ پروفن جي ذميواري به پاڻ کنيائون.

مونکي شعبي آرڪائيوز جي عملي، خاص طور ڊائريڪٽر روشن علي قناصري جي محنتن ۽ صلاحتين جو اعتراف آهي، جنهن اڻ شرط علمي، قلمي ۽ ترقياتي ڪمن تي پورو توجهه ڏئي، آرڪارئيوز جي شعبي کي اجاگر ڪيو آهي.

**قاضي شاهد پرويز**

سيڪريٽري

انفارميشن ۽ آرڪائيوز

# جنرل ايڊيٽر وٽان

برطانيہ جي وڏي ميوزيم ۾ موجود جيڪي نادر شيون رکيل آهن، انهن ۾ سڀني کان وڌيڪ ڏٺي وينڊڙ شئي ڪهڙي آهي؟

ان سوال جو جواب هرگز ڏکيو ناهي. يقيناً حجر الرشيد (Rosetta Stone) دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏٺو وينڊڙ عجوبو آهي.

حجر الرشيد متعلق تہ اوهان يقيناً ڄاڻيندا آهيو تہ اهو پٿر جو هڪ اهڙو ٽڪر آهي، جنهن جون ٻہ ڪنڊون ڀڳل آهن. اهو پٿر 1799 عيسوي ۾ نيپولين جي فوج جي سپاهين کي هٿ لڳو ۽ اهو انهن ڪٺي اڄي عالمن جي حوالي ڪيو جيڪي نيپولين پنهنجي فوج سان وٺي مصر جي مهم تي ويو هيو. انهن عالمن ان پٿر جا ڇاپا تيار ڪيا. اهڙي طرح مصري لکت تي تحقيق جو آغاز ٿيو. ان پٿر تي ٽن مختلف ٻولين ۾ ڪجھ عبارت لکيل هئي: هڪ تہ هئي مصري هيروگلوف، ٻي هئي ڊيموٽڪ ۽ ٽين هئي قديم يوناني زبان.

شروع کان ئي اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ هيو تہ هي هڪ اهم تاريخي حيثيت جي شيءِ آهي ۽ ان جي حفاظت ٻن ان طرح سان ٿيڻ کپي. ٿيو ائين جو فرانس کي مصر ۾ شديد شڪست جو منهن ڏسڻو پئجي ويو. نيپولين تہ ملڪ مصر ڇڏي هليو ويو پر رهيل فوجين کي برطانيہ سان ناهہ ڪرڻو پيو. ان ناهہ جي شرطن ۾ ٻڻ اهڙا شرط هيا، جن سبب آثار بہ برطانيہ حوالي ڪرڻا پئجي ويا. اهڙي طرح اهو پٿر 1802ع ۾ وڃي برطانيہ نڪتو. جڏهن روزيٽا اسٽون (Rosetta Stone) برطانيہ پهتو تہ ان جي استقبال لاءِ وڏي خلق اچي پهتي.

ائين برطانيه ۾ پڻ پراڻي مصري زبان جي ڀاڃ تي ڪم شروع ٿيو. حالانڪ مصر ۾ فرانس کي شڪست ملي هئي، پر جيئن ته فرانسيسي عالمن مصر ۾ علمي تحقيق جو آغاز ڪري ڏنو هيو ان ڪري مصر تي هميشه فرانسيسي علم ۽ دانش جو غلبو رهيو ڪيئي سالن جي تحقيق ۽ تفتيش کان پوءِ مصري هيروگلوف کي پڙهيو ويو جنهن ۾ Rosetta Stone جو مک هٿ رهيو.

افسوس! سنڌو تهذيب جي عظيم اوج جي ڪهاڻي اڄ سوڌي اڌوري آهي. اسان صرف آثارن جي مدد سان ڪجھ انداز لڳائيندا رهون ٿا، پر ان اهم تهذيب جي متعلق وڌيڪ ڪجھ چئي نٿا سگهون. اسان ان جي مهرن کي نالا نٿا ڏئي سگهون. اتان جي عظيم سپوتن کان واقف نٿا ٿي سگهون. انهن عظيم ذهنن جي اندر ليا ڪا نٿا پائي سگهون، جن معاشرتي سوچ جو مظاهرو ڪري نهايت سمجهداري سان شهر آباد ڪيا. اسان کي اها خبر نٿي پئي ته انهن وٽ ناٺي ۽ ملڪيتن جي حوالي سان ڪهڙا پيمانا رائج هيا. بين الرياستي تعلق لاءِ ڪهڙي سوچ ڪارفرما هئي. تهذيب جي اوسر کي اهي ڪنهن سوچ جي سرچشمي سان وابسته سمجهن پيا. ملڪ ۽ ملوڪ جو باهم تعلق ڇا هيو؟

اهڙي قسم جا ڪيئي سوال اڃا رهيل آهن. ڇو ته سنڌو لکت جي متعلق ڪئي بنيادي سوال حل طلب آهن. پر ائين نه سمجهجي ته ان ڏس ۾ ڪو پنڌ ناهي ٿيو. ٻولي جي ماهرن ۽ آثارن سان وابسته شخصيتن ڀاڃ لاءِ بنيادي قدم کنيا آهن. اهو سفر شروع ٿي چڪو آهي. منزل ڪيتري پري آهي؟ ان جو جواب عالمن جي اڪيل ڪتابن ۾ ملي سگهي ٿو. اسان کي پوري طرح اها خبر آهي ته انهن نشانين جي ڀاڃ سولي ناهي ٿيندي، جيئن مصري لکت سان ٿيو هيو. ان عمل ۾ ڪيئي سال لڳي ويا. ان جي باوجود جو Rosetta Stone جهڙي نعمت عالمن جي هٿ لڳي ٿي،

جنهن سان گڏوگڏ ڪيئي اهڙا مقبرا کوٽائي ۾ پڌرا ٿي چڪا هيا. جن جا در ۽ دريون مصري خط سان پريا پيا هيا ۽ انهن تي لکيل تحريرن جا ڇاپا پڻ عالمن جي سامهون هيا. سڀ کوجنائي ٿو ته لکت نشانين تي مشتمل هوندي آهي، جيڪي يا ته آواز ڏيندڙيون آهن يا خيال ظاهر ڪنديون آهن. آواز ۽ اچار ٻولي جي واقفيت جي آڌار تي سولائي سان پاڃ ڏي وٺي وڃي سگهن ٿا ۽ وري تمثيلي نشانيون تاريخ سان واقفيت سبب جلدي سمجهي سگهجن ٿيون. پر هت سنڌو تهذيب جي هٿ لڳل نشانين جي پڙهٽي ان ڪري پڻ ڏکي آهي جو نه ته ان وقت ڳالهائي ويندڙ ٻولي جي خبر آهي، نه ئي وري ان وقت جي تاريخ. واقعن ۽ مشهور شخصيتن متعلق ئي ڪا ڄاڻ آهي.

تنهن هوندي به عالمن جي کوجنا جو سفر جاري آهي. ان سفر جو داستان اهم آهي ۽ اهو سفر جنهن سوچ جي ڏاري کان واقف ڪري ٿو ان جي ڄاڻ لاءِ عالمن جي سعي ۽ ڪاوش سان واقفيت لازمي آهي.

سنڌ آرڪائيوز پاران پنهنجي اشاعتي پروگرام ۾ مچينر جي ڪتاب کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن سنڌي قاري جي تشنگي جي ڪي قدر تشفي ٿي سگهي. صرف اهو ناهي ته هي اهم ڪتاب سنڌو لکت جي پڙهٽي لاءِ ٿيل هڪ اهم ڪوشش جو داستان ٻڌائي ٿي، بلڪ ان تصنيف جي اشاعت سان اسان جي قاري کي لکت جي مختلف نشانين سان پوري طرح واقفيت حاصل ٿئي ٿي، ۽ ڪيس ان سان واڳيل ممڪن معنائن سان منهان منهن ڪري ٿي، جنهن سان سوچيندڙ جي ذهن جي آڏو ڪي واٽون کلي پون ٿيون. ڪاش! سوچ جو اهو سفر چند وکون وڌيڪ کڻي.

پڙهندڙ محسوس ڪندا ته ڇپائي جو عمل هڪ اهم قدم ٿئي ٿو. جنهن لاءِ جيتري محنت ڪجي، اوتري گهٽ آهي. پر غير روايتي لکت

کي سامهون آڻڻ ۽ ان متعلق گفتگو ان وقت تائين ممڪن ناهي جيستائين ان لکت جي نشانين کي پوري طرح ڇپائي هيٺ نٿو آندو وڃي. پرنٽر کي جس هجي جنهن محنت سان سنڌو لکت جي نشانين کي وڏي خوبي سان ڇاپڻ جو بندوبست ڪيو آهي ۽ انهن نشانين کي يڪسانيت سان سڄي متن ۾ آندو اٿس. اميد اٿم ته سنڌ آرڪائيوز جي هٿي ڪوشش قبول پوندي.

**ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري**

28 مئي، 2012

# مهاڳ

سنڌو لکت (Indus Script) اٽڪل 4000 قبل مسيح قديم آهي. مصر جي هيرو گلافي لکت 4000 ق- م ۽ 3000 ق-م جي وچ واري عرصي سان تعلق رکي ٿي. جڏهن ته ميسو پوٽيميا جي سميري "ڪيونيفارم" لکت جو 3200 ق-م ۽ 3000 ق-م جي وچ واري زماني سان واسطو آهي. مصر جي "هيرو گلافي" ۽ سمير جي"ڪيونيفارم" لکتون آخري وقت تائين تصويري (Pictographic) رهيون آهن. پر سنڌو لکت 4000 ق-م کان وٺي تصوري (Ideographic) آهي. امڪان آهي ته ان جي تصويري (Pictographic) مرحلي وارو ته موهن جي دڙي هيٺان جَرجي پاڻي ۾ ٻڏل هجي.

هيءَ لکت قديم آثارن جي روسي ماهر ڪاسل (Cassal) کي سنڌ جي قديم ماڳ آمريءَ مان ته تان هٿ لڳي هئي، جنهن جي قدامت اٽڪل 4000 ق-م هئي. هن کان اٽڪل ٽيهه ٻٽيهه سال اڳ، ان لکت جون مهرون قديم آثارن جي ماهرن ڊڪشٽ ۽ سر جان مارشل کي موهن جي دڙي مان مليون هيون. ان لکت جي هڪ مهر سراليگز ينڊر ڪنگهام کي(1887ع) هڙاپا مان پڻ ملي هئي.

ڪيترا ماهر سنڌو لکت جي ڪن نشانين جهڙوڪ  ۽  کي تصويري سمجهندا آهن. پر ائين ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن کي صوتي مُلهه آهي. ليڪن ڪجهه نشانين کي "پدائون" ملهه ب آهي جهڙوڪ  ۽  کي، اهڙو پدائون ملهه موجوده دور جي "ء" "م" کي "۽" "۾" جي شڪل ۾ پڻ آهي.

 = پ،  = پ،  = ب،  =س،  س،  =يڪ،  = ق،

 = ر،  = ن،  = ۾ جو صوتي ملهه ٻڌايو آهي.

سنڌو لکت جي ڀاڃ جي سلسلي ۾ سڀ کان پهريون مڪمل ڪتاب اي. ايل. واڊيل (1925ع) لکيو هو جيڪو ان زماني ۾ لنڊن يونيورسٽي ۾ ٻولين جو استاد هو وٽس فقط اٺويهه مهرون هيون. جن جي آڌار تي هن پنهنجو تحقيقي ڪم پورو ڪري ورتو هو. ان کان پوءِ جي. آر. هنٽر ڏسجي ٿو. جنهن سنڌو لکت جي موضوع تي پي- ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. سندس خيال هو ته سمير وارن سنڌو لکت تان گهڻو استفادو ڪيو آهي.

ايچ-اي. مجينر. آسڪو پرپولاءِ ٻين وانگر هن خيال جو قائل هو ته سنڌو لکت تصويري آهي ۽ هن انهيءَ نظريي کي آڏو رکي، پنهنجو تحقيقي ڪم مڪمل ڪري ورتو هو. سندس انداز-بيان ڏاڍو سولو، سهنجو ۽ عام فهم آهي. اميد ته پڙهندڙ سندس تحقيق مان لاڀ پرائيندا.

**عطا محمد ڀنڀرو**

حيدر آباد.

ٻهرين مئي 2012ع

# سنڌو ماٿريءَ جي لکت جو اڀياس

سنڌو لکت جي ليڻ ڪان وٺي، ويندي اڄ ڏينهن سوڌو، ان جي پاڄ ۽ پڙهڻي لاءِ ڪيترائي جتن ڪيا ويا آهن. هن منجهيل موضوع تي هر نئين ڪوجنا ضرور اختلاف راءِ ۽ بحث جو موضوع رهي آهي. هيءَ تصنيف مذڪوره لکت جي اڀياس واسطي هڪ نئين گس جو اهڃاڻ ڏئي ٿي. ان جي چند چاڻ بہ سندس پاهرئين ڏيک پٽاندر ڪئي وئي آهي ۽ جيڪي بہ نتيجا ڪڍيا ويا آهن، سي بہ پاهرينءَ جاچ پرتال ۽ ثابتيءَ لاءِ ڪليل رکيا ويا آهن.

هن ڪوجنا سان لاڳاپيل منڍ وارو ڪم لنڊن ۽ آڪسفرڊ ۾ ڪيو ويو آهي، وڏيڪ اڀياس ڪرڻ ۽ واڌو چاڻ هٿ ڪرڻ ۽ ڪن ٻين علمي مقصدن لاءِ سنہ 1971ع کان1977ع تائين پاڪستان ۽ هندستان جا دورا بہ ڪيا ويا. هن ڪتاب جي نهايت خبرداريءَ سان نظرثاني ڪئي وئي آهي، جيڪا اولهہ بنگال جي وشوا ڀارتي جي شانتينڪيتن جي عالمن ۽ ماهرن جي نظر هيٺ سنہ 78- 1977ع ۾ پوري ڪئي وئي. جنهن لاءِ مان دولت مشترڪ جي اختياريءَ وارن جو ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي فيلوشپ رٿا هيٺ مونکي اهڙو سونهري موقعو ڏنو. هن علمي ڪم ۾ جن ماڻائتن ماڻهن منهنجي هڙان وڙان سهائتا ڪئي، پنهنجن مفيد مشورن سان نوازيو ۽ مختلف مرحلن تي هن ڪتاب تي تنقيد ڪري؛ انکي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ مددگار ٿيا، تن جا ٿورا مڃيندي؛ ڏاڍي سرهائي ٿئي ٿي. ڪئمبرج جي پروفيسر سر هئرولڊ بئلي Sir Harold Baley، ڊاڪٽر جان چئڊوڪ Dr. John Chadwick ۽ مسٽر جي. وي. ڪنيئر ولسن J. V. Kinnier Wilson . آڪسفرڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ٿامس برو Thomas Burrow، لنڊن يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊي.

وائيزمين Prof. D. Wiseman، ڊاڪٽر ڊيوڊ بيور Dr. David Bivar، ڊاڪٽر جان هنس مين Dr. John Hansman، ڊاڪٽر جان ڊي. ڪئسپئرس Dr. John de Casparis ۽ ڊاڪٽر اليگزينڊر پئٽيگور سڪي Dr. Alexander Paitigorski، هيلسنڪي يونيورسٽيءَ جو ڊاڪٽر آسڪو پرپولا Dr. Asko Parpula، شڪاگو يونيورسٽي جو ڊاڪٽر وينڊي او فلارٽي Dr. Wendy O' Flaherty، هيئبريو يونيورسٽي جو جيرو سلم جو ڊاڪٽر ڊيوڊ شلمين Dr. David Shulman، بنارس هندو يونيورسٽي جو ڊاڪٽر پي- ايل- گپتا Dr. P. L. Gupta، ڪلڪتي يونيورسٽي جو پروفيسر جي- اين- مڪرجي، وشوا ڀارتي شانتيڪيتن جو پروفيسر ڊي- سي- سرڪار Professor D.C. Sircar . ڊاڪٽر ڊي- ڪي- گنگولي D. K Ganguli ۽ پروفيسر وشوانات بئنرجي Professor Visva Nath Banerji ۽ ٻيا ٻه اهڙا ڪيترا گهڻگهرا، ساٿي ۽ هڏ ڏوڪي آهن. جن مان ڪيترن جا نالا ڪٽي ڪيترن جا ڪٽان. هنن رڄ چڱن مڙسن هر ڏس ۾ سهائتا جا هٿ ڏگهيري دل ٻڌائي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ آٿت ڏنو. شڪنتلا ديوي ۽ مسٽر ايم- ڪي- داس گپتا جا به گڻ ڳائڻ وٽان آهن. جن هن ڪتاب ۾ موجود سنڌو لکت جي نشانين کي ٽائيپ ڪرڻ واري شروعاتي مرحلي ۾ منهنجي واهر ڪئي. آڪسفرڊ ۽ IBH پبلشنگ ڪمپنيءَ جا به لک لائق جن ڇپائي جو سارو ذمو پنهنجو ڪري سمجهيو.

جان - اي - مچينر

شانتينڪيتن

21 آگسٽ 1978ع

باب پهريون

# سنڌو لکت جو اڀياس

سنڌو ماٿريءَ تي هڪ ڊگهي بحث کان پهريان هن لکت ۽ ان جي پس منظر لاءِ هڪ عام خيال قائم ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ان ناتي سان مذڪوره لکت جي ڀاڃ ۽ چنڊ ڇاڻ لاءِ جيڪي به ڪوشنائون ڪيون ويون آهن، تن جو تت به هن باب ۾ ڏيڻ لازمي سمجهيو ويو آهي. هن کان علاوه هتي اهو به بحث ڪيو ويو آهي ته ان لکت سان لاڳاپيل ڪهڙي ٻولي آهي. اهو به پڻ ويچار ڪرڻو پوندو ته سنڌو سڀيتا ۽ هندستان جي پوئين دور واري ثقافت جي وچ ۾ ڪهڙا لاڳاپا موجود هئا. امڪان آهي ته مهرن ۽ لکت بابت جيڪا اسان سمجهاڻي ڏني آهي تنهن ۾ اهي لاڳاپا موجود هجن. هن باب ۾ مهرن جي امڪاني ڪارج تي به پڻ بحث ڪيو ويو آهي، جنهن وسيلي اسان کي اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ هڪ سهائتا ملندي ته انهن مهرن جي لکت ۾ ڪهڙي قسم جي معلومات اڪيري محفوظ ڪئي وئي آهي.

### (1) لکت ۽ ان جون سمجهاڻيون:

مهرن وارين لکتن سان لاڳاپيل ڪتاب گهڻو ڪري مارشل Marshall مئڪي Mackay جي موهن جي دڙي ۽ وٽس Vats جي هڙاپا جي کوٽاين ۽ کوجنائن تي مشتمل رپورٽن سان واڳيل آهن. مٿين تن رپورٽن کان سواءِ ٻين غير اهم اڳاٽن ماڳن تان به ڪوڙ ساريون مهرون هٿ لڳيون آهن، جيڪي ڪيترن رپورٽن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون، انهن کي به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سنڌو لکت جي

شاگرد لاءِ نهايت اهم ڪم هن لکت جي ڪنڪارڊنسون (فهرستون) تيار ڪرڻ ۽ هنن مختلف ذريعن مان نتيجن جي ميڙا چونڊ ڪري هڪ جائتو ڪرڻو آهي. اهڙيءَ ريت اڄ تائين ٻه ڪنڪارڊنسون (فهرستون) تيار ٿي ڇاپجي چڪيون آهن. پهرين ڪنڪارڊنس فنلنڊ جي ماهرن، ڊاڪٽر آسڪو پرپولا جي اڳواڻيءَ هيٺ تيار ڪئي هئي. جنهن ۾ 1973ع تائين لڌل 3204 مهرون پيٽوار ترتيب ۾ رکيون ويون آهن. جن شين تي اها لکت نظر آئي آهي. تن جو وچور ڏنو ويو آهي. هن کان علاوه ان مهرن جي اصليت، شڪل، صورت، نوعيت ۽ علامتي نشانين جو صورتي بيان به وضاحت سان ۽ اصول مطابق ڏنو ويو آهي. ٻي ڪنڪارڊنس اراواٿام مهاديون ڏني آهي. هن عالم پرپولا جي ڪنڪارڊنس ۾ ڏنل ڪيترين شين کي قلمبند ڪونه ڪيو آهي، پر ڪاليبنگن ۽ لوٿل مان لڌل اهڙين شين کي ضرور درج ڪيو اٿائين. جيڪي پرپولا ڪونه ڏنيون آهن. ڏسو مهاديوان (ص 5 تي فقرو 3.5 ۽ 3.6، ص 25 تي حاشيه 5) تنهن ڪري نتيجو اهو نڪتو آهي ته ٻنهي ڪنڪارڊنس ۾ متنن جو انگ ڌار ڌار آهي ۽ نشانيون به مختلف آهن. ٻنهي ڪنڪارڊنس ۾ هڪ نه ٻيءَ ڳالهه جي کوٽ آهي. مهاديون جي تيار ڪل ڪنڪارڊنس ۾ ٻه خوبيون اهڙيون آهن. جيڪي پرپولا جي تيار ڪيل ڪنڪارڊنس ۾ نظر ڪونه اينديون. پهرين خوبي اها اٿس جو متن سان گڏ اهو ماڳ به ٻڌايو ويو آهي، جتان اهو مواد لڌو آهي. ٻي خوبي اها آهي جو هن مرکب اندر جوڙيوال نشانين بدران اڪيليون ۽ منفرد نشانيون ڏنيون. هن کان علاوه اهڙيون نيون جدولون ڏنيون اٿائين جيڪي پرپولا جي ڪنڪارڊنس ۾ ڪونه ٿيون ڏسجن. اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته هن ڪتاب ۾ ٻنهي پهرين يعني پرپولا جي تيار ڪيل ڪنڪارڊنس کي پنهنجي اڳيان رکون. جنهن ۾ 3204 متن آهن. جڏهن ته مهاديون واري ڪنڪارڊنس ۾ انهن جو ڳاڻاٽو 2906 آهي. پر هن سان گڏ مهاديون جي جوڙيل ڪنڪارڊنس تان به ڀرپور استفادو ڪيو ويندو. توڙي جو هن ڪنڪارڊنس ۾ ڏنل حوالا نمبر پرپولا جي تيار

ڪيل ڪنڪارڊنس جي هر متن جيان آهن.

اڄ صدي ڪن اڳ ۾ سر جان مارشل جي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پهريان ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتبن لڌل مهرن جي لکتن کي غير اهم سمجهيو ويندو. هو تورڙي جو اهڙين مهرن جي ڪُلّ ماهرن کي هوندي به هئي. پر موهن جي دڙي جي کوٽائي کان پوءِ سنڌو لکت جي چنڊڇاڻ ۾ ڀاڄ لاءِ کوجنائن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويو. گهڻو ڪري سيني کان سني چنڊ ڇاڻ هنٽر Hunter ڪئي آهي. جنهن هن لکت جي جوڙجڪ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو ۽ مختلف نشانين جي ڪارج تي پروڙيو ۽ پرجهيو. ساڳيءَ ريت هن لکت جي چنڊ ڇاڻ ميريگي Meriggi، راس Ross، لال Lal ۽ ڪنيئر ولسن به ڪيو. پر سندن چنڊ ڇاڻ جو دائرو محدود هو ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته هنن ماهرن سنڌو لکت جي ڪن خاص ڳالهين جهڙوڪ انگن جهڙين نشانين ۾ لکت جي طرف تي گهڻو ڪم ڪيو آهي. اهو به پنهنجي نقطهٔ نگاهه کان نهايت اهم ڪم آهي؛ ڇاڪاڻ ته هن سبب ڪري غير مناسب مفروضن کي ٻنجو اچي ويو.

جيتري قدر هن لکت جي علامتي نشانين جي شڪل صورت جو تعلق آهي ته هنٽر ۽ لئنگنڊن ٻئي هن خيال جا آهن ته سنڌو لکت ۾ برهمي لکت جي نشانين ۾ هڪ لاڳاپو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اسان هيٺ ان لاڳاپي هجڻ جي امڪانن تي بحث مباحثو ڪنداسين. ان کان علاوه هنٽر جو اهو به خيال هو ته سنڌو لکت جون ڪي نشانيون قديم ايلمي ۽ سميري نشانين سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون. ڪن ماهرن اهو شڪ ڏيکاريو آهي ته سنڌو سيتا جي مهرن واري ٻولي سميري آهي. هن خيال جي پٺڀرائي هن ڳالهه مان به ٿئي ٿي ته حضرت عيسيٰؑ کان اڳ ٽينءَ ٻيءَ صديءَ ۾ سنڌ ۽ سمير جا تجارتي لاڳاپا موجود هئا (وڌيڪ لاءِ ڏسو اينڊڙ باب ۾) واڊيل Waddell وري سنڌو لکت کي سميري ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندس خيال اهو به هو ته سميري ۽ سنسڪرت ٻولي ۾ ويجهڙائپ موجود آهي. هاڻي ويجهو ڪنئير ولسن امڪان ڏيکاريو ته

جوڙيا ويا آهن. تن تي گهڻي ٽيڪا ٽپڻي (Criticism) ٿي به چڪي آهي.

اهي جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن ۽ انهن نشانين جون جيڪي معنائون ۽ سمجهاڻيون ڀڌايون ويون آهن. سي پنهنجي مرضيءَ موجب ڏنيون ويون آهن ۽ اهي اهل علم وارن کي مطمئن ڪو نه ٿيون ڪن. سندن اختيار ڪيل طريقهٔ ڪار به پنهنجو آهي ۽ نتيجا به پنهنجي خواهشن مطابق ڪڍيا ويا آهن. جيڪي قابلِ قبول ڪونهِ آهن. هن لکت کي هند – يورپي خاص ڪري سنسڪرت ۾ پڙهڻ جا به جتن ڪيا ويا آهن. اهڙيون ٽي ڪوششون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پهرين ڪوشش پراڻ ناٿ Pran Nath ٻي شنڪر هاجرا Sankar Hajra ۽ ٽين شنڪر آنند Sankar Ananda ڪئي هئي. هنن مان پوئين ماهر کي سنڌو لکت ۾ تنتريه اصول Tantri Code ڏسڻ ۾ آيو. سندس بحث مباحثو اصولي ٿي ڏسڻ ۾ آيو پر پنهنجي مرضيءَ پٽاندر بيهاريل هو. راءِ Rao کي به وري هن لکت اندر هند - يورپي شڪل ڏسڻ ۾ آئي.

وچ اوڀر ۽ ڏکڻ ايشيا جي ٻولين جي دائري مان نڪري ٻاهر ٿيل ڪجهه کوجنائن ڏانهن به اک وڌائي ڏسڻ ضروري آهي. جن ۾ هيروزني Hrozny کي هن لکت ۾ وري هٽي Hitti صورت شڪل جون نشانيون نظر آيون. پڪولي Piccoli جي ڀاڃ موجب هي لکت ايٽرسڪن Etruscun ٻوليءَ ۾ نظر آئي آهي. پر هنن سڀني کوجنائن کان وڌيڪ ڪل جهڙي تحقيق وون هيوسي Von Hevesy جي آهي. جنهن ۾ هن ڀڌايو آهي ته بحرالڪاهل ۾ موجود ايسٽر آئلينڊ جي لکت ۽ سنڌو لکت هڪ جهڙي آهي. بهرحال ٽنهي قسمن جون مٿيون کوجنائون ماهرن کي مطمئن ڪو نه ٿيون ڪن. هنن ٽنهي ماهرن طريقهٔ ڪار کي پنهنجي مرضيءَ پٽاندر ڪتب آندو آهي. جيڪو عالمن وٽ قابلِ قبول نه آهي.

### (2) لکت ۾ ڪم آندل امڪاني ٻولي

سنڌ جي مهرن ۾ لکيل هڪ امڪاني ٻولي سميري به آهي.

قديم آثارن جي کوٽاين ۾ کوجنائن وسيلي اهڙيون شاهديون ضرور مليون آهن تہ سنڌ ۽ سمير جا واپاري واسطا ناتا قائم هئا. جن بابت ڪجهہ ڄاڻ ويلر، پگاٽ ۽ راءِ بہ ڏني آهي. واپاري وٿون جيڪي ڪنجهي، سون، ٽامي، عقيق جي مٽين، چٽساليءَ وارن ٿانون ٺپن، عاج جي شين، ٺڪر جي ٿانون تي مشتمل هيون. هن کان علاوه هنن تجارتي شين ۾ ڪي اهڙيون وٿون بہ شامل هيون، جيڪي جهٽ ڳري سڙي ٿي سگهيون جهڙوڪ گرم مصالحا ۽ ڪپهہ وغيره. سنڌو سڀيتا سان لاڳاپيل مهرون ميسو پوٽاميا مان بہ لڌيون آهن. جنهن مان بہ پڻ هن حقيقت جي پنيرائي ٿئي ٿي تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري ناتا قائم هئا. ايراني نار مان هٿ آيل مهرون مان پتو پوي ٿو تہ ان ملڪ جي واپاري ڏيتي ليتي سنڌ جي شهرن جهڙوڪ لوٿل ۽ موهن جي دڙي، مڪران، ڏکڻ ايران، (مثال طور ٽيپي يحيٰ) بحرين ۽ سمير سان هلندي هئي. لکت ۾ بہ اهڙيون ڪيتريون شاهديون ۽ ثابتيون هٿ لڳيون آهن. جن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ ۽ سمير جي وچ ۾ تمام گهڻو واپار هلندڙ هو. سمير جي تجارتي لکتن ۾ ميلوها جو ذڪر ملي ٿو ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهو اشارو سنڌ ڏانهن آهي، خاص ڪري ليمينس Leemans، اوپنهيم Oppenheim ۽ گيلس Gels جو اهو خيال آهي. سنڌن بيانن ۽ بحثن جو نچوڙ هنس مين Hansman ڇاپي پڌرو ڪيو آهي، جنهن ۾ هن سمير جي لکت ۾ مگن ۽ ميلوها بابت ڏنل مکيہ حوالا قلمبند ڪيا آهن. معلوم ٿيندو تہ مگن Magan نالي وارو ماڳ مڪران يا بلوچستان ۾ ميلوها واري ايراضي خود سنڌو ماٿري يا وري ان جي اوسي پاسي ۾ ڪاٿي واقع هو مگن ۽ ميلوها سان گڏ ٽئين ملڪ ڊيلمون Dilmun جو بہ نالو اچي ٿو. جنهن کي ڪيترا ماهر گهڻي وقت کان وٺي بحرين سمجهندا آهن. پر ڪريمر Kramer وري هن علائقي سنڌو ماٿريءَ ۾ ڳولڻ جاجتن ڪيا آهن. ڪنيٿ وِلمن جي ڏنل اشاري کان پوءِ سر هيرالڊ بٽلي هڪ چوٿين ماڳ ڏانهن بہ ڌيان ڏنو آهي. جنهن کي سميري لکتن ۾ بادامين Badimin سڏيو ويو آهي ۽ هن حقيقت ڏانهن بہ

اشارو ڏنو آهي ته ان علائقي کان سنڌ جا ماڻهو ضرور واقف هوندا. جنهن کي ايراني ۽ سنڌي لکت جي شڪلين ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هن موضوع تي اينڊز باب ۾ وڏيڪ بحث ڪيو ويو آهي. هن ساري بحث جو نچوڙ اهو آهي ته سمير ۽ سنڌ سڀيتا جي ماڻهن جي وچ ۾ واپاري ڏيتي ليتي هلندڙ هئي. اها ڳالهه هن حقيقت جي پنيرائي ڪري ٿي ته سنڌ سڀيتا جا ماڻهو سمير ٻوليءَ کان واقف هوندا ۽ اهو به امڪان ٿي سگهي ٿو ته انهن پنهنجن مهرن ۾ سمير جي ٻولي ڪتب آندي هوندي.

سنڌ جي مهرن ۾ لکيل ٻي امڪاني ٻولي قديم دراوڙي به ٿي سگهي ٿي. هن نظريي جي پنيرائي براهوي ٻوليءَ جي موجودگيءَ مان به ٿي وڃي ٿي، جيڪا سنڌوءَ جي اولهه پاسي بلوچستان جي جابلو علائقي ۾ اڃا به ڳالهائي وڃي ٿي. اها ٻولي هن علائقي ۾ ڪهڙي ريت پهتي تنهن بابت پيرائتو ۽ ويساهه جوڳو ثبوت موجود ڪونه آهي. حقيقت جو اظهار هن ريت به ڪيو ويو آهي ته ويدن جي دور واري سنسڪرت کي دراوڙي ٻوليءَ جي لفظن جي اتهن آوازن گهڻو متاثر ڪيو آهي، جن جي ڳالهائڻ مهل زبان تارون سان لڳندي آهي. مسٽر برو Burrow هن حقيقت ڏانهن به اشارو ڏنو آهي ته قديم زماني ۾ اهي دراوڙي ٻوليون اتر هندستان جي علائقن جون عوامي ٻوليون هيون، جن جو موجوده دور ۾ زور فقط ڏکڻ هندستان وارن علائقن ۾ آهي. ڪاڊويل، زويليبل ۽ شريڊر Schrader فينو اگرين Fenno Ugrian ۽ دراوڙي ٻولين کي پاڻ ۾ لاڳاپيل سمجهن ٿا. پر سٿا سيوام Satha Sivam ۽ ٻين ماهرن جو خيال آهي ته سميري ۽ سنڌ سڀيتا جي ٻوليءَ ۾ ڪو به لڳ لاڳاپو ڪونه آهي. ڪلاسن Clausan ۽ ڊياڪونوف Dyakonv سنڌ سڀيتا جي ٻوليءَ ۽ ايلميءَ جي وچ ۾ ڪن ناتن رشتن جو ذڪر ڪيو آهي. گهڻو وقت اڳ هنٽر به اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هو ته سنڌو لکت جون ڪي نشانيون ايلميءَ جي لکت جي نشانين جهڙيون آهن پر حقيقت اها آهي ته هنن ٻولين جي امڪاني ناتن، رشتن ۽ ويجهڙائپ ۾ تمام گهڻي کوجنا جي ضرورت

آهي ۽ اهي کوٽائون اها ڇنڊڇاڻ/ پڌرائي ڪن ٿا اهي هڪ جهڙايون هڪ ٻئي تان ورتل نشانيون ڪري يا دراڙوي ۽ ٻين ٻولين جي وچ ۾ ڪنهن لاڳاپي ڪري ٿا ڪونه آهن. پر جيڪڏهن اهو ثابت ٿي وڃي ته اهي هڪ جهڙايون ورتل اڌارن لفظن يا نشانين ڪري آهن ته پوءِ اسان کي اڻ سڌيءَ ريت هڪ پڪي ثابتي ملي ويندي ته ڪئسپين سمنڊ جي اوسي پاسي، ترڪستان، افغانستان ۽ ايران ۾ اهي ماڻهو رهندا هئا. جن جي ٻولي دراوڙي هئي. قديم آثارن جي کوٽاين ۽ کوجنائن وسيلي مليل شاهدين مان ٻه اهو پتو پيو آهي ته سنڌ سڀيتا وارن ماڻهن جو مٿين علائقن سان حضرت عيسيٰ کان اڳ ٽينءَ ۽ ٻيءَ سهس ۾ واپاري ڏيتي ليتي تمام گهڻي هوندي هئي. پگات، آليچن، مٿلووان، فيئر سروس، مٿسن، فرومڪن Frumkin ۽ بيلينسڪي Belenitsky اهڙين ڳالهين تي گهڻي روشني وڌي آهي. ايران- افغان سرحد وٽ همون Hamun ڍنڍ جي ڪناري شهر سوخته Shahr – I – Sokhta جي کوٽائي ۽ کوجنا مان ڪي دلچسپ حقيقتون نڪري نروار ٿيون آهن. کوٽائي ڪرڻ واري ماهر جي ڏنل معلومات مان ڄاڻ ملي ٿي ته اتان جي لاڌ جو سنڌ ۾ نهندڙ شين سان ويجهو سٻنڌ هو. ساڳي ريت مڪران، سيمو، ترڪمنستان ۽ ٻين ماڳن سان سنڌن لاڳاپو ڏسڻ ۾ آيو. منديگاڪ نالي افغانستان جي هڪ وسندي هئي. جيڪا ترڪمنستان جي لاجورد پٿر جي کاڻين پرسان آباد ماڻهن ۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪ واپاري منڊي هئي. سنڌ جون اهڙيون ڪيتريون وسنديون هيون جيڪي سمنڊ جي ڪناري سان، ايران جي ڏنگ ستڪاڄن دور Sutkagen Dor کان وٺي بمبئي جي اتر ۾ ڀڳت را Bhagat Rov ۾ دائم آباد تائين اٺن سو ميلن ۾؛ ٻئي پاسي هماليه جبل جي ٽلائن کان وٺي روپڙ ۽ گنگا جمنا جي وچ ماٿريءَ ۾ واقع عالمگير پور تائين پنجن سون ميلن ۾ پکڙيل هيون. هن حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي اتر بحرين کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو هو. ڇاڪاڻ ته ڏسجي ٿو ته بحرين ۾ تور جا وٽ سمير جا نه پر سنڌ وارا ڪتب

آندا ويندا هئا. توڙي جو سنڌ جي پيٽ ۾ بحرين کي سمير وڏيڪ ويجهي ٻه هئي. تنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ سڀيتا جو اثر هن سڀيتا جي سرحدن کان گهڻو پري پري تائين ٻه قائم هو اهو ٻه سمجهي سگهجي ٿو ته هي سڀيتا ٻين ثقافتن کان الڳ ۽ ڌار ڪانه هوندي پر دنيا جي ٻين وڏين ثقافتن سان سنڌس ناتا رابطا ضرور قائم هوندا. ان ڪري امڪان آهي سنڌ جي ماڻهن جا الهندي ۽ اتر – الهندي وارن سان واپار وهنوار جا ناتا هوندا ۽ هڪ ٻئي جي ٻولين جي ٻه ڪين ڄاڻ هوندي. انهن مان هڪ سنڌ وارن جي ٻولي، جنهن کي هو پنهنجي لکت ۾ ٻه ڪتب آڻيندا هئا. اهڙيءَ ريت قديم ايلمي ٻه هوندي. هن کان علاوه قديم دراوڙي ٻه ٿي سگهي ٿي؛ ڇاڪاڻ ته ان جو ٻه قوي امڪان آهي ته قديم دراوڙي ۽ ايلميءَ جي وچ ۾ ويجهڙائپ ڪري ضروري لاڳاپو هوندو. اهو ٻه امڪان آهي ته هتي فينو اگرڪ Fenno Ugric ٻوليون ٻه ڳالهايون وينديون هجن. هي ڳالهه ٻه ٿي سگهي ٿي ته اتر هندستان ۾ دراوڙي ٻوليون وڏيڪ سگهاريون هجن؛ ڇاڪاڻ مٿي اهڙو حوالو اچي چڪو آهي ته ويدن واري سنسڪرت کي دراوڙي ٻولين تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. هي ڳالهه ٻه ان جي پٺڀرائي ڪري ٿي ته موجوده دور ۾ بلوچستان اندر براهوي ٻولي ٻه ڳالهائي ويندي آهي.

سنڌ جي مهرن ۾ ڪتب آندل ٽيئن امڪاني ٻولي قديم هند – آريائي ٻولي آهي. قديم هند -آريائي جو اصطلاح پروفيسر ٽي برو جي مثالي تان ورتو ويو آهي. جيڪو هن هند – آريائي دور تي نظر ثاني ڪندي لکيو هو. ڪجهه وقت ٿيندو جو اولهه جا گهڻا عالم هن خيال جا هئا ته هند يورپي ڳالهائيندڙ ماڻهو 500 ق. م ڌاران لڏ پلاڻ ڪري وچي ڏکڻ هندستان ۾ ويا. هاڻي سنڌوءَ جي ايرندي پاسي آهار Ahar ۽ گلوند Gilund جي کوٽائي ۽ کوجنا کان پوءِ اهو پتو پيو آهي ته هتي اهڙي ڪا ٻي ٻه ثقافت هئي، جنهن جو سنڌ سڀيتا سان ڪو لاڳاپو ڪو نه هو ۽ انهي اوچ واري زماني ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻ هئي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته

سنڌن ثقافت اهڙي هئي. جهڙيءَ ريت هند - آريائي لوڪن جي هئي. انومان آهي تہ اهي لوڪ سنڌ سڀيتا جي اوج واري دور ۾ ئي اچي وچ هندستان ۾ آباد ٿيا هوندا. هتي هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هند يورپي وارو گهڙيل اصطلاح هڪ منجهيل مامرو آهي. جنهن کي خاص قسم جي ترتيب ڏني وئي آهي ۽ ان جو مکيہ مقصد ماڻهن جي اها نيات ڏيکارڻ آهي. جنهن جي ٻوليءَ جو بڻ بنياد تہ ٻين ماڻهن جي ٻوليءَ جهڙو هجي پر لهجو ڌار ۽ نرالو هجي. هن ڳجهہ کي تہ ڪير ڳرهي ڪونہ سگهندو تہ جاڏي ڪاڏي پکڙيل ۽ پيچيده گهرائي واري ٻولي ڪهڙي جادوءَ وسيلي 1500 ق - م ڌاران هڪدم وجود ۾ اچي ۽ هيڏي اپري چوڌس پکڙجي وئي. ٻي ڳالهہ تہ ان جي اڳئين دور بابت بہ ڪنهن کي ڪا ڪل ئي نہ آهي تہ ڪهڙي ڌرتيءَ سان سندس لاڳاپو آهي. هن کان علاوه هي ڳالهہ بہ ويچار ڪرڻ جوڳي آهي تہ جيڪڏهن سنڌو ماٿري جي اوسي پاسي هي هند - يورپي ٻولي ان وقت بہ ڳالهائي ويندي هئي. جڏهن سنڌ سڀيتا اوج تي هئي تہ پوءِ ان ٻولي جو واسطو ويدن واري سنسڪرت يا اويستان Avestan سان ممڪن ٿي سگهي ٿو. ڇو جو وچولي دور واري سنسڪرت ۽ پراڪرت انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ منجهان ڦٽي نڪتيون آهن. اهڙو ساڳيو بحث دراوڙي ۽ قديم دراوڙي ٻوليءَ سا بہ لاڳو ٿي سگهي ٿو. هن کان علاوه جيڪڏهن هند - يورپي يا قديم هند - آريائي ٻولي سنڌ سڀيتا جي مهرن ۾ لکيل آهي تہ پوءِ بار بار هن خيال جو جيڪو اظهار ڪيو ويو آهي تہ سنڌ جي ماڻهن جي گهڻائي دراوڙي ٻولي ڳالهائيندي هئي سو تہ ڊانوان ڊول ٿي وڃي ٿو. ٻي بہ هڪ اهڙي ئي حقيقت آهي تہ يونان جي مناني لوڪن Minrous بہ پنهنجي لکتن ۾ هند - يورپي ٻولي ڪتب آندي آهي. وچ مشرق ۽ مشرق قريب جي ڪن علائقن جي گهڻين لکتن ۾ بہ ساڳي هند - يورپي ٻولي ڪتب آندي وئي ٿي ڏسجي. هن ڳالهہ مان اهو سوچڻ مناسب آهي يا نہ تہ هند- يورپي لوڪن جي تورائي ڌرتيءَ ڏٺين جي گهڻائيءَ تي راڄ ڪري رهي هئي. جن

جو هند – يورپي ٻوليءَ جي ماڻهن سان؛ اڳ لاڳاپو ڪونہ هو ٿي سگهي ٿو تہ اهو ساڳيو مامرو هاتي Hattians لوڪن سان بہ هجي، جن تي هتي لوڪن Hattians جي ٿورائي راڄ ڪري رهي هئي. جيڪي ديدن سان لاڳاپيل ديوتائن اندر Indra، مترا Mitra، ويرونا Varuna ۽ ناستيہ Nasatya يا آشون Asions جي پوڄا ڪندا هئا. ساڳي ريت هند – يورپي نَڪَ سان واڳيل ڪاسي Kassi لوڪ بہ هئا، جيڪي 1750 ق - م ميسو پوٽاميا تي راڄ ڪندا هئا. اهي حڪمران طبقي جا ماڻهو سوريہ Surya، ڀاڳا Bhaga دڪشا Daksa، هماليہ Hamaliya ۽ مروت Marut ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. پر جيڪڏهن گهوڙي جي موجودگيءَ کي هند – يورپي ماڻهن جي موجودگي سمجهيو وڃي ۽ عام طور تي ائين سمجهيو بہ ويو آهي تہ پوءِ هنن هند يورپي ماڻهن جي هتي موجودگي 1500 ق. م بدران 2900 ق. م سمجهڻ گهرجي؛ ڇاڪاڻ تہ ايلم مان لڌل گهوڙي جي تصويرن واريون ٽڪيون جن تي قديم ايلمي لکت نظر اچي ٿي سي 2900 ق . م واري دور سان واڳيل آهن. هن ڳالهہ جي وڌيڪ وضاحت هن ريت ڪري سگهجي ٿي تہ ٿورن ماڻهن تي هلان ڪري ڌرتيءَ ڌڻين تي سوڀ ماڻي ۽ مٿن راڄ ڪيو جيڪي ڳڻ ۾ تمام گهڻا هئا. ڌاريا ماڻهو جيڪي ٿورائي ۾ هئا پرائي ڌرتي تي ڪاهي وڃي اتان جي گهڻائيءَ تي راڄ ڪيو. ڇيو وڃي ٿو تہ ڌرتيءَ ڌڻين جو وڏو ڀاڱو هارين، نارين، ڪاريگرن ۽ هنرمندن تي مشتمل هو. اها اڄرج جهڙي ڳالهہ بہ ڪانہ ٿي لڳي؛ ڇاڪاڻ تہ سنڌي سماج جي جوڙجڪ ڌرمي راڄ تي رکيل هئي. مرڪزي حيثيت قلعي ۽ حڪمران کي هوندي هئي. سنڌ سڀيتا جي پيڙهہ بہ ان ساڳئي آڌري تي بيٺل هئي. ترڪمنستان ۽ اوسي پاسي واري جوءِ ڪان ماڻهن جي سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، سا سنڌ سڀيتا جي اوج واري زماني ڪان ٿورڙو اڳ ٿي پائنجي ٿي. تنهنڪري پراچين سمي واري هند – آريائي لڏپلاڻ بہ پراچين سمي واري دراوڙي لوڪن جي لڏپلاڻ جيان آڳاٽي سمجهڻ گهرجي. هن ڳالهہ ڪري اهو بہ امڪان آهي

تہ متان سنڌو لکت ۾ اڳاٽي هند – آريائي ٻولي ڪتب آندي وئي هجي.

## (3) سنڌ سڀيتا ۽ ان کان پوءِ وارا سلسلا

هتي سنڌو سڀيتا جي وچين دور وارين مختلف ڏرمي ڳالهين ۾ ثقافتن ڪي ڪو نہ ورجايو ويندو. جهڙوڪ پراچين شو ديوتا جو بت. پاڻيءَ سنان جي ڌرمي حيثيت، ماتا ديوي ۽ لنگر واريون رسمون ۽ رواج وغيره. ان بدران سنڌو سڀيتا جي پٺ يا اول بابت ويچاريو ويندو جهڙوڪ هن سڀيتا جي پڇاڙي کان پوءِ ان جي لکت. نشانين ۽ مهرن وارين علامتن جوڳڻ سياءِ کهڙو رهيو ۽ تور جي وٽن جو طريقڪار ڇا هو هن موضوع تي ڀاڱي I ۾ اڳئي بحث ڪري آيا آهيون تہ برهمي سنڌو لکت جي اول آهي، خاص طور تي ڪننگهام ۽ هنٽر تہ شروعاتي دور ۾ پنهنجي راءِ جو اهڙو اظهار ڪري بہ چڪا آهن. سنڌو لکت جون ڪي اهڙيون نشانيون آهن جن جي برهميءَ جي نشانين سان ويجهي هڪ جهڙائي آهي. تي سگهي ٿو تہ اها ڳالهہ منجهن سڌي لڳ لاڳاپي ڪري آهي يا وري اها ڪا اتفاقي ڳالهہ آهي. برهمي لکت جي شروعاتي دور سان لاڳاپيل بہ مکيہ ڳالهيون نظر اچن ٿيون. جن جو سنڌو لکت جي سياءِ سان واسطو آهي. پهرين ڳالهہ اها آهي جهڙيءَ ريت سنڌو لکت جي هڪ ئي متن ۾ پهرين سٽ ساڄي کان کاٻي ۽ ٻي سٽ کاٻي کان ساڄي ڏسڻ ۾ ايندي. تهڙي ريت برهمي لکت ۾ بہ ڏسبي. اهڙو مثال آنڌرا پرديش ويرگودي Veragudi وارين اشوڪ جي لکتن ۾ نظر ايندو. ٻي ڳالهہ تہ شروعاتي دور ۾ برهمي سنڌو لکت جيان ساڄي کان کاٻي لکي ويندي هئي. اها ساڳئي ڳالهہ اڳاٽي دور واري سنهالي ۾ بہ نظر ايندي. ايران Iran کان لڌل سڪن تي نظر ايندڙ لکت بہ ساڳئي طرف ڏسڻ ۾ ايندي. هن ڳالهہ تي تيڪا ٽپڻي ڪندي بشم Basham اهڙو اهڃاڻ ڏنو آهي ۽ امڪان ڏيکاريو اٿائين تہ شروعاتي دور ۾ برهمي ساڄي کان کاٻي طرف لکي ويندي هئي. جيڪڏهن حقيقت ائين آهي تہ ان ڳالهہ جو امڪان وڌي وڃي ٿو تہ سنڌو ۽ برهمي لکت ۾

ضرور ڪو سنڌو سہنڌ موجود هو ۽ اها ڳالھ لکت جي سياءَ مان بہ پڌري آهي، پر اڃ تائين جيڪا معلومات ملي آهي، سا ايتري تہ اڻ پوري آهي جو حقيقت کي ثابت ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. هن کان علاوه ٻنهي لکتن ۾ ڪنهن امڪاني سہنڌ جو اهڃاڻ سنڌو لکت ۾ اتصالي گڏ Cognet Charcter جي موجودگي آهي. جيڪا برهمي لکت ۾ بہ نظر ايندي.

اهڙي ماڻهوءَ جهڙي نشانيءَ جون مختلف شڪليون جهڙوڪ   وغيره ڏسبيون.

مڇيءَ جهڙي نشانيءَ جون بہ ڪيترين ڊار ڊار صورتون آهن جهڙوڪ  ۽ هن نشاني  جون ڪيترين ئي مختلف شڪليون ڏسبيون مثال طور  ۽  وغيره.

اهڙن اهڃاڻن مان اسان کي پڪ ٿئي ٿي تہ سنڌو ۽ برهمي لکت جي وچ ۾ سنئون سڌو لاڳاپو موجود هو ۽ هي ڳالھ اها بہ معلوم ٿئي ٿي تہ سنڌو لکت پڌائين Syllabic لکت آهي.

سنڌو سڀيتا ۽ هندستان جي پوئين دور، جي ثقافتن جي وچ ۾ لاڳاپي جو ٻيو اهڃاڻ هڪ جهڙين نشانين، مهرن، سڪن ۽ ٺڪرن تي ساڳين علامتن جي موجودگي ڪري بہ ملي ٿو. لال جو خيال آهي تہ وڏن پٿرن جي جوڙيل جاين واري دور سان لاڳاپيل 89٪ نشانيون علامتون 900 ق . م تائين يا ان کان اڳ پوءِ ٺڪرن جي ٿانون تي نظر اچن ٿيون. تن جو جيڪڏهن نشان پتو ڳوليو تہ سنڌو سڀيتا جي اوج ۽ ان کان پوءِ واري دور جي نشانين ۽ علامتن تي اچي دنگ ڪبو. ٻئي پاسي سنڌو سڀيتا جون 85 ٪ اهڙيون نشانيون ۽ علامتون آهن. جيڪي ٽامي واري دور کان هلنديون وڏن پٿرن جي ٺهيل جڳهن واري زماني تائين اچي دنگ ڪن ٿيون. اهڙيون نشانيون ۽ علامتون، ڪاليٻنگن، لوٿل، رنگپور ۽ ويلالر

مان هٿ لڳيون. اهو دور پوري هڪ سهس Millennium جيترو ٿيندو جيڪو سنڌو سڀيتا جي پڄاڻي (1900 ق. م) کان وٺي گنگا ماٿريءَ جي سڀيتا (900 ق. م) جي شروعات تائين ڪٿي سگهجي ٿو سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ٻنهي سڀيتائن جي وچ ۾ اهو سنڌو لاڳاپو آهي. اهڙي ڳالهه جو اهڃاڻ سنڌو سڀيتا جي مهرن تي نظر ايندڙ نشانين ۽ علامتن ۽ پوئين دور جي سڪن Punch – Marked Coin تي ڏسڻ ۾ ايندڙ ساڳين نشانين ۽ علامتن مان به ملي وڃي ٿو جن جو ذڪر پرساد به ڪيو آهي. آلن Allan جو خيال آهي ته 600 ق. م کان وٺي 300 ع جي وچ واري دور جي سڪن تي نظر ايندڙ نشانين ۾ ڪا به اوسر Evolution کانه ٿي ڏسجي. ساڳي ڳالهه سنڌو سڀيتا جي مهرن جي نشانين ۽ علامتن لاءِ به چئي سگهجي ٿي. هن سڀيتا ۾ اهي مهرون صدين تائين ڪم ايندڀون رهيون پر نشانين ۽ علامتن ۾ ڪا به تبديلي ڏسڻ ۾ ڪا نه ٿي اچي. سنڌو سڀيتا ۽ هندستان جي پوئين دور جي ثقافتن ۾ هڪ جهڙيون نشانيون ۽ علامتون آهن. تنهن ڪري امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي ٿو ته ٻنهي سڀيتائن ۾ ڪو لاڳاپو ضرور هوندو. ساڳي ريت هندستان جي پوئين دور جي مهرن ۾ ڪيتريون اهڙيون نشانيون آهن. جيڪي هوبهو سنڌو سڀيتا جي مهرن تي نظر ايندڙ نشانين ۽ علامتن جهڙيون آهن. اهڙيون هڪ جهڙايون ڪي اتفاقي ڳالهيون ڪو نه آهن ۽ قوي امڪان آهي ته اهو سنڌو سڀيتا جي ٻٽ. اول يا تسلسل آهي جيڪو پوئين دور تائين يڪو ڳنڍيو آيو آهي. ٿاپليال Thapliyal هندستان جي مهرن مٿي ٿيل لکت جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. جيڪي 300 ق - م کان 700 ع تائين هڪ هزار سال سان واسطو رکن ٿيون. انهن مان ڪي نشانيون اهڙيون به مليون آهن. جن جي شڪل صورت ۽ مفهوم ۾ سنڌو سڀيتا جي مهرن تي نظر ايندڙ نشانين ۽ علامتن جهڙو آهي. پوئين دور جي انهن مهرن تي جانور جي تصوير ۽ ان جي مٿان لکت ڏسبي جيڪا سنڌو سڀيتا ۾ اهي مهرون سنڌو سڀيتا جي مهرن جهڙيون ساڳيون آهن. انهن مهرن جي

نشانين يا ٺپن جا مکيہ بہ نمونا ڏٺا ويا آهن. هڪ رواجي مال جي پارسل سان لاڳاپيل آهن ۽ مٿن ڪي اکر لکيل آهن ۽ انهن جي پٺيءَ پاسي ڌريءَ جا نشان بہ نظر اچن ٿا. مهر جو ٻيو قسم اهڙو آهي، جيڪو خاص نشان Token طور ڪم ايندو هو ان جي پٺئين پاسي ڳڙک نڪتل آهي، جنهن سان پٽو پوي ٿو تہ منجهس ڌوري وجهي پاتو يا ڪٽي لڙڪائي رکيو ويندو هوندو. مهرن جا اهي ٻئي قسم سنڌ سڀيتا جي مهرن ۾ بہ نظر ايندا. سنڌ سڀيتا جي مهرن جو هڪ قسم اهڙو بہ هوندو هو. جنهن جي پٺين پاسي ڳرک هو ۽ منجهائنس ڌوري پٽائي ڳچيءَ ۾ پاتو يا ڪٽي لڙڪائي رکيو ويندو هوندو. ٻيو قسم وري اهڙو هوندو هو جيڪو تڏهن يا اهڙي قسم جي ٻين مالن جي ڳنڍڙين سان ٻڌو ويندو هو. جن جهڙا ڪيترا مثال لوٿل مان بہ مليا آهن. پوئين دور جي مهرن تي ڪن گهراڻن جا خاص نشان Emblems يا جانورن جون تصويرون مالڪن جي ڌرمي لاڙن جو اهڃاڻ ڏين ٿيون. جهڙي ريت پراچين سمي جون ڪي مهرون ديوتا جو مفهوم ڏيکارينديون آهن. تهڙي ريت سنڌو سڀيتا جي مهرن تي نظر ايندڙ تصويرون بہ آهن. جيتري قدر هندستان جي پوئين دور جي لکتن جو سوال آهي تہ اهي گهڻو ڪري هڪ سٽيون ۽ بہ سٽيون آهن. انهن مان جيڪي بہ سٽيون لکتون آهن سي گهڻو ڪري ٽڙي- چال Boustro Phedon آهن. اهڙيون تحريرون گهڻو ڪري برهمي لکت سان لاڳاپيل آهن. گپتا کان اڳ واري دور سان واسطو رکندڙ تحريرون پراڪرت يا گڏيل سنسڪرت ٻوليءَ ۾ آهن. گپتا ۽ گپتا کان پوءِ واري دور جون مهرون گهڻو تڻو سنسڪرت ۾ نظر اينديون. اهڙين لکتن ۾ عام طور تي مهر جي مالڪ جو نالو، سڃاڻ، رتبو، راجا جو لقب ۽ ارپنا واري عبارت وغيره لکيل هوندي آهي ۽ اهڙي لکت حالت اضافت سان پڇاڙيءَ تي پهچندي آهي. ميسوپوٽاميا ۾ بہ اهڙيون ساڳيون مهرون ملنديون جيڪي هندستان جي پوئين دور جي مهرن سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون. منجهن لکيل مفهوم بہ ساڳيءَ ريت نظر ايندو ۽ سندن پڇاڙي بہ حالت اضافت

سان ٿئي ٿي. هندستان جي پوئين دور سان لاڳاپيل سڪن تي بہ ساڳي لکت نظر ايندي. سنڌو سڀيتا جي مهرن تي نظر ايندڙ لکت جو گهڻو سياءُ بہ اهو ساڳيو آهي. هيءَ هڪ اهم ڳالهہ آهي جنهن جي ايندڙ باب ۾ وڌيڪ پڌرائي ڪئي ويندي.

دنيا جي قديم سڀيتائن جي تور جي وٽن جي ڀيٽ ۾ سنڌو سڀيتا جي تور جي وٽن جو نمونو منفرد آهي ۽ ڪيترن ٺرڙن جي کوٽاين ۽ کوجنائن جي رپورٽ ۾ جنهن تي ساراهہ جوڳا تہ بصرا بہ ڪيا ويندا آهن ۽ لکي محفوظ بہ ڪيا ويا آهن. تور جي هن نظام بابت چيو ويو آهي تہ هي اهڙو پڪو ۽ مڪمل آهي جو رتيءَ برابر ڪو فرق ٿي نظر ڪو نہ ايندو. دنيا جي ٻين سڀيتائن ۾ جيڪي ان وقت تور جا نظام چالو هئا. انهن سڀني ۾ سنڌ جي تور واري نظام ۾ نهايت شاندار. پوري ڏيان ۽ گيان سان تکي توري جوڙيو ويو هو ۽ مٿس ڪنهن بہ سڀيتا جو ڪو اثر ٿي ڪو نہ هو. تور جي هن نظام جو معياري وٽ 13.64 گرام يا اڌ آئونس جي برابر هو جيڪو 16 جي معياري تور واري ايڪي جيترو هو. هن کان گهٽ تور جا وٽ Binary هئا. هن کان وڏا ڏهائي Decimal سرشتي مطابق جوڙيل هئا. اهڙا ننڍا وٽ، 8، 4، $^{8}/_{3}$، 2 ۽ 1 جي نسبت سان ۽ وڏا وٽ 32، 64، 160، 320، 640 جي نسبت سان ڪتب ايندا هئا. سنڌي تور جي سرشتي کي هيٺ جدول ۾ بيان ڪجي ٿو.

جدول I سنڌ جي تور جو سرشتو

| ايڪائي | 1 | 2 | 4 | 8 | 16 | 32 | 64 | وغيره |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| گرامن ۾ | .8525 | 1.705 | 3.41 | 6.82 | 13.64 | 27.28 | 54.56 | وغيره |

تور جو هي نظام سنڌو سڀيتا جي موهن جي دڙي، چانهون جي دڙي، هڙاپا ۽ سنڌو ماٿريءَ جي ٻين شهرن ۾ نظر آيو آهي. ان کان علاوه بلوچستان جي ملهي Melhi ۽ مڪران جي سٽڪاگن دور ۾ تور جو هيءُ سرشتو ڪم آندو ويندو هو. بحرين جي ڀيٽ تان 1370 گرام، 685 گرام، 170 گرام، 27 گرام، 13.7 گرام ۽ 1.7 گرام جا وٽ مليا آهن. تور

جا هي وٽ بہ سنڌو سڀيتا جي وڻن سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. اُن ۽ سمير جو تور جو نظام بہ ديلمون - بحرين کان نرالو هو. تور جي هن سرشتي سان لاڳاپيل هڪ جدول لي مين Lee man ترجمو ڪري ڇپرائي آهي. جنهن ۾ هن ديلمون جي ٽامي جي مٽن Mines ۽ ان جي معياري ٽامي جي ٽئلينٽ Talent ۽ مٽن ۾ فرق ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ساڳيءَ جدول ۾ ديلمون جي ۽ ان جي شين جي نسبت ڏيکاري منجهن موجود فرق کي پڌرو ڪيو ويو آهي.

تور جي هن نظام کان پوءِ جيڪو هندستان جي پوئين ثقافتي دور ۾ چالو هو. جيڪو 600 ق . م جي سڪن Punch –Menked Coin جي زماني کان وٺي هڪ هزار سالن تائين رائج رهيو ۽ مانو ڌرم شاستر Manva Dharama واري تور جي سرشتي ڪتب اچڻ ڪري ختم ٿي ويو. تور جي هن نظام جو بنياد ڪرس Karsa يا ڪرسپن Karsapan تي رکيل آهي. جنهن ۾ 32 رتيون Rattis يا رڪتيڪا Roktikas هونديون هيون. رتي گنج Ganja (Alarus Precotoroius) نالي هڪ ول جو ٻج هو. اهڙيءَ ريت رتيءَ جي تور جو معيار سال بسال قرندو رهندو هو: ڇاڪاڻ آبهوا ڪري رتيءَ جي تور ۾ فرق ايندو رهندو هو. تور جو نظام هن ريت هو تہ بہ رتيون هڪ ماسو ۽ 16 ماسا هڪ ڪرس جي برابر هوندا هئا ۽ هڪ ڪرس 3.35 گرامن جيترو هو. هندستان جي پوئين دور واري سڀيتا جي تور جو وچور هيٺ جدول ۾ ڏجي ٿو.

| رتيون | 8 | 16 | 32 | 64 | 128 | 356 | 712 | وغيره |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪرس | | X | x1 | 2 | 4 | 8 | 16 | وغيره |
| گرام | 8375 | 1.675 | 3.35 | 6.70 | 13.40 | 26.80 | 53.60 | وغيره |

تور جي ٻنهي نظامن يعني سنڌو سڀيتا جي تور سرشتي ۽ هندستان جي پوئين دور واري سڀيتا جي تور واري نظام ۾ ٿوري ويڇاندي ضرور موجود آهي پر پوءِ پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ

هندستان جي پوئين دور واري ثقافت سنڌو سڀيتا جي اول آهي. سنڌو سڀيتا ۽ هندستان جي پوئين دور واري ثقافت جي تور جي ڄڌولن جي اڀياس کان پوءِ به پليءَ پٽ ڄاڻي سگهبو ته سنڌو سڀيتا جي معياري تور وارو وٽ 4 ڪرسن يا 13.5 گرامن جيترو هو. تور جي هنن ٻنهي نظامن مان به معلوم ٿئي ٿو ته منجهن ضرور ڪو لاڳاپو هو. هن حقيقت مان هيءَ اڻ سڌي ڄاڻ به ملي ٿي ته ٻنهي سڀيتائن جي واپاري نيات ۾ هڪ لڳاتار سلسلو هو، جيڪو پوئين دور تائين هلندو آيو. اهڙن اهڃاڻن مان ڪي خاص قسم جا ڏس پتا ملن ٿا. جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي ۽ سنڌن واسطو سنڌو سڀيتا جي پٺين سلسلي يعني هندوستان جي پوئين دور واري ثقافت سان آهي. ٻنهي سڀيتائن ۾ مهرن ۽ سنڌن نشانين ۽ علامتن کي وڏي اهميت حاصل آهي. انهن ٻنهي شين جهڙوڪ مُهرن ۽ وٽن جو سڌو تعلق واپار ۽ تجارت سان آهي. هيءَ اهم موضوع آهي، جنهن تي اسان هاڻي قلم کڻي رهيا آهيون.

## (4) مهرن جو ڪارج

مهرون سنڌو سڀيتا وارن علائقن جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هٿ لڳيون آهن. جن جي ڀڃين پاسي ٻڌل ڏورين جا ٽڪرا ۽ تڏن وغيره جا نشان ڏسڻ ۾ آيا آهن. هن ڳالهين مان اهي اهڃاڻ ملن ٿا ته ڪي مهرون تڏن يا ٿُٽن مان ٺهيل ڳنڍڙين سان ٻڌيون ويندڙيون هيون ۽ تجارتي مقصد لاءِ ڪٽب آنديون ويندڙيون هيون. اهڙين مهرن جو وڏو انگ لوٿل نالي ساموڊي بندر واري ماڳ تان هٿ لڳو آهي. اها حقيقت به هن انومان جي پٺڀرائي ڪري ٿي ته اهي مهرون واپاري مقصدن سان لاڳاپيل هيون. ايراني نار مان به جيڪي مهرون لڌيون آهن، سي شڪل صورت ۾ سنڌ جي مهرن کان نراليون آهن پر مٿن سنڌو لکت اڪريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهڙيون مهرون هندستان کان ٻئي (ايران) بحرين ۽ سمير مان به مليون آهن. هن حقيقت مان به اهڃاڻ ملن ٿا ته انهن مهرن کي واپاري ڏيتي ليتيءَ ۾

ڪتب آندو ويندو هو ۽ اهڙو واپار ايراني نار وسيلي ڪيترن ئي ملڪن سان هلندو هو. اهڙيءَ ريت ميسوپوٽاميا مان به جيڪي سنڌ جي مهرن جهڙيون مهرون هٿ لڳيون آهن، تن لاءِ به يقين سان چئي سگهجي ٿو ته واپاري ڏيتي ليتيءَ جي مقصد سان ڪتب آنديون ويندڙيون هيون. تنهن ڪري جي قوي امڪان اهو نظر اچي ٿو ته ڪجهه مهرون واپاري مال جي ڳنڍين سان ٻڌيون ويندڙيون هيون ۽ سنڌن ڪارج واپار هو.

هاڻي سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته مهرن جي متن ۾ امڪاني طور ڇا لکيل هوندو؟ هندستان جي پوئين دور واريون مهرون جن جو ذڪر گذريل بابن ۾ اچي چڪو آهي سي عام طور تي واپاري ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪتب ايندڙيون هيون ۽ متن ماڻهن جا نالا، لقب، راجائن جا لقب، خطاب ۽ مجتا واريون عبارتون لکيل مليون آهن. اهڙيءَ ريت سنڌ سڀيتا جي مهرن لاءِ به چئي سگهجي ٿو ته منجهن مختلف قسم جي معلومات هوندي ۽ فقط هڪ قسم جي واپاري ڏيتيءَ سان لاڳاپيل ڪو نه هونديون. انهن مان گهٽين تي مهرن جي مالڪن جا نالا لکيل هوندا: ڇاڪاڻ ته، مختلف مهرن جي متنن ۾ ڪن نشانين جو گهڻو ورجاءُ نظر اچي ٿو اهڙين مهرن جو گهڻو انگ ارڙهن وارن عبارتن تي مشتمل آهي. هنن بابت فنلينڊ ۽ روس جي ماهرن جو به اهوئي خيال آهي. پر ايراني نار ۽ سمير مان لڌل مهرن جو هن ڳالهه سان لاڳاپي جو امڪان ڪجهه گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي ماهرو انهن مهرن سان به لاڳاپيل نظر ڪو نه ايندو جن تي انگ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پڇاڙيءَ ۾ بيانيل مهرن ۾ ڪي اهڙيون به آهن، جن ۾ لکيل معلومات واپاري مال جو مقدار يا وزن ٻڌائيندي هجي. ٿي سگهي ٿو ان لکت جو واسطو مال موڪليندڙ ماڻهو يا ڪنهن اداري جي نالي سان هجي. اهو به امڪان آهي ان ماڻهوءَ جو نالو هجي، جنهن ڏانهن واپاري مال موڪليو ويو هجي. ٿي سگهي ٿو جتان مال موڪليو ويو هجي، اتان جي جڳهه، علائقي يا ملڪ جو نالو لکيو ويو هجي. يا جيڏانهن مال موڪليو ويو هوندو ان جاءِ، علائقي ۽ ملڪ جو نالو لکيل هجي.

هيٺ ايندڙ 3 ۽ 6 باب ۾ هن ڳالهه جي جاچ پرتال ڪنداسون ته متان سنڌ جي مهرن ۾ ڪن جاگرافيائي خطن ۽ ماڳن جو ذڪر هجي. اهڙين جڳهين جي نالن جا ٻه نمونا ٿي سگهن ٿا. جن مان هڪ جو واسطو سنڌو سڀيتا جي ڳوٺن، شهرن ۽ مشهور ماڳن سان هوندو ۽ ٻئي جو لاڳاپو سنڌ کان ٻاهر ايراني نار ۽ سمير جي اهم ماڳن سان هوندو. جن سان سنڌ جا واپاري لڳ لاڳاپا قائم هوندا. پاڳي II ۾ هن حقيقت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته سمير جي واپاري دستاويزن ۾ وڏ ۾ وڏ ماڳن Magan، ڏيلمون Dilmun، ميلوها Melohha، باد - امين Bad- Imein جو ذڪر ڏسڻ ۾ اچي ٿو سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته اهو مڪران بحرين سنڌ يا ان جي اوسي پاسي ٻن علائقن جو بيان آهي، جيئن ته سنڌ جون مهرون ايراني، نار، مڪران، بحرين، سمير ۽ سنڌ مان هٿ لڳيون، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي مهرن ۾ هڪ پاسي ميلوها، باد - امين ۽ سنڌ جي ٻين مشهور ماڳن جو ذڪر هوندو ته ٻئي طرف ماڳن، ديلمون ۽ سيمر جي مکيه شهرن جو بيان به هوندو. هي ڳالهه به ڌيان ڌرڻ جوڳي آهي ته سنڌ جي مهرن جي لکتن ۾ انهن جڳهن جا نالا سيمري دستاويزن ۾ لکيل نالن جيان نه به هجن پر سميري لکت جي نموني جيان سنڌو لکت ۾ موجود هجن. جيتري قدر سنڌ سڀيتا جي نالي جو تعلق آهي ته ان لاءِ ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته هيءَ سڀيتا تمام گهڻيءَ ايراضيءَ تي پکڙيل نظر اچي ٿي. تنهن ڪري امڪان آهي ته هن سڀيتا کي هڪ کان وڌيڪ نالن سان سڏيو ويندو هوندو. مثال طور هڪ پاڳي کي ميلوها ۽ ٻئي کي باد - امين يا "ست مکيه ماڳ" جي نالي ڪوٺيو ويندو هوندو. سڀيتا جي ساري علائقي جا به ڪيترائي ڌار ڌار نالا هوندا. مثال طور ويلس، اسڪاٽلينڊ، ناردرن آئرلينڊ ۽ انگلينڊ جا ٻيا به ڪيترائي نالا نظر ايندا. پر انهن کي گڏي گريٽ برٽن جي هڪ نالي سان به ڪوٺيو ويندو آهي. ان سان گڏ يونائيٽيڊ ڪنگڊم به ساڳئي علائقي جو نالو آهي. ساڳيو مثال مثال باد - امين جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ست مٿاهان ماڳ" ٿي

سڳهي ٿو ته هي ستن قلعن جي اتحاد جو نالو هجي ۽ انهن ستن قلعن تي مشتمل يڪي ملڪ جو نالو وري ميلوها هجي. تنهن ڪري جڏهن سنڌو لکت ۾ ڪن جاگرافيائي ماڳن ڪي ڳولڻ جا جتن ڪيا وڃن ته اهي ڳالهيون ڌيان ۾ ضروري رکڻ گهرجن.■

باب ٻيو

# ست مٿاهان ماڳ

## Seven High Places

تازي معلومات مطابق هندستان جو سنڌو ۽ ايران جو هندو هڪ ڳالهه آهي. پروفيسر سر هئرالڊ بئلي Harold Baley رگويد جي هڪ جملي سپت سنڌو Sapta Sindhava ڏانهن اشارو ڏنو آهي، جنهن کي اويستا ۾ 'هپت هندو' ڪوٺيو ويو آهي. سندس خيال آهي تہ اشارو "ستن مٿاهن ماڳن" ڏانهن آهي. هن کان علاوه هنن ماڳن کي سميرجي باد امين سان ڳنڍي ٿو. جنهن جو مفهوم "ست قلعبند شهر" آهي. هن علائقي بابت سميري دستاويزن ۾ ذڪر موجود آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مذڪوره ملڪ سمير کان اوير ۽ ارتا Arrta کان پرئين پار آهي. ان کان پوءِ هو هڪ سوال پڇي ٿو تہ ڇا سنڌ جا ماڻهو "ست مٿاهان ماڳ" نالو ڪتب آڻيندا هئا. جنهن کي پوءِ آريہ حملہ آور سپت سنڌ ۽ قديم ايرانين هپت هندو ڪوٺيندا هئا. ساڳئي خيال جي پنيرائي ڪندي ڪينٿر ولسن سنڌو لکت جي ڪن نشانين جو مفهوم بہ باد - امين ڪڍيو آهي.

سنڌو لکت جي انگن واري ايپاس ۾ مسٽر ڪينٿر ولسن اهڙين نشانين کي امڪاني انگ سمجهي گهڻي اهميت ڏني آهي. سندس اهڙو ايپاس گهڻي تفصيل ۾ ڪونہ آهي. هنن خاص نشانين يا اهڙين مرڪبن جي هر ورجاءَ بابت قلم ڪونہ ڪنيو اٿائين، جن جو سمير جي جملي باد - امين سان واسطو ڏيکاريل هجي. ٻيءَ معنيٰ ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ هن سنڌو لکت جي اهڙين نشانين جي گروپ تي بحث ئي ڪونہ ڪيو آهي.

جنهن جو رڪن ستن چنهبن IIII III واري مرڪب ۾ شامل هجي. مسٽر ڪينيٿر ولسن، راس Ross ۽ ٻين ماهرن هنن ستن نشانين ليڪن ڪي فقط ست انگ سمجهيو آهي. هن باب جو بنيادي ۽ اهم مقصد اهو آهي ته سنڌو لکت جي هنن ستن چهنبن جي هر ورجاءَ ڪي پريولا جي ڪنڪارڊنس مطابق چڪيءَ ريت جاچيون پرتاليون انهيءَ مقصد سان ته جيئن اهڙيون نشانيون يا نشانين جا مڇلا جيڪي مذڪوره ستن چهنبن سان گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تن جو مفهوم "ست متاهان ماڳ" ته نه آهي. جنهن ڪي سميرا وارا باد – امين ڪوٺيندا هئا ۽ جنهن ڪي اويستا ۾ هپت هندو ۽ ويدن سپت سنڌو سڏيو ويو آهي. اهڙي قسم جي تفصيلي جاچ پرک ڪان پوءِ راءِ جو اظهار ڪيو ويندو.

## (5) لکت جي جاچ پڙتال

هنٽر، راس، ڪنيٿر ولسن ۽ ٻين ماهرن جي بحث مباحثي ۽ دليلن ڪان پوءِ هڪ تحقيقي مفروضو قائم ڪيو ويو آهي. هن نشاني IIII III جي معنيٰ ست انگ آهي. هي نشاني سنڌو لکت جي مجموعي ۾ نظر ايندي. جيڪا پريولا جي جوڙيل ڪنڪارڊنس جي 77 متنن ۾ موجود ڏسبي. هيءَ نشاني ڇهن ٻين نشانين سان جوڙيوال يا ٻڻ ڏسبي آهي. جي اهڙا 77 متن هن ڪتاب ۾ شامل جدولن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. خاص خيال اهو رکيو وڃي ته متن ساڄي ڪان کابي طرف پڙهيا وڃن. اهي متن جن ۾ ست انگ IIII III موجود آهي، تن جي علائقن مطابق ۽ جنهن شيءِ تي لکيل آهي، ان جي قسم موجب. چڱيءَ پر جاچ پڙتال ڪئي ويندي. (جن ۾ مهرون ۽ ٽامي جون ٽڪيون به شامل سمجهيون وڃن) ۽ ان شيءِ جي تصوير سان گڏ نظر ايندڙ لکت جي طرفي بيهڪ تي به سوچيو ويچاريو ويندو.

اچن ٿيون ۽ انهن کان پوءِ هيءَ نشانيون نظر اينديون. ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ هي نشانيون  جي ناتي وچ تي نظر اينديون آهن يعني هنن نشانين کان پوءِ ڪي ٻيون نشانيون هونديون ۽ پڄاڙيءَ ۾  ڏسبي آهي. ٽيون قسم اهو آهي. جنهن لکت ۾ هيءَ نشاني  "پڄاڙي" ڪا نه هوندي.

(I) **آخري پڄاڙي:** اهڙا تيرهن متن آهن، جن ۾ اهي نشانيون "آخري پڄاڙي" Final ڏسبيون. اٺ متن موهن جي دڙي، چار هڙاپا ۽ هڪ ڪاليبنگن مان لڌو آهي. هڪ ڪان سواءِ ٻيا سيئي متن همچورس مهرن تي نظر ايندا جن جي پٺئين پاسي ڳُڙڪ نهيل هڪ بونبي آهي. هڪ چوڪندي مهر (پريولا نمبر 1442) ڪي مذڪوره بونبري نظر ڪا نه ايندي.

متن اڳيان ايندڙ علامتي نشانيون هنن نشانين  خاص حيثيت جو اهڃاڻ ڏين ٿيون. متن نمبر 2214 ۾ ڪا به نشاني اڳيان ڏسڻ ۾ ڪا نه ايندي. متن نمبر 1553 ۾ هيءَ نشاني  اڳيان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪا عام طور تي ۾ "پڄاڙي" هوندي آهي. متن نمبر 1344۽ 2478 ۾ هي نشانيون  منڍ ۾ نظر اينديون. هنن نشانين  جو هڪ جدا مچلو مذڪوره اڳيان ڏسبو (ڏسو هنٽر جدول VII ص ص 139.126 – 140 ۽ 210 متن نمبر 1557. 2446. 3020. 3021)

(II) ڪن متنن ۾ اهي نشانيون وچ تي ڏسڻ ۾ اينديون آهن. اهڙا ڇهه مثال آهن ۽ سيئي موهن جي دڙي مان مليا آهن. انهن مان ٽي متن هڪ جهڙا آهن ۽ ٽامي جي انهن ٽڪين تي نظر ايندا. جن تي ٻن مڇن وارو ڏاند

ڪٺائي جانور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙي قسم جي تصوير سنڌو لکت جي ساري مجموعي مان 14 متنن ۾ نظري ايندي (ڏسو باب 4 جنهن ۾ هن موضوع تي خاص بحث ڪيل آهي)

ٻه متن هم چورس مهرن تي نظر ايندا. جن جي پٺئين پاسي ڳٽڪن واريون ٻونبيون آهن. مهر نمبر 1146ع تي هڪ سگي ڏٻي ۽ آهر Manger جي تصوير آهي. مهر نمبر 2032 هڪ سگي ڏٻي جي ڀڳل ٽٽل تصوير نظر اچي ٿي ۽ ان سان گڏ آهر ٻه هڪ. مهر نمبر 1393 تي آهي، جيڪو ڀڳل ٽٽل حالت ۾ آهي.

### (III) ٻيون هٿ آيل مهرون

ٻيون 15 مهرون هٿ لڳيون آهن. جيڪي سيئي موهن جي دڙي مان مليون آهن. اهي مهرون هوبهو ٽامي جي تڪين تي ٽيل لکت جهڙيون آهن. سندن اهميت تي بحث 4 باب ۾ ڪيو ويندو. انهن مان ڇهن تي گهٽي جي تصوير اڪريل آهي. جن جا سگ چوڙيدار ۽ پڇ ڪُوڪو اٿس. اهڙيون فقط سورهن مهرون نظر اينديون. سنڌ سيپتا جي مهرن ۾ نون مهرن تي ڪا به تصوير ڪا نه آهي. متن فقط هي علامت  (450، 457، 2804) انهن مان مهر نمبر 451 ڀڳل ٽٽل آهي. سندس پڙهڻي اندازو ڪري قائم ڪئي وئي آهي.

### (ب)  نشانين وارو مڇلو

هن مڇلي سان 15 لکتون لاڳاپيل آهن. جن مان 7 موهن جي دڙي مان ۽ 8 هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن. 7 همچورس مهرون آهن. جن جي پٺئين پاسي ٻونبي آهي. متن هڪ سگئي ڏٻي جي تصوير، آهر ۽ ان جون

بدليل شڪليون ڏسڻ ۾ اينديون (2 موهن جي دڙي ۽ 5 هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن) 2 مهرون چوڪنڊيون آهن (1446 ،3631) جن تي ڪا به تصوير ڏسڻ ۾ ڪا نه ايندي.

1 متن هڪ پڳل ٽڪل چوڪنڊي مهر (2063) تي نظر ايندو.

5 چوڪنڊيون ٽپيل ٽڪيون آهن جن تي سيسر جي تصوير اڪريل. سندس وات ۾ هڪ مڇي جهليل ڏسڻ ۾ ايندي. (سيئي هڙاپا مان هٿ لڳيون)

نشانين جي هن مجلي جي پنيان پچاڙي واري نشان يا ان جي بدليل شڪل واري نشاني ڏسبي آهي. اڳيان ايندڙ نشانين مان هنن نشانين جي بدليل سياء جو پتو پوي ٿو. نون متنن ۾ ڪا به نشاني اڳيان نظر ڪا نه ايندي پر منڍ واري نشاني اڳيان ڏسبي آهي (1446)

هتي اهو به ڏنو ويندو ته ست انگ لکڻ جا ٻيا نمونا به موجود آهن. هڪ نمونو ٽن سٽن ۾ ۽ ٻيو نمونو هڪ سٽ ۾ ڏسبو آهي. (1123 ،1466 ،3631) اها ساڳي ڳالهه ست انگ جي هن نموني ( ) ۾ به نظر ايندي. جنهن جي بدليل شڪل هڪ سٽ اندر هڪ ئي قطار ۾ نظر ايندي (ڏسو متن نمبر 2011)

**(ت) نشانين وارو مجلو**

هن قسم جو مجلو فقط 10 لکتن ۾ نظر ايندو. جن مان 6 موهن جي دڙي مان ۽ 4 هڙاپا مان لڌيون آهن. 6 لکتون همجورس مهرن تي آهن جن جي پٺئين پاسي ڳڙڪ واري بوٻبي نظر ايندي. متن هڪ سگهي ڊگهي

جي تصوير ۽ آهر جون بدليل شڪليون آهن (4 موهن جي دڙي ۽ 2 هڙاپا مان هٿ لڳل آهن.)

2 چوڪنڊين مهرن (2120 – 1435) تي نظر اينديون. مٿن ڪا به تصوير وغيره ڪا نه آهي. انهن مان هڪ (1435) ٻن پاسن واري آهي.

2 ننڍي چوڪنڊين ٽڪين (3866 – 3457) تي ڏسبيون، جيڪي ٻه پاسايون آهن. مٿن ڪا به تصوير نظر ڪا نه ايندي. (ٻئي هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن.)

اڳيان ايندڙ نشانين مان هنن نشانين  جي مختلف سياڻن جو پتو پوي ٿو.

(ج) (  ) نشانيءَ وارو مجلو

هي مجلو 9 لکتن اندر ڏسڻ ۾ ايندو. جن مان 4 موهن جي دڙي، 3 هڙاپا ۽ 2 لوٿل مان هٿ لڳيون آهن.

موهن جي دڙي مان هٿ آيل لکتون همچورس مهرن تي آهن. جن جي پٺئين پاسي ڳڙکن سان بوبنڙيون آهن ۽ مٿن هڪ سڱئي ڍڳي ۽ آهر جي تصوير آهي. لوٿل مان لڌل 2 لکتون (6018 - 6013) پڪل مٽي تي همچورس ٺپي جا نشان آهن. پٺئين پاسي تي ڳنڍڙين جا نشان نظر اچن ٿا. ڌيان ۾ رکڻ جوڳي اها ڳالهه به آهي ته هنن ٺپن تي نظر ايندڙ لکتون موهن جي دڙي جي مهر نمبر 2262 جي لکت جهڙيون آهن. هڙاپا مان لڌل (3833 - 3344) ٻه پاسائين چوڪنڊين ٺپيل ٽڪين تي آهن. جن مان هڪ (3446) ننڍڙي ٽڪي آهي. نشانين جي هن مجلي پنيان هيءَ پڇاڙي  يا ان جي بدليل شڪل  ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

اڳيان نظر ايندڙ علامتي نشانين مان هن نشاني (  ) جي مختلف سيائن جو پتو پوي ٿو يعني ڪڏهن منڍ واريون نشانيون  هن جي اڳيان ٻه ڏسبيون آهن (ڏسو لکت نمبر 8018، 6013، 2262، 2011)

### (د) هنن نشانين  وارو مچلو

هن قسم جو مچلو 4 لکتن ۾ ڏسجي ٿو، جن مان ٻه موهن جي دڙي ۽ ٻه هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن.

ٻنهي ماڳن تان هڪ لکت (2298-3238) اهڙي لڌي آهي جيڪا همچورس مهرن تي اڪريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جن تي ننڍن سڱن واري ڏاند جي تصوير اڪريل آهي. باقي ٻيون لکتون (2025-4130) چوڪنڊين مهرن تي آهن، جن تي ڪا به تصوير ڏسڻ ۾ ڪا نه ٿي اچي.

هي نشاني هنن سيني لکتن ۾ آخري پڇاڙي طور ڏسبي.

### (ذ) هنن نشانين  وارو مچلو

هن قسم جو مچلو ٻن لکتن تي مشتمل آهي، ٻئي لکتون هڙاپا مان مليون آهن، ۽ ٻه پاسايون ۽ ٽيپل ٽڪين جي صورت ۾ آهن. مٿن ڪا به تصوير ڪا نه آهي، هيءَ نشاني ٻنهي لکتن ۾ منڍ ۾ ڏسجي ٿي ۽ پڇاڙيءَ ۾  نشاني آهي.

### (س) اڪيليون لکتون

اهڙي قسم جون ٽي لکتون آهن، هڙاپا مان لڌل هڪ لکت ۾ اتڪ واري نشاني  جي اڳيان هي  نشاني ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان جي اڳيان

وري ٻچاڙيءَ ۾ نظر ايندڙ نشانيون  آهن. هتي انگ واري نشاني "ٻچاڙي" جي صورت ۾ ڏسجي ٿي. موهن جي دڙي مان لکت (نمبر 2793) لڌي آهي. جتي انگ واري نشانيءَ اڳيان منڊواريون نشانيون  ڏسجن ٿيون. پڻيان "ٻچاڙي" واري نشاني جي سڃاڻپ ڪا نہ ٿي سگهي. ٽين لکت (نمبر 7024) ڪاليبنگن مان هٿ لڳي آهي. نظر ايندڙ نشاني بنا ڪنهن شڪ جي "انگ" ڏيکاري ٿي. جنهن جي اڳيان  ۽ "ٻچاڙي" ۾  نشاني آهي.

(3) راءِ جو اظهار

هيٺ ٿيندڙ بحث جي نقطئہ نگاهہ کان هي ٺئي ستن انگن  واريون اڪيليون لکتون جن جو ذڪر 2 – س فقري ۾ اڳي چڪو آهي. تن ڪي اهميت نہ ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هنن تنهي مان ڪا بہ لکت اهميت جوڳو لکت جو ڪو مچلو ڪا نہ ٿي جوڙي. هن کان علاوه اهو بہ ڏٺو ويندو تہ هنن نشانين  وارن مچلن کان سواءِ ٻين نشانين وارن مچلن ۾ ست انگ  سيني لکتن سان مرڪب ناهي ٿو ۽ انهن مرڪبن جي ٻچاڙي هيءَ نشاني  يا ان جي بدليل شڪل  آهي. (9) هن حقيقت جي نقطئہ نظر کان هنن نشانين  واري مچلي جي اڳيان ڪا واضح نشاني يا نشانين جو مچلو ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي. مثال طور منڊ واريون جهڙوڪ هي  يا ان جي بدليل شڪل  (10)هن مچلي جي امڪاني اهميت کي ضرور ڌيان ۾ رکيو وڃي. هن مچلي وارين

نشانين کي اڳتي ايندڙ بحث ۾ شامل ڪونه ڪيو ويو آهي.

هن مرحلي تي اهو ويچارڻ به مناسب ٿيندو ته جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن وٽ انهن "سٽن مٿاهين جڳهين" جي لاءِ ڪو فقرو يا جملو هوندو جن بابت سنڌو لکت ۾ اهڃاڻ به ملن ٿا ته پوءِ امڪان آهي ته هنن نشانين جي مڃلن   ،  ،  ،  (  ) ۽    مان ڪو به هڪ يا ٻه ٽي ان فقري جي ضرور نمائندگي ڪندا هوندا.

ڪنيٿ ولسن (11) طرف اشارو ڏنو ۽ بحث ڪيو آهي ته سنڌ جي نشاني  ۽ سميرجي نشاني  ۽ ان جي بدليل شڪلين ۾ هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پوئينءَ نشانيءَ جو مفهوم شهر City ٻه قلعبند ماڳ آهي. جنهن باد-Bád جو صوتي ملهه ڏنو ويو آهي. ساڳيءَ ريت سنڌو لکت جي نشاني  ۽ سميرجي نشاني  ۾ ويجهڙائپ ڏسجي ٿي. ذڪر ڪيل پوئين نشاني جو مفهوم جبل آهي. جنهن کي ڪور Kur جو صوتي ملهه ڏنو ويو آهي (12) ميريگي (13) Meriggi ۽ هنٽر (14) Hunter سنڌو لکت جي هن نشانين  ٻين پراچين لکتن جي اهڙين نشانين وچ ۾ ساڳيائپ جو اشارو ڏنو آهي. سنڌن راءِ موجب اهڙيون نشانيون جبل، شهر يا بادشاهه جي نمائندگي ڪن ٿيون. سنڌو لکت جي هن نشاني  جهڙيون ٻيون ٻه سنڌو لکت جون نشانيون  ۽  آهن، جيڪي سميري نشانيءَ  جهڙيون آهن. اهي ٻئي نشانيون سميري نشاني يا ٻين نشانين سان هڪ جهڙائي رکڻ جي نقطه نگاهه کان يا نشاني جي پنهنجي شڪل صورت سبب هيءَ نشاني 

ڪنهن اڻ ڄاتل لفظ جي نمائندگي ڪري ٿي. جنهن جي معنيٰ جبل يا مٿاهين جڳهه آهي. تنهن ڪري هن حقيقت جي آڌار تي اهو ويچاري سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن سنڌو لکت ۾ "ستن مٿاهين جڳهن" ڪو فقرو آهي تہ ان جي نمائندگي نشانين جو هڪ يا وڌيڪ مجلو ڪندو هوندو. جنهن جو ذڪر باب 2 ۾ مٿي ٿي چڪو آهي. قوي امڪان آهي تہ ان فقري جي نمائندگي نشانين جا ٻہ مجلا جهڙوڪ  ۽  ڪندا هوندا.

امڪان آهي تہ نشانين جي اتهن تنهي مجلن مان هڪ مجلي  جو مفهوم ضرور اهو ساڳيو هوندو. هن ڳالهہ کي ضرور ڌيان ۾ رکيو وڃي تہ هن نشاني  ۽  ۾ فرق اهو آهي تہ هن  کي ابتو ڪري هن ريت  لکيو ويو آهي ۽ ٻاهرئين طرف نظر ايندڙ اڙيون اندرئين طرف موڙيون ويون آهن ۽ نشاني هن ريت  ٿي پئي آهي. اڳتي هلي مذڪوره نشاني هي شڪل  اختيار ڪري وئي آهي. ساڳيو مثال هن نشانيءَ  جو بہ آهي. جيڪا هن  جي بدليل شڪل آهي. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ اهي نشانيون  جي سادي صورت آهن جنهن مان هيٺيون نشانيون ڪڍيون ويون آهن.

هن حقيقت جي نقطئہ نگاهہ کان سنڌو لکت ۾ هن فقري "ستن مٿاهين جڳهن" جي نمائندگي ٻن جدا لکتن وسيلي ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ لکت جو پهريون مثال هي  جنهن جو مفهوم آهي "ست

مٿاهيون جڳهون" ٻي لکت هي  آهي جنهن جو مفهوم آهي "مٿاهيون جڳهيون ست" هر ڪو ماڻهو اندازو ڪري سگهندو ته "مٿاهين" جي ساڳيءَ معنيٰ لاءِ مختلف لفظ ڪتب آڻيندا ويا آهن. اهو فرق، سميري لفظ باد - امين ۽ هند - ايراني لفظ هپت هندو ۽ سپت سنڌو ڪي پيٽائي ڏسڻ سان معلوم ٿي سگهي ٿو جن جو مفهوم ٻه "ست مٿاهيون جڳهيون" آهي. اها مشابهت فقط مثال طور پيش ڪئي وئي آهي.

## (4) ٺامي جون ٺڪيون ۽ مٽن لکت

هيءَ ذڪر اڳئي اچي چڪو آهي ته جن نشانين جي مڃلن تي باب 2 ۾ بحث ڪيو ويو آهي سي ٺامي جي ٺڪين تي ٻه ڏنا ويا آهن. اها ٻه حقيقت آهي ته ڪي ٺڪيون پٿر ۽ پڪل مٽيءَ بدران ٺامي مان جوڙيون ويل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته اهڙيون پٿر ۽ مٽي واريون ٺڪيون اهم هونديون جيڪي لکت جي موضوع ۽ اهميت يا ٻنهي سببن ڪري وڪريون ۽ نراليون ٻه هونديون. هن حقيقت جي پٺڀرائي هن ڳالهه مان ٻه ٿئي ٿي ته 2958 مهرن ۾ ٺڪين مان ٺامي جي مذڪوره ٺڪين جو انگ رڳو 233 آهي، جن مان 2000 ته پٿر جون مهرون آهن. هن کان علاوه ٺامي تي نظر ايندڙ تصويرون پٿر جي مهرن تي ڏسڻ ۾ ايندڙ تصويرن کان نراليون آهن. (وڌيڪ لاءِ ڏسو اڳتي) اهڙيءَ ريت اهو اندازو ٻه ڪري سگهجي ٿو ته ٺامي هي ٺڪين تي جيڪا لکت نظر اچي ٿي سا، ٿي سگهي ٿو ته اها ڄاڻ ڏيندي هجي ته ٺڪين جي مذڪوره مجموعي جي اهميت ڪهڙي سبب آهي.

مٿي اهو ٻه ذڪر ڪيو ويو آهي ته ٺامي جي ٺڪين واري لکت نشانين جا ٻه مڃلا اهڙا آهن. جيڪي انگ ست  جي نمائندگي ڪن

ٽا. انهن مان پهرين لکت هي  آهي. (ڏسو باب 2 - الف جو ڀاڱو ii ) اها لکت ٽامي جي ٽن ٽڪين تي نظر اچي ٿي. ٻي لکت هيءَ  آهي (ڏسو باب 2 الف – ڀاڱو iii ) جيڪا ٽامي جي 15 ٽڪين تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مٿن نظر ايندڙ تصوير ۽ سندن اهميت ڪي مٿي بيان ڪيو ويو آهي. (ڏسو باب 2 الف ڀاڱو iii) جيڪا ٽامي جي 15 ٽڪين تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مٿن نظر ايندڙ تصويرون ۽ سندن اهميت ڪي مٿي بيان ڪيو ويو آهي (ڏسو باب باب 2 الف ڀاڱو ii ۽ iii) ٽامي جي ٽڪين تي نظر ايندڙ نشانين هي جو مڇلو  آهي جنهن ۾ هي نشاني  ڏسبي. هن بابت مٿي بحث بہ ڪيو ويو آهي. مذڪوره مڇلو ٽامي جي 31 ٽڪين تي نظر اچي ٿو ۽ سيئي موهن جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. انهن مان 27 ٽڪين تي هن قسم   لکت ڏسبي مٿن هڪ ڏاند جي تصوير آهي. جنهن جو سڱ چوڙيدار ڪنڌ واري جهلي Dewlap ڀڄ اپو ۽ آڏو آهر رکيل اٿس. هيءَ طرز سنڌو لکت جي 3000 مٿنن مان فقط 30 تي ڏسڻ ۾ ايندي. انهن مان ٻن ٽڪين (339-1597) جي لکت هيءَ  آهي. مٿن گينڊي جي تصوير اڪريل آهي. سنڌو لکت جي ساري مجموعي اهڙي طرز جي لکت فقط 29 عدد آهي. انهن 31 مان باقي رهيل ٻن (341 – 340) جي لکت هن ريت  آهي ۽ مٿن ڪا بہ تصوير ڏسڻ ۾ ڪا نہ ايندي. هي ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ ٽامي جي ٽڪين کان سواءِ لکت جو هنن نشانين  وارو مڇلو 9 ڀيرا ڏسڻ ۾ آيو آهي.

سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ هيءُ مچلو 40 ڀيرا ڏٺو ويو آهي، جن مان فقط 2 ڀيرا هڙاپا ۾ نظر آيو.

مٿي، 2 الف ii. فقري ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ منڊين واري ڏند ڪٽائي جانور جي تصوير 14 شين تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ مٿن هي لکت  اڪريل آهي. باقي رهيل 11 طرزون ٽامي جي ٽڪين تي نظر اينديون ۽ انهن سيني تي   نظر اچي ٿي ۽ انهن جي اڳيان ايندڙ نشانيون هي  آهن ۽ اهي سڀ موهن جي دڙي مان مليون آهن. سنڌو لکت جي هن قسم جي  مچلن مان ٽامي جي ٽڪين تي بہ مثال اهڙا آهن. جن تي ڪتي جي تصوير نظر اچي ٿي. هن قسم جي تصويري طرز سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ 9 ڀيرا ڏٺي وئي آهي. اهڙيون 10 وڏيڪ لکتون ٽامي جي مختلف ٽڪين تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. يعني ٽامي جي ٽڪين تي هن قسم جي مچلي واري لکت 23 ڀيرا نظر آئي آهي ۽ سڀ موهن جي دڙي مان مليون آهن. لکت جي هن قسم  جو مچلو ٽامي جي ٽڪين کان سواءِ بہ 12 ڀيرا نظر آيو آهي ۽ 35 مان فقط هڪ مثال هڙاپا مان مليو آهي. هن ساري بحث مان چڱي ريت اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ٽامي جي ٽڪين تي جيڪي امتيازي طرز واريون تصويرون نظر اچن ٿيون سي ان امتيازي شيءِ ڪري بہ مختلف آهن. جنهن تي اهي اڪريل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

اسان وري موٽي نشانين هن مچلي  ڏانهن اچون ٿا

جيڪو ٽامي جي ٽڪين تي تمام گهڻو نظر آيون آهن. هن نشاني  ۽ انجي بدليل شڪل  جي صرفيات Morphology ڪي سميري لکت جي هن  نشاني يا اهڙين ٻين نشانين سان ڀيٽائي ڏسڻ ڪبي. ذڪر ڪيل ٻنهين نشانيءَ جي معنيٰ تيرٿ Shirne يا راجا جو تخت Thorne آهي. جنهن جو صوتي ملهه بار Bar ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ ريت هيءَ نشاني  سميري لکت ۾ نظر اچي ٿي. جيڪا اپي قسم جي مهر تي اڪريل آهي. چيو ويندو آهي ته هن شيءِ تي اينڪي Enki ديوي ويٺل آهي. اهڙيءَ ريت ڪنهن حڪمران يا تخت جو هڪ امڪاني مفهوم ملي وڃي ٿو اسان مٿين باب 3 ۾ اهڙو بحث ڪري آيا آهيون ته سنڌو لکت جي نشانيءَ  ۽  ۾ فرق اهو آهي ته ذڪر ڪيل ٻنهيءَ نشانيءَ جي ٻاهريون اڙيون اندر تي موڙيون ويون آهن ۽ ساڳي ڳالهه سمير جي نشاني  ۽ سنڌو لکت جي نشاني  لاءِ به سمجهڻ ڪبي. هن ڳالهه جي آڌار تي جڻي سگهجي ٿو ته سنڌو لکت جي نشاني ۽ ان سان هڪ جهڙائي رکندڙ سميري نشاني هڪ اهڙي اڻ ڄاتل لفظ جي نمائندگي ڪن ٿيون. جنهن جي معنيٰ شاهي تخت يا بادشاهه آهي. هن جو مطلب اهو هرگز ڪو نه آهي ته اهڙو سنڌي لفظ صوتي طور سميري لفظ سان هڪ جهڙائي رکندو هوندو ۽ هن جو مطلب اهو به وٺڻ نه گهرجي. ته نشانيون جن لفظن جي نمائندگي ڪري رهيون سي سنڌي ۽ سميري شڪل صورت ۾ مستقل طور رهندا آيا هوندا.

## (5) ٻڄاڙ واري نشاني 

هنن هن نشانيءَ بابت شروعاتي بحث ۾ پنهنجي خيال جو حتمي اظهار ڪندي، واضح طور ٻڌائي ٿو ته هيءَ نشاني جملي جي آخري پڇاڙي آهي، پر جيڪڏهن ڪا ٻي هن  جي پٺيان اچي ٿي ته سمجهڻ گهرجي ته ڪو نئون جملو شروع ٿئي ٿو هن کان علاوه هيءَ نشاني ڪليل پد Open Syllable جي به نمائندگي ڪري ٿي. ان کان سواءِ قطعي پڇاڙي Determinative هجڻ بدران جوڙ affex يا suffix هوندي آهي. ڪيترن محققن هن نشانيءَ کي حالتن جي پڇاڙي Case-ending سمجهيو آهي. مثال ميرگي حالت اضافت Genitive Case جي پڇاڙي سمجهي ٿو. پرپولا جو به ساڳيو خيال آهي. سنڌو لکت ۾ هيءَ نشاني تمام گهڻي ڏني وئي آهي. پرپولا جي جوڙيل فهرست جي سٺ صفحن تي پکڙيل ڏسبي. ڳاڻاٽي موجب سنڌس انگ 1500 جي لڳ ڀڳ ٿيندو جيڪو ڌار ڌار متنن ۾ موجود نظر اچي ٿو. قوي مڪان اهو آهي ته هيءَ نشاني حالتن جي پڇاڙيءَ طور ڪم ايندي هئي. اهو سلسلو ميسوپوٽاميا. هندستان جي پوئين دور جي مهرن ۾ هندستان جي سڪن جي تحرير ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جتي هيءَ نشاني عدد واحد لاءِ حالت اضافت طور ڪم ايندي هئي. تحقيقي مفروضي موجب هيءَ راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي ته مذڪوره نشاني عدد واحد جي حالت اضافت واري پڇاڙي جو پويون جوڙ Suffexation آهي.

آخري پڇاڙي واري هيءَ نشاني هن   شڪل ۾ به نظر آئي آهي. هن نشانيءَ جي پوئين شڪل صورت جي نقطهٔ نظر کان

هنتر پڌائي ٿو تہ نشاني هن نشانيءَ جي بدليل صورت آهي ۽ هميشہ جي پٺيان ڏسڻ ۾ ايندي آهي ۽ ڪڏهن هن اڪيلي ڪا نہ ڏني آهي هن کان علاوه نشانين جو هيءَ مڃلو هن نشاني جي هڄي جي بہ نمائندگي ڪري ٿو. سنڌو لکت جي پرپولا ڪنڪارڊنس موجب هنن نشانين جو انگ 155 آهي جن مان 6 متنن ۾ هيءَ نشاني هن ڪان اڳيان نظر آئي آهي. لکت جي سلسلي مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ مذڪوره نشاني هن جي ئي شڪل آهي. مثال طور X8 . X27 سانگي سان هن حقيقت کي بہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ هن نشانين جي مڃلي جاگرافيائي بنيادن تي بہ جاچڻ پرکڻ گهرجي. مثال طور نشانين جو هيءَ سلسلو موهن جي دڙي ۾ 107، هڙاپا ۾ 36 ۽ ٻين هنڌن تان 10 عدد هٿ لڳو آهي يعني موهن جي دڙي مان هيءَ سلسلو 1784 شين تي ڏٺو ويو. جيڪو 55.7٪ ۽ هڙاپا ۾ 1162 شين تي نظر آيو جيڪو 36.3٪ ٿئي ٿو. قوي امڪان اهو آهي ۽ ساڳيءَ ريت تحقيقي مفروضي وسيلي بہ اها ڄاڻ ملي ٿي تہ لکت جو هيءَ سلسلو ڪنهن تبديل ٿيل شڪل جي نمائندگي ڪري ٿو يا عدد واحد جي حالت اضافت جي بچاڙيءَ جي ئي شڪل آهي.

## (6) لکت جا نمونا

گذريل بابن ۾ ٿيل بحث جي بنياد تي سنڌو لکت جي نموني ۽

ان جي مفهوم بابت ڪجهہ چوڻ ممڪن ٿي پيو آهي. اهي لکتون جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل جدول ۾ بيان ڪيون ويون آهن ۽ باب 2 ۾ ڪين جاچيو پرکيو بہ ويو آهي. تن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ جتي نشانين جو مجلو "ستن مٿاهين جڳهن" جو مفهوم ڏيکاري ٿو اتي  يا   پڇاڙي ضرور نظر ايندي آهي. ان پڙهڻي جي معنيٰ ٿيندي.

**(تعلق رکي ٿو يا اچي ٿو) "ستن مٿاهين جڳهن کان"**

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ جڻ سيني لکتن جو مفهوم اهو آهي. انهن لکتن جو واضح مفهوم اهو نڪري ٿو تہ اهو خاص علائقو، جنهن سان ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا واپاري مال جو تعلق آهي.

هيءَ لکت  خاص ڪري ٽامي جي ٽڪين تي نظر اچي ٿي ۽ سندس موهن جي دڙي سان تعلق آهي. مٿي ٿيل بحث جي آڌار تي هيءَ معنيٰ ٿي سگهي ٿي.

**"(تخت يا) راجا جو مٿاهون ماڳ"**

هيءَ لکت موهن جي دڙي واري علائقي تائين محدود آهي. اها لکت هڪ امتيازي حيثيت رکي ٿي ۽ ٽامي جي ٽڪين تي لکيل آهي (هن بابت باب 4 ۾ بحث ڪيو ويو آهي) هن لکت بابت هيءَ راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ "راجا جو مٿاهون ماڳ" هڪ خاص نالو آهي يا موهن جي دڙي جو هڪ نالو ٿي سگهي ٿو . اهڙا ساڳيا مثال اسان کي سنسڪرت ۾ بہ نظر اچن ٿا. مثال طور راج گرهہ Raja-grha گيري ورج Giri-vraja ۽ راج گيري Raja-giri جن جي ڌار ڌار معنيٰ هن ريت آهي "راجا جو گهر" ، "ڳٽن جي واڙي وارو جبل". "راجا وارو جبل" اهي هندستان جي تاريخ جي مختلف دورن ۾ نظر ايندڙ مختلف راڄڌانين جا نالا آهن.

### (7) نتيجو

هن باب جي اڀياس ۽ بحث مان هيءَ ڄاڻ ملي آهي ته سنڌو لکت جي ڪن نشانين مجلن جو مفهوم ڪن نالن جو اهڃاڻ ڏئي ٿو ۽ اهي نالا سنڌو سڀيتا جي ڪن جاگرافيائي ايراضين يا ڪن شهرن جا هوندا. انهن مان خاص طور تي ٻه نالا جن مان پهريون "ست مٿاهيون جڳهيون" آهي، جنهن بابت باب 2 ۾ بحث ڪيو ويو آهي، ٻيو نالو "راجا جي مٿاهين جڳهه" آهي، جنهن جي نمائندگي هي نشانيون  ڪن ٿيون جنهن جي معنيٰ "موهن جو دڙو" ڪڍي وئي آهي (ڏسو باب 4 ۽ 6)

ان سان گڏ باب پنجين ۾ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي ته قلعو پڇاڙي واري نشاني  يا ان جي تبديل ٿيل شڪل   حالتن جي پڇاڙي جي پڇاڙي ڏيکاريندڙيون آهن. نتيجي طور ڪا ٻه نشاني يا نشانين جو مجلو جيڪو هنن نشانين جي بلڪل اڳيان اچي ٿو، سو حالت خاص ڏيکاري ٿو، يعني اهو هڪ قسم جو اسم خاص آهي. جيڪڏهن ڪا نشاني يا نشانين جو ڪو مجلو انهن پڇاڙي وارين نشانين جي اڳيان ڏسڻ ۾ اچي ته پوءِ سمجهڻ کپي ته نشانيءَ يا نشانين جي مجلي جي معنيٰ فقط اسم خاص هوندي آهي. قوي امڪان اهو آهي ته اهو اضافي معلومات ڏانهن اشارو آهي جهڙوڪ ڪو عهدو، لقب، ڪنهن کاپي جي شيءِ، جو نالو يا ڪنهن جاگرافيائي خطي جو نالو وغيره.

جيئن ته ٻن نالن مان پتو پيو آهي ته اهي جاگرافيائي خطي جا نالا آهن، تنهن ڪري هن قسم جي نتيجي جو ڄڻ هڪ جواز پيدا ٿئي ٿو ته ڪي ٻيون نشانيون يا نشانين جا مجلا جيڪي سنڌو لکت سان لاڳاپيل

آهن ۽ قطعي پڇاڙي واري نشاني  جي هڪدم اڳيان نظر ايندا آهن تن جو مفهوم ڪن ٻين جاگرافيائي خطن يا شهرن جي نالن جو اهڃاڻ ڏيندو هوندو. اهڙيءَ ريت ان لکت جو نمونو ان شهر يا خطي ڏانهن اشارو ڪندو هوندو جنهن سان ان خاص واپاري مال جو تعلق هوندو يا ان مال سان ٻڌل مهر جي مالڪ ڏانهن اشارو هوندو يا ان تعلق ۽ مقصد ڏانهن اهڃاڻ هوندو. جنهن تعلق ۽ مقصد خاطر مهر ڪتب آندي وئي آهي.■

باب ٽيون

#  سان گڏ نظر ايندڙ پهريَنِ مُچلن جا قسم

اڳئين باب جي پڄاڻيءَ ۾ اهو نتيجو ڪڍيو ويو هو ته اهي نشانيون يا نشانين جا اهڙا مچلا جيڪي پڇاڙي واري نشاني  جي اڳيان نظر اچن ٿا. سي جاگرافيائي خطن ۽ شهرن جا نالا آهن. هن باب ۾ انهن نشان يا نشانين جي اهڙن مچلن جو ذڪر ڪيو ويندو. جن تي اڳئين باب ۾ بحث ڪو نه ڪيو ويو آهي ۽  يا هن جي بدليل شڪل  جي اڳيان ڏهه يا ان کان وڌيڪ لکتن ۾ ڏنو ويو آهي. ڏهن لکتن وارو انگ هڪ اندازي موجب قائم ڪيو ويو آهي. پر موجوده صورت حال جي نقطهٔ نگاهه کان هيءُ انگ مناسب ۽ معياري ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن سان نشانين يا نشان جي مچلي جي گهٽ انگ اڪيلو ڪري بيهاري سگهجي ٿو. اهڙي قسم جون نشانيون يا نشانين جا مچلا ڪن اهم نالن يا معلومات جو اهڃاڻ ڏين ٿا. پر جيڪڏهن انهن جو انگ ڏهن کان گهٽ هجي ها ته اهڙو مفهوم ڪڍي ڪو نه سگهجي ها. هر هڪ نشانيءَ يا نشانين جي مچلي کي سنڌو لکت جي ساري ڪنڪارندرز ۾ انهن جي ورجاءَ جي انگ مطابق جاچيو پرکيو ويندو ۽ جن علائقن مان اهڙيون

لکتون لڌيون ۽ جن شين تي لکيل مليون آهن. ان مطابق سنڌن ورهاست ڪئي ويندي. (جهڙوڪ مهرون، ٽامي جو ٽڪيون وغيره)

هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته هن باب ۾ جيڪا ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويندي، تنهن جو اڳئين باب ۾ ڪيل اشارن ۽ نتيجن سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪو نه هوندو ته فلاڻين نشانين ۽ فلاڻن مجلن جو مفهوم هي يا هي آهي. هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ شبهو ته آهي ئي ڪو نه ته سنڌو لکت ۾ هيءَ نشاني  وڏي اهميت رکي ٿي. تنهن ڪري انهن نشانين يا نشانين جي مجلن جي فهرست جوڙي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي، جيڪي ان پڇاڙي واري نشاني  جي اڳيان ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ان کي پنهنجي نرالي وجودي اهميت مطابق خاص حيثيت ڏني ويندي، جيڪا سنڌس امڪاني مفهوم لاءِ ڪنهن اندازي ۽ انومان کان بلڪل آزاد هوندي. اهڙيءَ ريت سنڌو لکت ۾ موجود اهڙين نشانين ۽ نشانين جي مجلن جي ڪردار بابت ڪي اشارا به ممڪن ٿي پوندا پر انهن جي امڪاني معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ ڪو به اندازو يا انومان ڪو نه ڪيو ويندو. هن باب جي مکيه ڀاڱي ڪي مٿي بيان ڪيل اصولن جي روشنيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

**(1) سنڌو لکت جون اهي نشانيون جيڪي پڇاڙي واري هن نشاني  جي اڳيان اينديون آهن.**

اڳئين باب ۾ حاجيل پرکيل نشانين کان سواءِ 4 نشانيون اهڙيون آهن، جيڪي ڏهن يا ڪجهه وڌيڪ لکتن ۾ پڇاڙي واري نشاني  يا

هن جي مکيہ تبديل ٿيل شکل  جي اڳيان نظر ايندين آهن. ڪي نشانيون وري اهڙيون بہ آهن جيڪي نشانين جي مجلن جا جزا يا ڀاڱا هوندا آهن. انهن نشانين کي هن باب جي ڀاڱي 3 ۾ جاچيو پرتاليو ويو آهي. مٿي بيانيل 24 نشانين کي هتي ترتيب وار پيش ڪري سندن چند چاڻ ڪئي ويندي ۽ مٿن تبصرو ڀاڱي 2 ۾ ڪيو ويندو.

(الف) نشاني 

هيءَ نشاني ڪل 95 لکتن ۾ ڏسجي ٿي. جن مان 64 موهن جي دڙي ، 27 هڙاپا، 3 چانهون جي دڙي، 2 لوٿل ۽ 1 سنڌو سيپتا جي اڻ ڄاتل ماڳ تان هٿ لڳي آهي. منجهائن 8 لکتون ٽامي جي ٽڪين تي آهن، جيڪي سڀ موهن جي دڙي مان لڌيون ويون آهن ۽ 2 هڙاپا جي ننڍين ٽڪين تي نظر آيون آهن.

باقي رهيل لکتن مان 1، ٺپي تي ۽ 1 جڪي Dice تي نظر آئي. باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون.

(ب) نشاني 

هيءَ نشاني ڪل 36 لکتن ۾ ڏٺي وئي، جن مان 14 موهن جي دڙي، 14 هڙاپا، 1 ڪاليبنگن ۽ 1 لوٿل مان ملي.

2 لکتون ننڍين ٽڪين 1 تي لکيل آهن ۽ ٻئي هڙاپا مان مليون آهن، جن مان هڪ ٺڪر تي ۽ هڪ عاج جي ڏٽي تي نظر آئي. باقي ٻيون ڪي مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

(پ) نشاني 

هيءَ نشاني 17 لکتن ۾ نظر آئي آهي. جن مان 13 موهن جي دڙي، 3 هڙاپا، هڪ چانهونءَ جي دڙي هڪ هڙاپا جي ننڍين ٽڪن ۽ باقي ڪي ٽڪين يا مهرن تي ڏٺيون ويون.

(پ) نشاني 

هي نشاني 13 لکتن ۾ ڏٺي وئي، جن مان 8 موهن جي دڙي ۽ 5 هڙاپا مان مليون آهن.

هڪ لکت هڙاپا جي ننڍن ٽڪين تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، باقي ٻيون ڪي مهرن تي ۽ ڪي ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

(ت) نشاني 

هيءَ نشاني ڪل 35 لکتن تي نظر آئي آهي، جن مان 23 موهن جي دڙي 11 هڙاپا ۽ 1 لوٿل مان هٿ لڳي آهي. هڪ موهن جي دڙي مان مليل ٽامي جي ٽڪيءَ تي لکيل آهي. هڪ ٺڪر تي ڏسجي ٿي، باقي ٻيون ڪي مهرن ۽ ٽڪين تي نظر اينديون.

(ٿ) نشاني 

هيءَ نشاني 20 لکتن تي نظر آئي آهي، جن مان 17 موهن جي دڙي مان 3 هڙاپا مان ۽ هڪ چانهون جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. 3 موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي لکيل آهن باقي ٻيون مهرن تي نظر اينديون.

(ٽ) نشاني 

هيءَ نشاني 10 لکتن تي نظر آئي آهي، جن مان 5 موهن جي دڙي 3 هڙاپا ۽ هڪ چانهونءَ جي دڙي مان ملي آهي. سيئي مهرن يا ٽڪين تي ڏسڻ ۾ آيون آهن.

(ٺ) نشاني 

هي نشاني 16 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي، جن مان 12 موهن جي دڙي 3 هڙاپا ۽ هڪ لوٿل مان هٿ لڳي آهي. منجهائن ٽي ٽامي جي ٽڪين تي موهن جي دڙي مان مليون آهن. هڪ هڙاپا مان لڌل ننڍين

ٽڪين تي نظر آئي آهي. هڪ لوٿل مان لڌل هڪ ٺپي تي ڏٺي وئي. باقي ٻيون ڪي مهرن ۽ ڪي ٽڪين تي آهن.

(ث) نشاني 

هيءَ نشاني 18 لکتن ۾ نظر آئي آهي. جن مان 13 موهن جي دڙي، 3 هڙاپا، 2 چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. منجهائن 9 موهن جي دڙي مان مليل ٽامي جي ٽڪين تي نظر اينديون. هڪ هڙاپا مان لڌل ننڍين ٽڪين تي ڏٺي وئي. باقي مهرن تي لکيل ڏٺيون ويون.

(پ) نشاني 

هيءَ نشاني 12 لکتن تي ڏٺي وئي آهي. جن مان 9 موهن جي دڙي 2 هڙاپا هڪ چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. هڪ چانهون جي دڙي مان لڌل هڪ ٺڪر تي ڏٺي وئي. باقي ٻيون مهرن تي نظر آيون.

(ڦ) نشاني 

هيءَ نشاني 42 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي. جن مان 16 موهن جي دڙي، 23 هڙاپا، هڪ چانهون جي دڙي ۽ هڪ سنڌ جي اڄاتل ماڳ تان هٿ لڳي. منجهائن 12 هڙاپا مان لڌل ننڍين ٽڪين. هڪ ٺڪر تي باقي ٻيون ٽڪين ۽ مهرن تي ڏٺيون ويون.

(ج) نشاني 

هيءَ نشاني 37 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي. جن مان 30 موهن جي دڙي ۽ 7 هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن. منجهائن 17 موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي ڏٺيون ويون ۽ 2 هڙاپا جي ڪوٽائي مان مليل ننڍين ٽڪين تي نظر آيون. باقي ٻيون مهرن تي لکيل آهن.

نوٽ: 11 موهن جي دڙي مان مليل ٽامي جي ٽڪين تي آهن. جن تي ڪان ڪمان وارو ٻج سان ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ اهڙين تصويرن واريون لکتون 12 شين ۾ نظر اينديون.

## (ڃ) نشاني  (ءُ ان جي بدليل شڪل)

هيءَ نشاني 24 لکتن ۾ نظر اچي ٿي، جن مان 14 موهن جي دڙي، 8 هڙاپا ۽ 2 لوٿل مان هٿ لڳيون آهن.

2 هڙاپا مان لڏل ننڍين ٽڪين تي نظر اينديون. هڪ لوٿل مان لڌل ٽپي ۽ باقي ٻيون مهرون ۽ ٽڪين تي ڏنيون ويون.

## (جھ) نشاني 

هيءَ نشاني 38 لکتن تي نظر آئي. جن مان 35 موهن جي دڙي ۽ 3 هڙاپا مان مليون. 13 موهن جي دڙي مان مليل ٽامي جي ٽڪين تي نظر اينديون. هڪ هڙاپا جي ننڍين ٽڪين تي آهي. باقي ٻيون مهرن تي نظر اينديون.

**نوٽ:** MD 13 ٽڪيءَ تي هاٿيءَ جي تصوير آهي. هن قسم جي تصوير جو نمونو سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ 59 پيرا ڏنو ويو آهي.

## (ڃ) نشاني 

هيءَ نشاني 12 لکتن ۾ نظر آئي، اهي جن مان 6 موهن جي دڙي مان، 5 هڙاپا ۽ هڪ ديسال پور مان هٿ لڳي آهي. هڪ مٽ تي ڏسڻ ۾ آئي. باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي آهن.

## (ڄ) نشاني 

هيءَ نشاني 99 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي، جن مان 46 موهن جي دڙي، 47 هڙاپا، 2 چانهون‌ءَ جي دڙي، 2 ڪاليبنگن، هڪ لوٿل ۽ سنڌ سيپتا جي اڻ سڃاتل ماڳ تان هٿ لڳي آهي.

منجهائن 11 موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي نظر اينديون، 36 هڙاپا جي ننڍين ٽڪين تي ڏسبيون. هڪ عاج جي ڏٽيءَ هڪ ٽڪر، چٽساليءَ واري ٺڪر جي ٿانو، هڪ مٽ ۽ باقي ٻيون مهرن ۽

ٽڪين تي ڏسڻ ۾ ايندين.

**نوٽ:** ٽامي جي ٽڪين مان 6 تي هرڻ جي تصوير آهي. سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ اهڙين تصويرن وارين لکتن جو انگ بس اهو آهي. هڙاپا مان لڌل سڀ لکتون گهڻو ڪري تصوير کان خالي آهن.

## (ج) نشاني 

هيءَ نشاني 17 لکتن ۾ نظر آئي آهي. جن منجهان 11 موهن جي دڙي، 3 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي، 1 لوٿل ۽ 1 سنڌو سڀيتا جي اڻ سڃاتل ماڳ تان هٿ لڳي.

هڪ مَٽ تي باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏسڻ ۾ آيون.

## (ح) نشاني 

هيءَ نشاني 16 لکتن ۾ نظر آئي آهي. جن مان 12 موهن جي دڙي، 3 هڙاپا ۽ 1 چانهون جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. منجهائن 15 مهرن تي باقي ٻيون ٽڪين تي آهن.

## (خ) نشاني 

هيءَ نشاني 13 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي. جن مان 12 موهن جي دڙي ۽ 1 هڙاپا مان لڌي آهي. منجهائن 11 مهرن تي ۽ 1 هڙاپا وارين ننڍين ٽڪين تي ڏٺي وئي.

## (د) نشاني 

هيءَ نشاني 48 لکتن ۾ موجود آهي. جن مان 36 موهن جي دڙي، 11 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. 10 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٽامي جي ٽڪين تي، 5 هڙاپا مان لڌل ننڍين مهرن تي، 1 ٺپي جي نشانين، 1 ٺڪر تي، 1 چانهون جي دڙي مان لڌل ننڍين ڪنجهي جي هڪ اوزار تي لکيل ڏسڻ ۾ آئي. باقي ٻيون مهرن يا ٽڪين تي ڏٺيون ويون.

**نوٽ:** منجهائن هڪ ٽامي جي مهر اهڙي آهي. جنهن تي ڍڳي جي تصوير

آهي، جنهن جا چوڙيدار سڱ، ڪنڌ هيٺان لڙڪندڙ جهلي، مٿي پڇ ۽ آڏو آهر ڏسجي ٿي. اهڙي تصوير 30 شين تي نظر ايندي جن مان 27 تي هيءَ  لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي (وڌيڪ لاءِ ڏسو باب 2) ٽامي جي ٻين 7 ٽڪين تي مينهن جي تصوير آهي ۽ اهڙي تصوير 21 شين تي ڏسجي ٿي.

**(ڏ) نشاني** 

هيءَ نشاني 15 لکتن ۾ ڏسجي ٿي.

نوٽ: هتي هيءَ نشاني هن مجلي  کان علاوه آهي جنهن تي باب 2 ۾ بحث ڪيو ويو آهي. جتي هي نشاني 28 ڀيرا نظر آئي آهي. مٿي ذڪر ڪيل 5 لکتن مان 11 موهن جي دڙي، 2 هڙاپا، 1 ڪاليبنگن ۽ 1 موهن جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. 4 موهن دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي نظر آيون. جن تي گينڊي جي تصوير آهي، 1 ٽڪر تي، 1 مٺ تي ۽ باقي ٻيون مهرن تي نظر ايندين.

**(ڏ) نشاني** 

هيءَ نشاني 36 لکتن ۾ نظر اچي ٿي. جن مان 20 موهن جي دڙي، 14 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي، 1 ڪيش Kish (وچ مشرق) مان لڌي آهي. اهڙيون ست نشانيون هڙاپا مان لڌل ننڍڙين ٽڪين تي ڏسجن ٿيون، باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي نظر ايندين.

**(ڊ) نشاني** 

هيءَ نشاني 15 لکتن ۾ نظر اچي ٿي جن مان 7 موهن جي دڙي، 7 هڙاپا ۽ 1 ڪاليبنگن مان هٿ لڳي آهي. سڀئي مهرن يا ٽڪين تي آهن.

(ڊ) نشاني 

هيءَ نشاني 15 لکتن تي ڏٺي وئي آهي. جن مان 12 هڙاپا مان مليون آهن. سيني لکتن ۾ پڇاڙي واري هن نشانيءَ  بدران سنڌس بدليل شڪل  ڏسبي آهي.

مٿي ڏنل سيئي 12 نشانيون هڙاپا مان لڌل ننڍين ٽڪين تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جن مان هڪ تي ڪا تصوير نظر ڪانه ايندي. باقي 11 تي سيسر جي تصوير آهي. جنهن جي وات ۾ مڇي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تصوير جي هيءَ طرز ساري سنڌو لکت جي 39 شين تي نظر ايندي. جن مان 5 تي هن مچلي  جون نشانيون آهن (ڏسو باب 2 جو ڀاڱو 26) اهي سڀ جون سڀ هڙاپا مان مليون آهن. باقي رهيل ٽن مان ٻه موهن جي دڙي جي مهرن تي ۽ هڪ لوٿل جي ٿپن تي نظر اچي ٿي.

(ڏ) نشاني 

هيءَ نشانيءَ 12 لکتن تي نظر اچي ٿي. جن مان 5 موهن جي دڙي. 6 هڙاپا ۽ 1 ڪاليبنگن مان هٿ لڳي آهي.

5 نشانيون هڙاپا مان لڌل ننڍين ٽڪين تي ۽ باقي مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺي وئي.

(ر) نشاني 

هيءَ نشاني 24 لکتن تي نظر آئي آهي. جن مان 15 موهن جي دڙي. 6 هڙاپا 1 چانهون‌ءَ جي دڙي. 1 جهڪرِ ۽ 1 لوٿل مان ملي آهي.

منجهائن هڪ عاج جي ڏني تي باقي رهيل مهرن ۽ ٽڪين تي ڏنيون ويون آهن. هن  ۽ هن  نشانيءَ جي ورجاءَ تي ڏيان ڏيڻ

گهرجي. ڪڏهن اهي نشانيون هڪ آزاد لفظ جي شڪل ۾ ست انگ 
واري مرڪب ۾ ڪو نه ڏسبيون آهن. (هيءَ  ۽  نشاني هڪ ڀيرو
ڏٺي وئي آهي.)

(ڏ) نشاني 

هيءَ نشاني 24 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي، جن مان 14 موهن جي
دڙي، 8 هڙاپا ۽ 2 ڪاليبنگن، هڪ عاج جي ڏٽيءَ تي، 1 ٺڪر تي ۽ باقي
رهيل مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

(ڙ) نشاني 

هيءَ نشاني 15 لکتن ۾ نظر آئي آهي، جن مان 7 موهن جي دڙي ۽
8 هڙاپا مان مليون آهن. اهي نشانيون ۽ لکتون مهرن ۽ ٽڪين تي لکيل آهن.

<u>راءِ ۽ تبصرو</u>

هن مرحلي تي نشانين جي مختلف مجلن جيڪي لکتن ۾
پڇاڙيءَ واري نشانيءَ  کان اڳيان ڏسڻ ۾ ايندا آهن تي ڳالهائڻ کان
ٻهريائين انهن نشانين تي تبصرو ڪيو ويندو. جن کي مٿي جاچيو پرتاليو
ويو آهي.

(الف) اهڙين لکتن جو ڪل انگ 10 آهي. جن مان منفرد نشانيون پڇاڙي
واري نشاني  ان جي بدليل شڪل  جي آڏو نظر ايندين
۽ سندن انگ 774 آهي.

(ب) ٿامي جي ٽڪين تي نظر ايندڙ لکتن جو ڪل انگ 79 آهي ۽ سيئي
موهن جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن.

(ٻ) ٺنڊڙين ٽڪين تي نظر ايندڙ لکتن جو ڪل انگ 90 آهي ۽ سيئي

هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن.

(ب) 20 يا ان کان وڌيڪ لکتن ۾ نظر ايندڙ منفرد نشانيون هي  ،  آهن.

(ت) اهڙين 30 يا ان کان وڌيڪ لکتن تي نظر ايندڙ منفرد نشانيون هي  آهن.

(ٿ) اهڙين 40 يا ان کان وڌيڪ لکتن تي نظر ايندڙ هي نشانيون هي  ،  جيڪڏهن هيءَ نشاني  هن  جي برابر سمجهي وجي ته پوءِ  به اهڙي منفرد نشاني سمجهڻ گهرجي.

(ٿ) ڪي نشانيون وري ڪن علائقن ۾ تمام گهٽيون نظر آيون آهن. اهڙيون نشانيون 20 يا ان کان وڌيڪ لکتن ۾ ڏٺيون ويون آهن. تن جو انگ ٻ آهي ۽ ٻئي نشانيون هڙاپا مان گهٽيون لڌيون آهن. انهن ٻن مان پهرين نشاني  آهي جنهن کي ا- ق ۾ ڏسي سگهجي ٿو ٻي نشاني  آهي جيڪا ا - ج فقري ۾ نظر ايندي. عام طور تي انهن 24 نشانين مان ڪي نشانيون جن کي باب 1 ۾ بيان ڪيو ويو آهي، سي 24 کان وڌيڪ لکتن ۾ نظر ايندڙيون ۽ اهي علائقائي ونڊ ورڇ واري انگن سان سهمت آهن ۽ جن شين تي لکت نظر اچي ٿي. تن جو انگ به متينءَ حقيقت جي پٺڀرائي ڪري ٿو (يعني موهن جي دڙي مان 55.7٪، هڙاپا مان 36.3٪ ، چانهون جي دڙي، ڪاليبنگن ۽ لوٿل مان 6٪، سنڌ سڀيتا جي غير اهم ماڳن مان 1٪ ۽ مشرق قريب مان 1٪ وغيره)

اهڙيون نشانيون جيڪي 20 يا ان کان وڌيڪ لکتن تي نظر اچن

ناتي سان نشانين جو مجلو سمجهيو ويو آهي ۽ ان جي چند چاڻ بہ ان مطابق ڪئي وئي آهي.

**الف- نشانين جو مجلو** 

نشانين جو هيءَ مجلو 37 لکتن ۾ نظر اچي ٿو (ڏسو منفرد نشان الف -1) جن مان 31 موهن جي دڙي ۽ 6 هڙاپا مان مليون آهن. 1 ٽامي جي ٽڪيءَ تي، 1 چڪي تي باقي رهيل مهرن ۽ ٽڪين تي نظر اينديون .

**ب - نشانين جو مجلو** 

هيءَ مجلو 17 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي. جن مان 10 موهن جي دڙي ۽ 7 هڙاپا مان هٿ آيون. 5 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٽامي جي ٽڪين تي ۽ باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏسڻ آيون آهن.

**پ – نشانين جو مجلو** 

هيءَ مجلو 18 لکتن تي ڏسڻ ۾ آيو آهي. جن مان 11 موهن جي دڙي، 4 هڙاپا، 2 لوٿل ۽ 1 چانهون جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. 1 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٽامي جي ٽڪيءَ تي ۽ هڪ لوٿل مان لڌل ٺپي نظر آئي. باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

**ٻ – نشانين جو مجلو** 

هيءَ مجلو 13 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي. جن مان 10 موهن جي دڙي مان، 3 چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. 5 ٽامي جي ٽڪين تي باقي ٻيون مهرن تي نظر آيون.

**نوٽ:** ٽامي جي ٽڪين مان جئن تي ڪتي جي تصوير جي طرز ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ اهڙي قسم جي 9 شين تي نظر ايندي، باقي هڪ تي گينڊي جي تصوير آهي. جيڪا سنڌو لکت جي ساري مجموعي مان 29 شين تي ڏٺي وئي آهي.

### ٿ – نشانين جو مجلو 

نشانين جو هيءُ مجلو 17 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي، جن مان 14 موهن جي دڙي، 2 هڙاپا ۽ 1 لوٿل مان هٿ لڳي آهي. سيئي مهرن تي نظر آيون.

### ٿ – نشانين جو مجلو 

نشانين جوهي مجلو 80 لکتن ۾ نظر آيو آهي، جن مان 31 موهن جي دڙي، 44 هڙاپا، 2 لوٿل، 1 ڪاليبنگن، 1 ڪيش مان، 1 وچ مشرق جي غيراهم ماڳ تان مليو آهي.

2 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٽامي جي ٽڪين تي، 2 ٺڪرن تي ۽ باقي بيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون.

### ٿ – نشاني جو مجلو مچي 

نشانين جو هيءُ مجلو 35 لکتن تي ڏٺو ويو آهي، جن مان 14 موهن جي دڙي، 20 هڙاپا ۽ هڪ ڪيش مان هٿ آئي آهي. 1 ٽامي جي ٽڪيءَ تي نظر آئي، جنهن جو متي ٿ فقري ۾ بيان ڏسجي ٿو 1 ٺڪر تي ڏٺي وئي ۽ باقي رهيل مهرن ۽ ٽڪين تي نظر آيون آهن.

### ٿ – نشانين جو مجلو 

نشانين جو هيءُ مجلو 14 لکتن تي نظر آيو آهي، جن مان 11 موهن جي دڙي ۽ 3 هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن. 2 ٽامي جي ٽڪين تي باقي مهرن تي ڏٺيون ويون.

### ٿ – نشانين جو مجلو 

نشانين جو هيءُ مجلو 26 لکتن ۾ نظر آيو آهي، جن مان 13 موهن جي دڙي، 10 هڙاپا، 1 چانهوءَ جي دڙي، 1 لوٿل مان، 1 سنڌو سيپتا جي ڪنهن غير اهم ماڳ تان مليو آهي. سڀ مهرون ۽ ٽڪين تي نظر

آيون آهن. باقي 3 هڙاپا مان هٿ آيل ننڍڙين ٽڪين تي ڏٺيون ويون.

**ب – نشانين جو مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو 21 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي، سڀ موهن جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. جن مان 4 مهرن تي باقي ٻيون ٽامي جي ٽڪين تي نظر آيون. اهڙيون لکتون مڪمل ۽ پاڻ ۾ هڪ جهڙائي رکن ٿيون. سندن پڙهڻي هن ريت آهي: 

**ت – نشانين جو مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو 15 لکتن ۾ نظر آيو آهي ۽ سڀ موهن جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. هن مان 2 مهرن تي باقي 13 ٽامي جي ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن، جتي مٿيون مجلو پڇاڙي واري نشاني  سان گڏ هڪ مڪمل لکت نظر اچي ٿي.

**ج - نشانين جو مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو 10 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي، جن مان 5 موهن جي دڙي، 4 هڙاپا، 1 ڊيسل پور Desalpur مان هٿ لڳي آهي. 1 مٽ تي نظر آئي ۽ باقي ۽ ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون.

**ح - نشانين جو مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو 22 لکتن ۾ نظر آيو جن مان 18 موهن جي دڙي، 2 هڙاپا، 1 ڪاليبنگن ۽ 1 لوٿل مان هٿ لڳي آهي، 9 موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن، باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي آهن.

**جهہ – نشانين جو مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو 34 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي، جن مان 28 موهن جي دڙي 5 هڙاپا ۽ 1 ڪاليبنگن مان هٿ لڳو آهي.

10 موهن جي دڙي وارين ٽامي جي ٽڪين تي نظر آيون آهن، 1 ٺپي تي ۽ باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون.

ج – نشانين جو مجلو 

نشانين جو هيءُ مجلو 23 لکتن ۾ نظر آيو آهي، جن مان 8 موهن جي دڙي، 13 هڙاپا ، 1 چانهون‌ءَ جي دڙي ۽ 1 ڪيش مان هٿ لڳي آهي.

7 هڙاپا مان هٿ آيل ننڍڙين ٽڪين تي آهن ۽ باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي نظر آيون.

ج – نشانين جو مجلو 

نشانين جو هيءُ مجلو 18 لکتن تي نظر آيو آهي، جن مان 5 موهن جي دڙي، 12 هڙاپا ۽ 1 چانهون‌ءَ جي دڙي مان مليون آهن.

7 هڙاپا مان لڌل ننڍڙين ٽڪين تي آهن. 2 عاج جي ڏٺين تي ۽ باقي مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

**اڀياس جو نتيجو ۽ تبصرو**

اهڙين منفرد نشانين جي باري ۾ ساڳئي قسم جو نتيجو ۽ تبصرو پاڳي 2 ۾ نظر ايندو. جيڪي پچاڙيءَ واري نشاني  ۽ ان جي بدليل شڪل  جي اڳيان نظر اينديون آهن. ساڳيءَ ريت پاڳي ٽئين ۾ نشانين جا اهي مجلا پرکيا ويا آهن. جيڪي ساڳين پچاڙيءَ وارين نشانين جي اڳيان ڏسبا آهن.

**الف** – اهڙين لکتن جو ڪل انگ 400 آهي، جن تي نشانين جي انهن

مجلن ڪي ڏهه ڀيرا ڏٺو ويو آهي. جيڪي  ۽ سنڌس بدليل شڪل  جي اڳيان ڏسبا آهن.

ب– ٽامي جي ٽڪين تي نظر ايندڙ لکتن جو انگ 65 آهي ۽ سڀ موهن جي دڙي مان لڌيون آهن.

ڀ– هڙاپا مان هٿ آيل ننڍڙين ٽڪين جو ڪل انگ 17 آهي.

پ– نشانين جا اهي مجلا جيڪي اهڙين لکتن تي 20 ڀيرا ڏٺا ويا آهن سي هي 

 :  آهن ۽ پڻ هيءُ مجلو  جنهن جو باب 2 ۾ بيان ڏسجي ٿو.

ت– نشانين جا اهي مجلا جيڪي 30 لکتن ۾ نظر ايندا سي هي آهن:



ٿ– نشانين جا اهي مجلا جيڪي 40 لکتن ۾ ايندا: 

ٽ– نشانين جا اهي مجلا جيڪي مختلف جاگرافيائي خطن ۾ گهڻا نظر ايندا. سي هيٺ ڏجن ٿا. خاص طور تي اهي مجلا ڏنا ويا آهن. جيڪي 20 کان وڌيڪ لکتن ۾ ڏنا ويا آهن ۽ اهڙين مجلن جو انگ پنج آهي. لکتن جا هي ٻئي مجلا  ۽   هڙاپا ۾ گهڻائيءَ ۾ نظر ايندا. جڏهن ته هي مجلا  : ۽  وري موهن جي دڙي ۾ جججهائيءَ ۾ ڏسبا (وڌيڪ لاءِ ڏسو 3 – الف. 3 ٽ - 3 – ب. 3 - ج) نشانين جا اهي مجلا جيڪي 20 کان گهٽ لکتن ۾ ڏسبا سي هي آهن:  (هڙاپا ۾ گهڻائيءَ ۾

نظر آيو ڏسو 3- ڄ) جڏهن تہ هي مچلا  ۽  هي

موهن جي دڙي مان جڇها مليا آهن. ڏسو 3 - ٻ ۽ 3 —ڦ)

## (5) عام تبصرو

هن باب جي ڀاڱي 2 ۽ 4 ۾ انهن نشانين ۽ نشانين جي مچلن تي ڪيل اڀياس ۽ تبصري تي هڪ عام تبصرو ڪيو ويندو. جيڪي پڇاڙي واري نشاني  جي اڳيان نظر ايندا آهن.

ٽامي جي ٽڪين جي سياءِ ۽ ڀاڱي 2 ۽ 4 جي ڪيل اڀياس ۽ تبصري جي روشنيءَ ۾ اهو معلوم ٿيندو تہ لکتن جا مچلا جيڪي ٽامي جي ٽڪين ۽ پڇاڙي واري نشاني  جي اڳيان نظر اچن ۽ اهڙين لکتن جو انگ 20 کان مٿي آهي تہ اهڙي صورت حال مان اٿين سمجهڻ کپي تہ مٿن جيڪا معلومات لکيل سا وڏي اهميت رکي ٿي. ڀاڱي 3 ۾. ٽامي جي جن ٽڪين کي جاچيو پرکيو ويو آهي، تن جي وضاحت هيٺ ڪجي ٿي:

 (X2):  (X5) :  (X1) :  (X5):  (X1)

(X9) :  (X13) :  (X17) :  (X2) : 

 ۽ 

ٽامي جي ٽڪين تي نظر ايندڙ اهڙن مچلن کي سولائي سان ڌار ڪري سگهجي ٿو جيڪي 20 کان وڌيڪ لکتن ۾ بہ نظر ايندا ۽ انهن مچلن جي هيٺ وضاحت ڪجي ٿي:

 نشانين جا هي پنج

اهي ميسوپوٽاميا مان لڌيون ويون آهن ۽ هڪ ڪيش مان ۽ هڪ وچ مشرق جي غير اهم ماڳ تان بہ ملي آهي. نشانين جو مذڪوره مجلو هڙاپا ۾ گهڻو نظر آيو آهي. ڌيان ۾ رکڻ جوڳي هي بہ ڳالهه آهي تہ نشانين جو هي مجلو اهڙين 9 لکتن ۾ نظر ايندو. جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪي مجلا بہ ڏسڻ ۾ ايندا. جهڙوڪ  ۽ هر هڪ جي پڙهڻي ڪجهه هن ريت آهي 

اهڙيون 9 ٺي لکتون هڙاپا مان لڌيون آهن. جيڪي چوڪنڊين ٺپيل مهرن تي نظر اچن ٿيون. اهڙين مهرن تي هڪ سيسر جي تصوير آهي. جنهن جي وات ۾ مڇي جهليل آهي. اهڙي قسم جي تصوير سنڌو لکت جي 39 شين تي نظر ايندي. اڳئين ڀاڱي تي ڪيل تبصري جي نقطئہ نگاهہ کان هاڻي بہ راءِ جو هن ريت اظهار ڪري سگهجي ٿو تہ امڪان آهي تہ نشانين جو هيءُ مجلو ڪنهن شهر يا ڪنهن علائقي جي نمائندگي ڪندو هوندو. جيڪڏهن اها حقيقت آهي تہ پوءِ قوي امڪان آهي تہ نشانين جو اهو مجلو هڙاپا شهر جي نمائندگي ڪندو هوندو. ڇاڪاڻ تہ هن مجلي جي شمار ۽ نوعيت مان بہ اها ڄاڻ ملي ٿي، ٻي ڳالهه تہ نشانين جو هيءُ مجلو گهڻي ۾ گهڻو لڌو بہ هڙاپا مان آهي. ■

باب چوٿون

# نشانيءَ  سان گڏ نظر ايندڙ نشانين جي مچلن جو قسم (2)

## (1) پڇاڙي واري نشاني 

سنڌو لکت ۾ هن پڇاڙي واري نشاني  کان پوءِ هيءَ  ٻيو نمبر مکيہ پڇاڙيءَ واري نشاني آهي. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ ڪارج ۾ اها نشاني  سان هڪ جهڙائي رکي ٿي. هنتر پنهنجي شروعاتي چند چاڻ ۾ هن نتيجي تي پهتو هو تہ هي نشاني  لکت اندر پڇاڙي واري نشاني آهي ۽ ڪارج ۾ هن نشانيءَ  سان ساڳيائپ رکي ٿي يعني آخري پڇاڙيءَ بدران جوڙيل نشان affex يا پڇاڙي واري جوڙ ڏنل نشاني هئي. سندس اهو بہ ويچار هو تہ هنن نشانين  ۽  سان گڏ ڏسڻ ۾ ايندڙ لکتن جا سلسلا خاص اهميت رکن ٿا. پريولا جي جوڙيل ڪنڪارڊنس موجب لکت جي ساري مجموعي ۾ هيءَ نشاني  215. متنن ۾ نظر اچي ٿي. ان کان سواءِ هيءَ  ۽  نشاني، لکت ۾ پنهنجو جدا جدا ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ ڪنهن هڪ حالت جي اظهار واسطي پڇاڙي وارين مختلف نشانين جي نمائندگي ڪري ڪونہ

ڪٿي ويندي جيڪي هن پڃاڙي واري نشاني  جي اڳيان نظر ايندا آهن. معلوم ٿئي ٿو سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ فقط پنج اهڙيون اڪيليون نشانيون آهن جيڪي  جي آڏو ڏسبيون آهن ۽ اهي 10 کان وڌيڪ لکتن ۾ ڏٺيون ويون آهن. جن جو احوال ترتيب سان هيٺ بيانيو ويو آهي.

### الف - نشاني 

هيءَ نشاني 18 لکتن ۾ نظر آئي آهي، جن مان 17 موهن جي دڙي ۽ 1 هڙاپا مان هٿ لڳي آهي. منجهائن 15 موهن جي دڙي ۽ مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن. انهن مان 6 تي گهٽي جي تصوير نظر ايندي. جنهن جا سڱ چوڙيدار ۽ منڊي ماڻهوءَ جي سر جهڙي اٿس. اهڙي تصوير سنڌو لکت جي ساري مجموعي مان فقط 16 شين تي نظر آئي ٿي. 2 مهرن ۽ 1 ٺپي تي ڏسجي ٿي.

### ب - نشاني 

هي نشاني 52 لکتن تي نظر آئي آهي، جن مان 30 موهن جي دڙي، 21 هڙاپا ۽ 1 سنڌو سيپتا جي غير اهم ماڳ تان هٿ لڳي آهي. 12 هڙاپا مان هٿ آيل ٽنڊڙين ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن، 4 ٽڪين تي ۽ باقي مهرن تي نظر آيون.

### ٻ - نشاني 

هي نشاني 20 لکتن تي ڏٺي وئي آهي، جن مان 10 موهن جي دڙي، 8 هڙاپا، 1 چانهون جي دڙي ۽ 1 ڪاليبنگن مان ملي آهي. 1 هڙاپا مان هٿ آيل ٽنڊڙي ٽڪيءَ تي ڏٺي وئي آهي،4 وڏين ٽڪين تي ۽ باقي مهرن تي ڏٺيون ويون آهن.

### ب - نشاني 

هي نشاني 13 لکتن اندر ڏٺي وئي آهي. جن مان 9 موهن جي دڙي ۽ 4 هڙاپا مان هٿ آيون آهن. سڀ ٽڪين ۽ مهرن تي ڏٺيون ويون.

### ت - نشاني 

هي نشاني 20 لکتن تي نظر آئي. جن مان 13 موهن جي دڙي، 5 هڙاپا، 1 چانهوءَ جي دڙي ۽ 1 لوٿل مان هٿ لڳي. 1 ٺڪر تي، 1 جي شڪل صورت سجاڻپ جوڳي ڪا نہ آهي. باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي نظر آيون.

**نوٽ:** هن نشان  جي بدليل شڪل پڻ هن سان شامل سمجهڻ گهرجي. هيٺين نشانين تي بہ پڻ غور ڪيو وڃي.

### ٽ - مڇي جهڙي نشاني 

هيءَ نشاني 8 لکتن ۾ نظر آئي آهي، جن مان 7 موهن جي دڙي ۽ 1 هڙاپا مان هٿ لڳي آهي. 1 هڙاپا مان لڌل ننڍڙين ٽڪين تي باقي مهرن تي نظر اينديون.

### ٽ - مڇي جهڙي نشاني 

هيءَ نشاني 5 لکتن اندر نظر آئي آهي. جن مان 4 موهن جي دڙي ۽ 1 چانهون جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. سڀ مهرن ۽ ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

### ٿ - نشاني 

هي نشاني، نشانين جو مجلو سمجهڻ گهرجي. نشانين جو هيءَ مجلو فقط هڪ ڀيرو نشانين جي هن مجلي  سان ڏنو ويو آهي، جيڪو پچاڙي واري هن نشاني  جي اڳيان ڏسجي ٿو.

(3) **نشانين جا اهي مچلا جيڪي پڇاڙيءَ واري هن نشاني  اڳيان نظر ايندا.**

سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ اهڙا ڪل 7 مچلا آهن جيڪي پڇاڙيءَ واري هن نشانيءَ جي اڳيان نظر ايندا آهن. هتي اهو به ڏٺو ويندو ته انهن مان گهڻن مچلن ۾ اهي اڪيليون نشانيون به نظر اينديون جيڪي ڀاڱي 2 ۾ بيان ڪيون ويون آهن ۽ منجهانئن ڪي مچلا پنهنجي اصلي اڪيلي شڪل صورت وڌايل ڏسڻ ۾ ايندا جيڪڏهن انهن کي مچلن جو هڪ جدا قسم ڄڻجي ته صحيح ٿيندو. وڌيڪ تبصرو ڀاڱي 4 ۾ ڪيو ويندو.

**الف – نشانين جو مچلو** 

نشانين جو هيءُ مچلو 15 لکتن ۾ نظر ايندو ۽ سيئي موهن جي دڙي مان لڌل ٺاپي جي ٽڪين تي ڏٺا ويا آهن. هتي اهو به ڏٺو ويندو ته نشانين جي هن مچلي واري قسم ۾ نشانين جو هيءُ مچلو  به موجود آهي جنهن تي باب 2 ۾ بحث به ڪيو ويو آهي.

**ب – نشانين جو مچلو** 

نشانين جو هيءُ مچلو 18 لکتن ۾ ڏٺو ويو آهي، جن مان 9 موهن جي دڙي ۽ 9 هڙاپا مان لڌيون ويون آهن. 8 هڙاپا مان لڌل ننڍڙين ٽڪين تي، 1 عام ٽڪيءَ تي باقي 9 موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي نظر اينديون.

**ب – نشانين جو مچلو** 

نشانين جو هيءُ مچلو 11 لکتن اندر نظر ايندو، جن مان 8 موهن جي دڙي، 1 هڙاپا ۽ 2 چانهوءَ جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن. سڀ مهرن تي نظر ايندون.

**ب - مڃيءَ جهڙيون 2 نشانيون (مختلف متصل نشانيون)**

سنڌو لکت جي ساري مجموعي ۾ اهڙيون 24 نشانيون نظر اينديون جن مان 15 موهن جي دڙي، 7 هڙاپا، 1 ڪاليبنگن ۽ 1 سنڌو سڀيتا جي غير اهم ماڳ تان هٿ لڳي آهي. 1 هڙاپا مان هٿ آيل ننڍيءَ ٽڪيءَ تي نظر ايندي، باقي ٻيون عام ٽڪين ۽ مهرن تي ڏنيون ويون آهن.

**نوٽ: نشانين جو مڃلو  ۾ مڃيون**

نشانين جو هيءُ مڃلو 4 لکتن ۾ ڏنو ويو آهي. جن مان 2 موهن جي دڙي، 1 ڪاليبنگن ۽ 1 سنڌو سڀيتا جي ڪنهن غير اهم ماڳ تان هٿ آئي آهي.

**ت- نشانين جو مڃلو **

نشانين جو هيءُ مڃلو 45 لکتن اندر نظر آيو آهي. جن مان 33 موهن جي دڙي، 10 هڙاپا، 1 چانهون جي دڙي ۽ 1 لوٿل مان هٿ لڳي آهي. 1 لوٿل مان هٿ آيل ٺپي تي، 1 هڙاپا مان هٿ آيل اڀي طرز جي مهر، 1 هڙاپا مان لڌل ٽڪيءَ تي ۽ باقي ٻيون سڀ مهرن تي ڏنيون ويون آهن.

**ٿ - **

نشانين جو هيءُ مڃلو 26 لکتن ۾ نظر آيو آهي. جن مان 21 موهن جي دڙي، 4 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳي. سڀئي مهرن تي ڏنيون ويون آهن.

**ٽ - نشانين جو مڃلو- **

نشانين جو هي مڃلو 10 لکتن ۾ ڏنو ويو جن مان 9 موهن جي دڙي ۽ 1 هڙاپا مان هٿ لڳي آهي. سڀ مهرن تي نظر آيون.

**(4) اڀياس جو نچوڙ ۽ تبصرو**

(الف) هتي اهو ڏنو ويندو تہ نشانين جا اهي مڃلا جيڪي ٻاڳي

(ٿ) هن باب جي ڀاڱي 1 ۾ هيءَ ڳالهه قبول ڪئي وئي هئي تہ هيءَ نشاني  گھڻو ڪري حالت ظرفيءَ جي پڇاڙي واري حالت آهي. جنهن ۾ پڇاڙي واري نشاني  جي اڳيان نظر ايندڙ نشانيون يا نشانين جا مچلا فاعل جي نمائندگي ڪندا آهن. جيڪي ڪن خاص اسمن ڏانهن اشارو ڪندا آهن. باب 2 ۽ 3 جي اڀياس جي نقطہ نگاهہ کان گھڻ ۾ گھڻ نشانين جا اهي مچلا جيڪي پڇاڙيءَ جي هن نشانيءَ  جي آڏو ڏسبا آهن. سي تہ پڪ سان ڪن شهرن ۽ علائقن جي نمائندگي ڪندا آهن. ساڳي اصول هيٺ نشانين جا ڪي ٿورا مچلا جيڪي هن پڇاڙي واري نشاني  جي اڳيان ڏسبا آهن. تن جو مطلب ۽ مفهوم بہ ساڳيو ٿي سگهي ٿو.

اهڙيءَ ريت نشانين جا اهي مچلا جن کي ڀاڱي 3 ۾ چڪاسيو ويو آهي، سي بہ ڪن شهرن ۽ علائقن جي نمائندگي ڪندا هوندا. جيڪي يا تہ سنڌو سڀيتا جي دنگ اندر يا ان جي سرحدن کان ٻاهر هوندا. جن بابت اها لکت ڪو حوالو ڏئي ٿي يا جن سان مذڪوره لکت لاڳاپيل آهي. ■

باب پنجون

# نشانين جي مڇلن جو قسم (3)
# جيڪو  ۽  سان گڏ نظر ڪونہ ٿو اچي

هن باب جو مکيہ مقصد اهو آهي تہ سنڌو لکت جي نشانين جي انهن مڇلن کي ترتيب ۾ رکي، چند چاڻ ڪجي جيڪي. هنن ٻنهي  ۽  پڇاڙي وارين نشانين کان آزاد ڏسبا آهن. جن جي لکتن جو انگ 17 يا ان کان وڌيڪ آهي. لکتن جو اهو 17 انگ بہ هڪ اندازي موجب ورتو ويو آهي. گذريل بابن ۾ بہ لکتن جو اهڙو ئي هڪ انداز قائم ڪيو ويو آهي. پر هن باب ۾ اهو انگ بلڪل مناسب معلوم ٿئي ٿو. جنهن وسيلي نشانين جي اهڙن مڇلن جي محدود انگ کي نرالو ڪري بيهاري سگهجي ٿو. هن باب ۾ عام اصول اهو ڪتب آندو ويو آهي. جيڪو گذريل بابن ۾ ڪم آندو ويو آهي. مٿي بيانيل مڇلن جي جاچ پرک ڀاڱي ڀهرئين ۾ ڪئي ويندي. ان کان علاوه ڀاڱي 4 ۾ ڏنل ترتيب مطابق ڪيترا مڇلا 17 کان وڌيڪ لکتن ۾ ڏٺا ويا آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ نشانين جا اهڙا مڇلا 9 آهن. انهن جي چڪاس ڀاڱي 2 ۾ ڪئي ويندي. ان کان علاوه نشانين جي ٻئي مڇلي يا مڇلن جي ٻئي طبقي جي جاچ پرک ڀاڱي 3 ۾ ڪئي وئي آهي يعني اهي مڇلا جن ۾ بہ يا وڌيڪ مڇيءَ جهڙيون نشانيون هڪ ئي لکت ۾ گڏ نظر اچن ٿيون. اها ڳالهہ اڳئين باب

۾ به جاڳائي وئي آهي ته لکت ۾ مڃي جهڙي نشاني هڪ آزاد نشاني جي نمائندگي ڪندي آهي پر هن نڪتي بابت يقين سان ڪجهه به چئي ڪو نه ٿو سگهجي. پر موجوده صورت حال جي نقطهءِ نظر کان مڃين سان لاڳاپيل امتزاج، نشانين جو هڪ مجلو سمجهڻ گهرجي ۽ ان جي ترتيب ان مطابق رکي ويندي. هن ڳالهه کي به ضرور ڌيان ۾ رکيو وڃي ته هيٺ ڏنل ترتيب ۾ اتصالي نشانين کي نظر انداز ڪيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اها هڪ جدا نشاني آهي. مثال طور هي اتصالي نشان "هن امتزاج " سان ۽ هي اتصالي نشان  هن امتزاج  سان گڏ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هلندڙ باب ۾ هنن امتزاجن (X41) ، (X118)  (X52)   تي به بحث وغيره ڪو نه ڪيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اهي سڀ سنڌو لکت ۾ پڇاڙي واريون نشانيون آهن ۽ گهڻو ڪري هنن پڇاڙي وارين نشانين  ۽  جي پٺيان ڏسبيون آهن يا ڏکين تي لکت جي شروعات واري پاسي کان مخالف طرف تي نظر ايندڙيون آهن. نشانين جي اهڙن مجلن جي گهڻائي هڙاپا مان هٿ لڳي آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته انهن جو ڳنڍ جي انگن سان لاڳاپو آهي. هن ورن جي نشانين تي بحث ڪرڻ هن ڪتاب جي موضوع کان ٻاهر آهي.

1 - نون (9) نشانين جا ٻيا مجلا

الف – مجلو 

نشانين جو هيءُ مجلو ڪل 26 لکتن ۾ نظر اچي ٿو ته جن مان 11 موهن جي دڙي، 14 هڙاپا ۽ 1 ديسال پور مان دريافت ٿي آهي.

1 موهن جي دڙي مان هٿ آيل مٽ تي ڏسڻ ۾ آيو آهي، ٻيا 10 موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن تي ۽ ٻيا مچلا ٻـ مهرن ۽ ٽڪين تي نظر آيا. هڙاپا مان هٿ آيل 9 مچلا هڪ جهڙين لکتن جهڙوڪ:

 ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ب - مچلو 

هيءَ مچلو ڪل 51 لکتن ۾ نظر آيو آهي، جن مان 35 موهن جي دڙي، 12 هڙاپا ۽ 4 لوٿل مان هٿ لڳا آهن. 3 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٺپن تي، 6 هڙاپا مان لڏل ننڍڙين ٽڪين تي، 1 عاج جي ڏنيءَ تي، 1 سچاڻ ڪان ٻاهر آهي، باقي ٻيا مهرن ۽ ٽڪين تي ڏسڻ ۾ آيا آهن. 51 مان 48 لکتن ۾ اهي مچلا لکت جي پڇاڙي وارين نشانين طور ڏسڻ ۾ آيا آهن.

ب - مچلو 

هيءَ مچلو ڪل 20 لکتن اندر نظر آيو آهي، جن مان 13 موهن جي دڙي، 6 هڙاپا مان ۽ 1 چانهون جي دڙي مان هٿ لڳو آهي. 8 مچلا موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٽامي جي ٽڪين تي ڏسجن ٿا جن سڀ جون لکتون هن ريت  آهن ۽ جانورن مان چيتي جي تصوير نظر ايندي. تصوير جي اهڙي طرز سنڌو لکت جي 27 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي.

ب - مچلو 

هي مچلو ڪل 68 لکتن تي ڏٺو ويو آهي، جن مان 46 موهن جي دڙي، 14 هڙاپا، 4 چانهون جي دڙي، 3 لوٿل ۽ 1 ڪاليبنگن مان هٿ لڳو. 4 مچلا موهن جي دڙي مان لڏل ٽامي جي ٽڪين تي نظر ايندا ڄن تي هڪ ڏند ڪٿائي جانور جي تصوير آهي، جن مٿان لکت ٻـ ڏسڻ ۾ ايندي 2 ٺپن

(I-H-I-L) تي، 2 مهرن (I-MD-I-K) - I هڙاپا مان لڌل ٺڪر تي ۽ باقي مهرن تي نظر آيا آهن.

ت - مچلو 

هي مچلو ڪل 22 لکتن ۾ نظر آيو آهي، جن مان 15 موهن جي دڙي، 1 هڙاپا، 1 ڪاليبنگن ۽ 1 لوٿل مان لڌل آهي. 15 مچلا موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي ڏنا ويا آهن، جتي مڪمل متن جي پڙهڻي هن ريت آهي، 

1 مچلو لوٿل مان هڪ اڻ سڃاتل شيءِ تي ڏنو ويو آهي. باقي ٻيا مهرن تي ڏنا ويا آهن. انهن 22 مان 19 لکتن ۾ اهي مچلا آخري پڇاڙي نظر اچن ٿا.

ٿ - مچلو 

هيءُ مچلو ڪل 41 لکتن ۾ نظر آيو آهي، جن مان 34 موهن جي دڙي، 6 هڙاپا 1 لوٿل مان مليو آهي. 15 مچلا موهن جي دڙي مان مليل ٽامي جي ٽڪين تي ڏنا ويا آهن جن مان 17 لکتن جي مڪمل پڙهڻي هن ريت آهي  ۽ 8 لکتن جي پڙهڻي وري هيئن آهي:  باقي ٻيون لکتون مهرن تي نظر آيون.

ٽ - مچلو 

هيءُ مچلو 40 لکتن ۾ ڏنو ويو آهي، جن مان 35 موهن جي دڙي، 2 هڙاپا، 3 چانهونءَ جي دڙي مان لڌيون ويون. 15 موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي آهن. جتي مڪمل لکت جي پڙهڻي هن ريت آهي  هنن مان 12 تي سيهڙ جي تصوير

ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

3 لکتون ٽامي جي ٽڪين تي نظر اچن ٿيون. جتي مڪمل لکت جي پڙهڻي هن ريت آهي 

1 ٽامي جي مهرتي نظر ايندڙ لکت جي پڙهڻي هيئن آهي:



1 ٽڪي (C.D) تي نظر ايندي. باقي ٻيون مهرن تي ڏٺيون ويون آهن. انهن 41 لکتن مان 30 تي اهو مجلو آخري پڇاڙي ڏسجي ٿو.

**ٿ - مجلو.** 1 کان 9 ٽائين انگ + 

هيءُ مجلو 114 لکتن اندر نظر ايندو. عام طور تي هن لکت جو نمونو هن ريت آهي  ۽ اهڙا 39 مثال نظر ايندا. 22 مثالن جي پڙهڻي هن ريت نظر ايندي  +ڪوبہ انگ+  114 مان 101 لکتن ۾ هيءُ مجلو لکت جي آخري پڇاڙي ڏسبو آهي. اهڙيون 76 لکتون موهن جي دڙي، 26 هڙاپا، 6 ڪاليٻنگن 3 عالمگير پور، 1 چانهونءَ جو دڙو ۽ اُمہ Umma (مشرق قريب) مان لڌيون. 4 ٽامي جي

هن ريت آهي  انهن مان 10 لکتن جي

پڙهڻي هيٺئن نظر ايندي 

| لکت هڙاپا مان هٿ آيل ننڍڙين ٽڪين مان هڪ ٽڪيءَ تي آهي، 2 ٺپن تي، 2 عاج جي ڏنين تي ۽ باقي ٻيون مهرن ۽ ٽڪين تي آهن.

**(2) نشانين جا آزاد مجلا جيڪي پچاڙي واري نشاني  جي اڳيان ڏسيا آهن.**

**الف- مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو ڪل 71 لکتن تي نظر ايندو جن مان 43 موهن جي دڙي، 27 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳي آهي. 5 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٽامي جي ٽڪين تي نظر اچن ٿيون. 7 هڙاپا مان لڌل ننڍڙين ٽڪين تي نظر آيون، 1 عاج جي ڏنيءَ تي باقي ڪي مهرن ۾ عام ٽڪين تي ڏٺيون ويون آهن.

**ب - مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو ڪل 17 لکتن تي نظر آيو آهي، جن مان 5 موهن جي دڙي ۽ 12 هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن. موهن جي دڙي مان 5 لکتون ۽ هڙاپا مان هٿ آيل 2 لکتون مهرن تي آهن باقي رهيل 10 ٽڪين تي نظر ايندين، جتي پوريون لکتون هن ريت آهن :



**ب - مجلو** 

نشانين جو هيءُ مجلو 20 لکتن ۾ نظر ايندو. جن مان 14 موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان هٿ لڳيون آهن. سڀ مهرن ۽ ٽڪين تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

## ت - مڇلو 

نشانين جو هيءُ مڇلو 131 لکتن اندر ڏنو ويو آهي، جن مان 103 موهن جي دڙي، 23 هڙاپا، 3 چانهون جي دڙي، 1 لوٿل، 1 سنڌو سڀيتا جي غير اهم ماڳ تان ۽ 1 وچ مشرق جي اڻ سڃاتل ٺاڪ تان مليل آهي.

منجهائن 13 موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٺامي جي ٽڪين جن تي نظر ايندڙ پوريءَ لکت جي پڙهڻي هن ريت آهي. 

ٺامي جي 4 ٽڪين تي ٿيل پوري لکت جي پڙهڻي هيئن نظر ايندي. 

ٺامي جي 15 لکتن تي ٿيل پوري لکت جي پڙهڻي هن ريت ڏسبي. 

ٺامي جي 2 ٽڪين جي پوري لکت هيءَ آهي.



(نوٽ: هن ريت ٺامي جي ٽڪين تي ٿيل لکت جو ڪل انگ 34 ٿئي ٿو) 6 ٽڪين تي، 2 ٺپن تي، 1 ننڍڙي ٽڪيءَ تي، باقي ٻيون عام ماپ جي ٽڪين تي نظر اينديون.

## (3) مڇلو 

باب جي منڍ ۾ ٿي هن ڳالهه جو اشارو ڪيو ويو آهي ۽ ٿوري ڌيان ڏيڻ سان اها حقيقت معلوم ٿي ويندي ته مڇين جا امتزاج گهڻا آهن جن کي متصل نشانيون Ligatures ڏئي هڪ ٻئي کان الڳ ۽ نرالو ڪري بيهاريو ويو آهي.

الف - امتزاج 

هن قسم جو امتزاج 40 لکتن اندر نظر ايندو.

ب - امتزاج 

هن ورن جو امتزاج 31 لکتن تي ڏسبو

ٻ - امتزاج 

هن قسم جي امتزاج 25 لکتن ۾ نظر اچي ٿو.

ڀ - امتزاج 

هن ورن جو امتزاج 19 لکتن اندر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ت - امتزاج  جا ٻيا وڌيڪ امتزاج

مڇي جهڙيون ٻيون نشانيون بہ آهن. جيڪي متصل نشانين کري هڪ ٻئي کان الڳ ۽ نراليون نظر اينديون. جن جا ڪيترا مختلف امتزاج ٻين 64 لکتن ۾ ڏنا ويا آهن.

**اڀياس جو نچوڙ ۽ تبصرو**

**الف-** نشانين جا اهي مجلا جيڪي سنڌو لکت جي 17 متنن ۾ نظر اچن ٿا. تن کي ڌار ڌار چئن ورنن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

i. اهي مجلا جن جي پڇاڙي هن نشاني  سان ٿئي ٿي.

ii. اهي مجلا جن جي پڇاڙي مڇي جهڙي نشاني  سان ڏسبي آهي.

iii. اهي مجلا جن جي پڇاڙي هيءَ نشاني  آهي.

iv. اهي مجلا جنهن جي پڇاڙي مٿي ٻنايل نشانين سان نہ ٿيندي آهي.

هتي هيءَ ڳالهہ بہ ڏني ويندي تہ (ii) ۽ (iii) قسم واريون نشانيون مجلي (ii) ۽ (iii) سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون. جن کي باب 4

جي فقري 4 - ب ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ اهي ٻچاڙيءَ واري نشاني  جي اڳيان ڏسبيون آهن.

ب- فقري (i) ۽ (ii) سان لاڳاپيل نشانين جي مڇلن جو وڏو حصو جيڪي مٽي ٿامي جي ٽڪين سان واڳيل ڏيکاريون ويون آهن. تن مان فقري (iv) جي ٽن مڇلن مان هڪ هي مڇلو  به آهي. اهڙيون ٿامي جون 123 ٽڪيون آهن. جن تي هن ورن جي لکت نظر ايندي. تنهن کري سمجهه ۾ اٿين اچي ٿو ته هي لکت وڏي اهميت رکي ٿي. باب 2 جي ڀاڱي 4 ۾ ٿامي جي ٽڪين تي نظر ايندڙ لکت تي ڪيل ٻنهي تبصرن کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي. هن حقيقت تي به ضرور نظر رکڻي پوندي ته سنڌو لکت جي 3000 متنن ۾ ٿامي جي ٽڪين جو انگ رڳو 233 آهي.

ٻ- جيڪڏهن نشانين جي هنن مڇلن کي جاگرافيائي طور ورهائبو ته منجهائن هڪ مڇلو  هڙاپا مان گهٽائيءَ ۾ مليو آهي. قسم (i) سان لاڳاپيل سيئي مڇلا جيڪي هن نشانيءَ  سان مرڪب جي صورت ۾ نظر اچن ٿا (ڏسو ا – ت - ۽ ا – ٽ) تن جي گهٽائي موهن جي دڙي سان لاڳاپو رکي ٿي. قسم (ii) واري مڇلي لاءِ ته اٿين چئي سگهجي ٿو. جيڪو مڃي جهڙي نشاني سان مرڪب جوڙي ٿو. منجهائن خاص مڇلو هي  آهي. (ڏسو ا- ب - ٻ ۽ 2 - الف - ٿ) ساڳي ريت قسم (iii) وارا مڇلا پڻ اهڙيءَ ريت جيڪڏهن لکت وارين شين کي جاگرافيائي اصول

موجب ورهائبو تہ سنڌو لکت جي ساري مجموعي مان، 55.7٪ موهن جي دڙي ۽ 36.3٪ هڙاپا، ڪاليبنگن ۽ لوٿل ٪ 6، سنڌو سڀيتا جا غير اهم ماڳ ٪1 ۽ مشرق قريب ٪1 سان تعلق رکن ٿيون.

ب- هتي اهو بہ ڏٺو ويندو تہ قسم (ii) ۽ (iii) سان لاڳاپيل نشانين جي مڇلن جو گهڻو انگ اهو آهي، جيڪو ڀڃاڙي واري نشاني  جي اڳيان ڏسڻ اچي ٿو. جيڪڏهن قسم (iv) جي مڇلي جو ڀيٽوار اڀياس ڪبو تہ پتو پوندو تہ اهي مڇلا جيڪي نشاني  سان مرڪب جوڙن ٿا يا قسم (i) جي ٽن مان بہ مڇلا جهڙوڪ  ۽  گهڻو ڪري لکتن جي ڀڃاڙي هوندا آهن. نتيجي طور اها ڄاڻ ملندي تہ قسم (i) ۽ (iv) سان لاڳاپيل نشانين جا مڇلا قسم (ii) ۽ (iii) ۾ نظر ايندڙ نشانين جي مڇلن کان ڪارج جي نقطہ نگاهہ کان الڳ ۽ نرالا آهن. ■

## باب ڇهون

# ديلمون، ماگان ۽ ميلوها

هن باب جي ڀاڱي 1 ۾ نشانين جي انهن مختلف مجلن کي مختصر ڪري جدولن جي شڪل ۾ ڏنو ويو آهي، جن کي سنڌو لکت ۾ ٽن مکيہ قسمن جي ناتي اڳين ڇهن بابن ۾ جاچيو ۽ پرکيو ويو آهي. هن ئي باب جي ڀاڱي 2 ۾ سنڌن وڌيڪ اڀياس کان پوءِ ڀاڱي 3 ۾ انهن نشانين جي مجلن کي ڪي امڪاني معنائون بہ ڏينداسون.

**1- نشانين جي مجلن جا قسم**

جدول 4 نشانين جو مجلو. قسم (1)

| الف — نشانين جا مجلا جيڪي پڇاڙي نشاني  جي آڏو ڏسبا آهن. | |
|---|---|
| 1 مجلو  | 37 لکتن ۾ نظر اچي ٿو. |
| 2 مجلو  | 80 = = = = = |
| 3 مجلو  | 21 = = = = = |
| 4 مجلو  | 22 = = = = = |
| 5 مجلو  | 34 = = = = = |
| 6 مجلو  | 40 = = = = = |
| نوٽ: 1 کان 5 ٽائين نشانين جو مجلو باب 3 ڀاڱي 5 ۽ نمبر 6 باب 2 ڀاڱي 4 سان واسطو رکي ٿو | |

| 4- ب – نشانين جا اهي مچلا جيڪي پڄاڙيءَ واري نشاني  جي آڏو ڏسبا آهن. | |
|---|---|
| 1 مچلو  | 15 لکتن ۾ نظر اچي ٿو. |
| 2 مچلو  | = = = = = 18 |
| 3 مچلو  | = = = = = 11 |
| 4 مچلو  | = = = = = 24 |
| 5 مچلو  | = = = = = 45 |
| 6 مچلو  | = = = = = 26 |

نشانين جا مٿيان مچلا باب 4 ۾ اڳي مان ورتل آهن.

| جدول 4 - ٻ نشانين جا اهي مچلا جيڪي پڄاڙيءَ واري نشاني  جي آڏو ڏسبا آهن. | |
|---|---|
| 1 مچلو  | 22 لکتن ۾ نظر اچي ٿو. |
| 2 مچلو  | = = = = = 41 |
| 3 مچلو  | = = = = = 41 |
| 4 مچلو 1 کان 9 تائين انگ +  | = = = = = 114 |
| 5 مچلو  | = = = = = 68 |
| 6 مچلو  | = = = = = 72 |

| | |
|---|---|
| 7 مجلو +  | 20 = = = = = |
| 8 مجلو +  | 71 = = = = = |
| 9 مجلو  | 17 = = = = = |
| 10 مجلو  | 20 = = = = = |
| 11 مجلو  | 179 = = = = = |
| 12 مجلو  | 131 = = = = = |
| 13 مجلو  | 72 = = = = = |
| 14 مجلو  | 26 = = = = = |
| 15 مجلو  | 51 = = = = = |
| باب 5. ڀاڱي 1 کان 4 تائين ورتل | |

## 2 اپياس جو نچوڙ

(الف) هتي ڏٺو ويندو تہ جدول ب ۾ نظر ايندڙ نشانين جي مجلن مان هڪ مجلو (سواءِ ب — 1 جي) جدول پ ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪڏهن انهن جو پيٽوار اپياس ڪبو تہ جدول الف جي نشانين جي مجلن جو قسم ب ۽ پ جدول ۾ نظر ايندڙ مجلن جي قسم کان بلڪل الڳ ۽ نرالو آهي.

(ب) باب 4 ۽ 5 باب ۾ آيل ذڪر موجب جدول ب ۾ ايندڙ مجلن جي قسم کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو يعني ب 1، ب 2 کان 4 (جن ۾ مڇي + ٻيون نشانيون آهن) ۽ ب 5 ۽ 6 (جن ۾ مڇي +

جڏهن اها ڪنهن نشاني يا نشانين جي مڇليءَ جي آڏو هوندي آهي تہ انکي منڍ وارو نشان Prefix بہ سمجهڻ گهرجي.

(ب) جهڙيءَ ريت الف – 4 وارو نشانين جو مڇلو نہ پر ٻن آزاد نشانين جو هڪ ميلاپ آهي. اهڙو مثال ب – 1 جو آهي. جيڪو نشانين جي مڇلي  جو هڪ مرڪب آهي (ڏسو باب 2) جنهن جي آڏو منڍ واري نشاني طور هي نشاني  ان جي پٺيان  پوءِ پڇاڙي واري نشاني  نظر اچي ٿي. اهڙيءَ ريت نشانين جو مڇلو ب-1 آزاد نشانين ميلاپ جو سمجهڻ گهرجي. ساڳي ريت ب-6 وارو نشانين جو مڇلو بہ پڻ آهي. ب-4 ۽ ب-11 وارا نشانين جا مڇلا جن ۾ مڇيءَ + مڇي نظر اچي ٿي تن کي مڇلي بدران ٻن آزاد نشانين جو ميلاپ سمجهڻ کپي.

### 3 نشانين جي مڇلن جو مفهوم

ڀهريائين اسان کي ڪوشنا ڪري ڳالهہ جي ڳُر کي ڳولڻ کپي تہ ڀاڳي ڀهرئين ۾ ڏنل اهي کهڙا مڇلا آهن. جيڪي نالي جي جوڙجڪ ڪن ٿا. ڪنهن حد تائين اسم خاص جو مفهوم ادا ڪن ٿا. اهڙو ذڪر باب 2 ڀاڳي 5 ۽ باب 4 ڀاڳي 1 ۾ بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ متن ۾ نظر ايندڙ پڇاڙي واريون نشانيون  ۽  حالتي پڇاڙي جي نمائندگي ڪن ٿيون. قوي امڪان آهي تہ اهي عدد واحد جي حالت اضافت ۽ عدد واحد جي حالت ظرفي جي پڇاڙي واري حالت جو اظهار ڪن ٿيون. نتيجي طور اهو آساني سان سمجهي سگهجي ٿو تہ نشانين جا اهي مڇلا جيڪي

3. مچلو 

4. مچلو 

5. مچو 

جدول ب - ب - نشانين جا اهي مچلا جيڪي ڀچاڙي واري نشاني  جي اڳيان ڏسبا آهن.

1. مچلو 

2. مچلو 

3. مچلو 

4. مچلو 

5. مچلو 

6. مچلو 

7. مچلو 

8. مچلو 

نشانين جا مٿي بيانيل مچلا اهڙا آهن، جن لاءِ قوي امڪان آهي ته نالن جي نمائندگي ڪندا هوندا. انهن مچلن جو ورجاءُ تمام گهٽ ڏسجي ٿو، تنهن ڪري جيءَ سگهجي ٿو ته اهي رڳو ماڻهن جي نمائندگي ڪو نه ڪندا هوندا. باب 1 جي ڀاڱي 4 ۾ به پڻ اهو ٻڌايو ويو آهي ته نشانين جا اهي مچلا اربڻ واري عبارت سان لاڳاپيل هوندا. ٿي سگهي ٿو ته اهي آفيسن ۽ ادارن جا نالا هجن. امڪان آهي ته واپاري مال يا شهرن يا علائقن جا نالا هجن. ڪن لکتن ڪي هن ناتي به پرکيو ويو ته متان اهي

لکتون ڪنهن واپاري ڏيتي ليتيءَ سان لاڳاپيل هجن. ٿي سگهي ٿو تہ لکت ان جڳهہ جو نالو هجي جنهن مان واپاري وٿون پيدا ٿينديون هونديون جنهن سان پڻ مُهرن جو واسطو هوندو. اهو بہ ممڪن آهي اهي نالا انهن جڳهن جا هجن جيڏانهن واپاري مال موڪليو ويندو هجي. هن ڳالهہ جو بہ امڪان آهي تہ اهي جڳهون سنڌو سڀيتا جي حدن اندر هجن. ٿي سگهي ٿو تہ اهي جڳهون ايراني نار جي ۽ سمير ۾ هجن. جن سان ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو واپار هلندڙ هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ انهن لکتن ۾ هڪ طرف ميلوها باد-امين ۽ سنڌو سڀيتا جي ٻين ماڳن ۽ علائقن جا نالا هوندا تہ ٻئي پاسي وري ماڳن Magan ديلمون ۽ سمير جا نالا بہ هوندا. اهڙي قسم جا نتيجا باب 1 ۾ ڪڍيا ويا آهن.

باب 2 ۾ وري نشانين جي اهڙن مجلن تي بحث ڪيو ويو هو جيڪي پچاڙي واري نشاني  جي آڏو ڏسبا آهن جن جو امڪاني مفهوم باد امين يعني "ست مٿاهيون جڳهيون" Seven High Places يا "راجا جي مٿاهين جاءِ" High Place of the King هجڻ گهرجي. هنن مان پويون بيانيل نالو هن نشانين  وسيلي ظاهر ڪيو ويو آهي جيڪي جدول الف- الف - 5 ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. تنهن ڪري امڪان اهو بہ آهي تہ نشانين جا اهي مجلا جيڪي جدول الف - الف 1 ڪان 5 ۽ ب-ب 1 ڪان 8 تائين ڏسجن ٿا سي بہ ضروري ڪن جڳهن جي نمائندگي ڪندا هوندا. جن مان خاص ماڳ، ميلوها، ماڳن، ديلمون ۽ سمير بہ ٿي سگهن ٿا. جيئن تہ مهرون سنڌو سڀيتا ۾ ڪم آنديون وينديون هيون. تنهن ڪري چئجي سگهجي ٿو ميلوها، باد - امين يا سنڌو سڀيتا جي ٻين شهرن ۽ علائقن جا نالا حالت اضافت جي پچاڙيءَ اڳيان هوندا. جنهن جي معنيٰ اها ٿيندي تہ اهو علائقو جنهن سان واپاري مال جو واسطو ۽ مهر

جي لکت جو لاڳاپو آهي. پر ماگان، ڊيلمون ۽ سمير جي نالن پنهنجيان حالت ظرفي هوندي. جنهن مان اهو مطلب نڪرندو ته اها جاءِ جتي واپاري مال پهتو ۽ ان ماڻهوءَ حوالي ڪيو ويو هوندو، جنهن ڏانهن موڪليو ويو هُوندو. هن ڳالهه جي نقطهءِ نگاهه کان ميلوها ماڳ جي نشانين جي اهي مهرون نمائندگي ڪندا هوندا جيڪي جدول الف – الف ۾ بيانيل آهن. انهن ۾ ماگان، ڊيلمون ۽ سمير جي اهي مهرون نمائندگي ڪندا هوندا. جيڪي جدول ب – ب - ۾ نظر اچن ٿا.

پهريائين اسان جي جدول الف-الف وارن مهرن جي قسم تي بحث ڪريون ٿا. الف- الف 2 مهرلي بابت اڳئي معلوم ٿي چڪو آهي ته مذڪوره مهرلو هڙاپا جي نالي جي نمائندگيءَ ڪري ٿو (وڌيڪ لاءِ ڏسو باب 3 ڀاڱو 5) اهڙيءَ ريت الف-الف 5 وارو مهرلو موهن جي دڙي جي نالي جي نمائندگي ڪري ٿو. جيڪو "راجا جي متاهين جاءِ" جي صورت ۾ ڏسجي ٿو (وڌيڪ لاءِ ڏسو باب 2 ڀاڱو 4 ۽ 6 ) باقي رهيل ٽن مهرن مان هڪ الف-الف  مهرلو آهي. سنڌس پڙهڻي مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته اهوڙ پڌائون نالو ميلوها آهي. پتو نه آهي ته اها هجي سميري اچار مطابق ميلوها يا هند - آرين ۽ سمير جي گڏيل اچار وارو نالو مالاڪا Malakkha يا مليچا Malecha آهي.

جدول ب - ب ۾ نظر ايندڙ مهرن تي بحث ڪيو ويندو. ب-ب 1-5 تائين نشانين جا سيئي مهرلا پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن. ڇاڪاڻ ته انهن  سين مهرن جي پڇاڙي مهرلي آهي، جنهن جي آڏو  ۽ نظر اچي ٿي. تنهن ڪري سولائي سان سمجهي

سگهجي ٿو تہ اهي هڪ ماڳ جا ڌار ڌار نالا آهن. اهڙيءَ ريت باب 1 ياڳي 2 ۾ سنڌ-برهمي لکت جي پوئين سلسلي تي ڪيل بحث جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو لکت جي نشاني  برهمي لکت جي نشاني  سان هڪ جهڙائي رکي ٿي، جنهن جو ملهہ "ما" ma آهي. سنڌو لکت جي نشاني  جي برهمي لکت جي نشاني  سان ساڳيائپ آهي، جنهن جو ملهہ ڪا Ka يا ع = جا Ja يا سميري نشاني  موجب گال gal آهي. اهڙيءَ ريت جدول ب-ب 1 کان 5 تائين مچلن جي امڪاني معني گا آن ga-an (ب – ب 1) ماڳ. آن Mag -an (ب ب 2) ما. آن Ma- an (ب ب 3) ماڳ - گا - آن Mag-ga-an ( ب ب 4) ۽ ماڳ - گا - آن - (ب ب 5) اهڙيءَ ريت ب ب 6 واري مچلي جي آخري پڇاڙي واري نشاني بہ ساڳي آهي. تنهن ان جي معنيٰ بہ ساڳي ٿي سگهي ٿي. باقي ب ب 7 ۽ ب ب 8 وارا مچلا ڌار ڌار ڏيلمون ۽ سمير جي نمائندگي ڪندا هوندا. ■

باب ستون

# لکتن جي گرامر موجب شڪل صورت

سنڌو لکت ۾ ٽن قسمن جي پڇاڙي وارين نشانين کي جاچيو پرکيو ويو آهي، جيڪي گهڻو حالتي پڇاڙيون Caseen ding هونديون آهن، پڇاڙيءَ واريون اهي نشانيون هي آهن  ۽ هن جي تبديل ٿيل شڪل  ۽  . (وڌيڪ لاءِ ڏسو باب 2 ڀاڱو 5. باب4 ڀاڱو1) هن ڳالهه جي ٻه پڻ پڌرائي ڪئي وئي آهي ته پڇاڙين جون اهي مختلف شڪليون گهڻو ڪري ته عدد واحد. حالت اضافت ۽ عدد واحد ظرف حالت جي پڇاڙي واري صورت آهي.

هنن ٽن پڇاڙي وارين نشانين کان سواءِ پڇاڙيءَ سان لاڳاپيل ٻيون به ڪيتريون نشانيون آهن. جيڪي پرپولا يا ڪي ٻيا محقق اهڙين نشانين کي سڃاڻي ڪو نه سگهيا آهن. نه وري هن حقيقت کي مڃڻ لاءِ تيار آهن ته سنڌو لکت ۾ ڪي ٻيون اهڙيون نشانيون آهن. جيڪي حالتي پڇاڙين ۾ انهن جي بدليل شڪلين جي نمائندگي ڪن ٿيون. انهن نشانين بابت ڪيتريون مختلف سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن. جيڪي دل کي نه اٿڙن ٿي ڪون ٿيون. سنڌن اهڙن خيالن تي هيٺ جوڳي ٽيڪاٽپڻي ۽ سمجهاڻي ڏني وئي آهي. متي بيانيل نشانين جي وڌيڪ جنڊڇاڻ پڇاڙي وارين نشانين جي سوڌي ۽ ڪري جاڻ ملندي. جنهن وسيلي ان ٻوليءَ جي گرامر سان لاڳاپيل ڪن ڳڻن جو پتو پئجي ويندو جيڪا مهرن. ٽڪين. نڪرن ۽ عاج جي ڏٽين تي لکيل ڏسجي ٿي ۽ هن

باب جو مول مقصد بہ اهو آهي.

## 1 - وڌيڪ نشانيون جيڪي حالتي پڇاڙيون معلوم ٿين ٿيون

حالتي پڇاڙي واريون اهڙيون ٿي نشانيون آهن، جن کي ٻين نشانين کان نکيري ۽ نرالو ڪري ٻيهاري سگهجي ٿو. جن مان هڪ  ٻي  ۽ ٽين  آهي. هنن ٽنهي شڪلين کي اڳين محقق سڄاتو بہ هو جن ۾ پريولا بہ شامل آهي.

### الف 

هيءَ نشاني 122 لکتن اندر ڏسجي ٿي، جن مان 61 موهن جي دڙي، 56 هڙاپا، 2 لوٿل، 1 ڪاليبنگن، 1 چانهوءَ جي دڙي ۽ 1 گيرسو Girsu (وچ مشرق) مان هٿ لڳي آهي.

36 لکتن ۾ هن جي آڏو انگن واريون نشانيون IIII، III، 26 لکتن ۾ هن جي آڏو A ، 8 لکتن ۾ هن جي آڏو   ڏسجن ٿيون. باقي رهيل لکتن اندر آڏو نظر ايندڙ نشانيون پنجن پنجن لکتن ۾ مستقل طور تي ڏٺيون ويون آهن.

هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ نشاني  هن  يا  +  جي امتزاج آهي، جنهن مان هي ڳالهہ ظاهر ٿئي ۽ هن ڏانهن ٻين محققن بہ اشارو ڏنو آهي تہ اها نشاني عدد جي جمع جي حالت اضافت جي پڇاڙي آهي. هن قسم جو خيال ان ڪري ڪيو ويو آهي جو هيءَ نشاني انگن جي نمائندگي ڪندڙ نشانين جي مڇلن سان گڏ ڏني وئي آهي.

### ب 

نشانيءَ جي هي شڪل 16 لکتن ۾ ڏني وئي آهي، جن مان 9

موهن جي دڙي، 5 هڙاپا، 2 چانهونءَ جي دڙي مان هٿ لڳيون آهن.

3 لکتن ۾ هن نشانيءَ آڌو ڏسبي ۽ 2 لکتن ڪائنس آڌو واريون نشانيون 2 لکتن ۾ آڌو ڏسبي. باقي رهيل نشانيون پنهنجي سياءَ ۾ منفرد آهن.

قوي امڪان آهي تہ هي نشاني هن يا + جو امتزاج آهي. پريولا هن نشانيءَ بابت اشارو ڏنو آهي تہ ان کي عدد جمع جي ظرفي حالت جي پڇاڙي سمجهيو وڃي. پهرئين نظر سان معلوم ٿيندو تہ اهو مفروضو ممڪن آهي. هيءَ نشاني فقط 16 ڀيرا نظر آئي آهي. مٿي بيانيل فقري الف ۽ ب جي ناتي هي حالتي پڇاڙي جنهن جي نمائندگي اها نشاني ڪري ٿي سا لکت ۾ ٿوري ۽ اڻ لڀ آهي. هيءَ نشاني نشانين جي هن مچلي سان گڏ ڏسجي ٿي. باب 2 ۽ 6 نشانين جو اهو مچلو هڙاپا جي نالي جي نمائندگي ڪري ٿو. هن مان اڻ سڌي چاڻ اها ملي ٿي تہ هيءَ نشاني عدد جمع بدران عدد واحد جي حالتي پڇاڙي ظاهر ڪري ٿي. جهڙيءَ ريت نشاني سان گڏ نظر اچڻ مهل معلوم ٿئي ٿو هيءَ ڳالهہ اڳيئي باب 4 ياڳي 1 ۾ ٻڌائي وئي آهي تہ نشانين جو هيءَ مچلو پڇاڙي واري نشاني جي آڌو ڪڏهن بہ نظر ڪو نہ آيو آهي پر نشاني جي آڌو پورا 80 ڀيرا ڏنو ويو آهي. پر جيئن تہ اهو مچلو هن جي آڌو نظر آيو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو هيءَ نشاني هن سان برابر هجڻ بدران جي

سَنمُکَ آهي. هن مان اها ڄاڻ به ملي ٿي ته هيءَ نشاني عدد واحد يا عدد جمع جي ظرفي حالت بدران عدد واحد جي حالت اضاف آهي.

ب 

هيءَ نشاني 76 لکتن ۾ ڏٺي وئي آهي. جن مان 46 موهن جي دڙي، 18 هڙاپا، 6 چانهونءَ جي دڙي، 3 ڪاليبنگن، 1 لوٿل، 1 اُر ۽ 1 سوس مان هٿ لڳي آهي.

7 لکتن ۾ مٿين نشاني هن  جي آڏو نظر آئي آهي. 10 لکتن ۾  نشاني ۽ 7 لکتن ۾ هيءَ نشاني+ ٻيون نشانيون نظر اچن ٿيون. 6 لکتن ۾ آڏو هي نشانيون  ۽ 5 ۾ هنن سان گڏ ٻيون نشانيون به آڏو نظر آيون آهن. 11 لکتن ۾ مڃي  آڏو ڏٺي وئي آهي ۽ ڪن لکتن ۾ مڃيءَ سان گڏ ٻيون نشانيون به ڏٺيون ويون آهن 6 لکتن ۾ هي نشاني  آڏو نظر آئي آهي. باقي رهيل لکتن جي مڃلي مان گهٽ ۾ گهٽ هن جي آڏو ڇهن ڇهن لکتن جون نشانيون هڪ جهڙيون نظر آيون آهن.

پريولا جو خيال آهي ته هيءَ نشاني عدد جمع جي حالت فاعلي جي پڇاڙي واري حالت جي نمائندگي ڪري ٿي. پر هيءَ نشاني پڇاڙي واري نشاني  جي به پنيان ڏٺي وئي آهي تنهن ڪري مٿينءَ ڳالهه جو امڪان ڪو نه آهي. ان جي بدران هيٺين ڇئي سگهجي ٿو ته لکت جو هي نمونو  هن نشانيءَ  جي ٻي شڪل ٿي سگهي ٿي. جنهن جو مفهوم وري به عدد جمع واري حالت اضافت جي پڇاڙيءَ واري حالت آهي. هي نشاني  هنن نشانين  + ٻين نشانين جي

پنيان ڏسڻ ۾ آئي آهي. جھڙي ريت مٿي فقري ب ۾ نظر اچي ٿي. ان مان اھو پتو پوي ٿو تہ سندس اھو روپ حالت اضافت جي پڇاڙي واري حالت آهي. هي نشاني ڪيترين مختلف نشانين ۽ نشانين جي مچلن سان گڏ ڏني وئي آهي. جنھن مان اھا ڄاڻ ملي ٿي تہ اھا نشاني عدد واحد جي بي حالت پڇاڙي بدران عدد جمع جي حالتي پڇاڙيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. نتيجي طور اھا بہ پڻ ڄاڻ ملي ٿي تہ هيءَ نشاني عدد جمع واري فاعلي حالت بدران عدد جمع واري حالت اضافت واسطي ڪم ايندي هئي.

2- **حالتي پڇاڙين جون بدليل شڪليون**

اڳين محققن هنن حالتي پڇاڙين جي بدليل شڪل سڃاتو ڪونہ آهي. جيڪڏهن سڃاتو آهي تہ وري ان جي سمجھاڻي اھڙي ڏني اٿائون جو دل کي آئڙي ئي ڪانہ ٿي. ميريگي Merigi بہ هن نشاني  جي سمجھاڻي ڪجھ اھڙي ڏني آهي. جنھن تي هيٺ بحث ڪيو ويو آهي.

**الف-** نشانيون 

اهي سڀ ئي هن نشانيءَ  جا بدليل روپ آهن. جنھن کي بہ يا ٽي اڀيون ڇھنبون جوڙ ڏنيون ويون آهن. هنٽر جو خيال آهي تہ بنيادي نشاني  ۾ سر آواز جوڙ ڪري منجھنس نئون سڏارو واڌارو آندو ويو آهي. هيءَ نشاني جاگرافيائي خطن موجب گھڻي ٿورائيءَ ۾ نظر ايندي. مثال طور هيءَ نشاني 190 لکتن ۾ نظر آئي آهي. جن مان 140 موهن جي دڙي، 35 هڙاپا ۽ 15 ڪن ٻين هنڌن تان هٿ لڳيون آهن. هنٽر جو خيال آهي تہ هن نشانيءَ ۾ اڀيون ڇنھبون ڏئي سر آوارن جو واڌارو ڪيو ويو.

سندس هيءَ راءِ قبول ڪري سگهجي ٿي. شايد جاگرافيائي طور ٻوليءَ ان جي گرامر ڪري اها مختلف تبديلي آندي وئي ٿي پائنجي. جنهن جي امڪان ڪي هيٺ ڪٿي جاچيو پرکيو ويندو.

### ب  ۽  تي عام تبصرو

سنڌو لکت جون هيءَ ٻئي نشانيون پڇاڙيءَ واريءَ هن نشاني  جي پٺيان ڏسبيون آهن ۽ هيءَ نشاني  پڇاڙيءَ واري هن نشانيءَ  جي پٺيان نظر ايندي آهي. اهڙيءَ ريت لکت ۾ آخري پڇاڙي واري جاءِ والارين ٿيون. هنن نشانين جي ورجاءَ تي 2-ب ۽ 2-ب فقرن ۾ وستار سان تيڪاڻيٽي ڪئي وئي آهي. هتي اسان پربولا جي هن راءِ تي بحث ڪنداسين ته مٿي بيانيل نشانيون مرد  ۽ عورت . جي نشانين لاءِ آخري پڇاڙيءَ جو ڪم ڏين ٿيون. سندس هن راءِ جي خلاف مکيه ٻه اعتراض آهن.

ٻهرين ڳالهه ته هن امتزاج  تي پروڙڻ ۽ پرجهڻ ضروري ٿيندو. جيڪو موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لڌل 11 لکتن تي نظر اچي ٿو. ٿن لکتن ۾ هيءَ امتزاج هڪ مڪمل متن آهي. ٻين لکتن ۾ هيءَ امتزاج پڇاڙي واري هن نشانيءَ جي آڏو ڏسبو. جنهن سان ڪڏهن هڪ نشاني يا نشانين جو هڪ مجلو نظر ايندو. اهڙي ريت اهو ناممڪن آهي ته اهي ٻئي نشانيون  ۽  اڳيان ايندڙ لفظن يا نالن جي آخري پڇاڙيءَ طور ڪم ڪن ٿيون. ساڳي ريت اها به اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي ته نشانين جو هيءَ امتزاج نه ته ڪو اتفاق آهي نه وري غلطيءَ وچان لکجي ويو آهي. هنن امڪانن

کي هڪدم خارج ڪري سگهجي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي بلڪل وچ تي پيڻ جنهن androgynes جو هڪ طبقو موجود هو پي ڳالهه اها آهي ته هيٺ 2- ب ۽ 2-ب ۾ اهو ڏٺو ويندو ته هيءَ نشاني  موهن جي دڙي مان گهٽائيءَ ۾ لڌي وئي آهي. جڏهن ته هڙاپا مان وري هيءَ نشاني  جهجهائيءَ ۾ ملي آهي. جيڪڏهن اهي ٻئي آخري پڇاڙي واريون نشانيون آهن ته پوءِ انهن مان هر هڪ نشانيءَ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ آخري پڇاڙي واري نمائندگي ڪئي هوندي. سنڌو سڀيتا جي هنن مکيه شهرن ۾ هنن نشانين جي جنس واري ڪردار جي ڦير گهير کي جيڪڏهن روڪيو وڃي ته پوءِ اهو مونجهارو رهندو. قوي امڪان آهي ته نشاني  ۽  مرد ۽ عورت جي آخري پڇاڙي ڪا نه آهي.

ب –نشاني 

هيءَ نشاني 98 لکتن ۾ نظر آئي آهي. 74 لکتن ۾ اها نشاني پڇاڙيءَ واري نشاني  جي پٺيان ڏسبي جن مان 53 موهن جي دڙي، 17 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي، 1 ڪاليبنگن، 1 لوٿل ۽ 1 سنڌو سڀيتا جي غير اهم ماڳ تان هٿ لڳي آهي. باقي لکتن ۾ هيءَ نشاني اڪيلي ڏسجي ٿي، تنهن ڪري ان جو ڪو مستقل سلسلو نظر ڪو نه ٿو اچي. اهڙو سلسلو ٿن پيرن کان وڌيڪ ڪٿي نظر ڪو نه آيو آهي. اهڙي قسم جون 14 لکتون موهن جي دڙي، 3 هڙاپا، 1 لوٿل، 1 اُر، 1 بحرين، 1 فئلاڪه Failaka ۽ 1 وچ مشرق جي ڪنهن غير اهم ماڳ تان هٿ لڳي آهي. هن نشانيءَ سان لاڳاپيل لکت جي هڪ محدود نموني تي ڪم ڪندي هنتر

پنهنجي اڀياس جو نچوڙ هن ريت بيان ڪيو آهي، تہ هن نشانيءَ جو ڪارج جي نقطۂ نظر سان هن نشانيءَ سان لاڳاپو آهي. گرامر ۽ صرف ونحو جي نقطۂ نگاهہ کان هي نشانيون هن نشاني جهڙو ساڳيو مقصد ادا ڪن ٿيون. لکت جي هڪ ڏکيءَ ڪنڪارڊنس ۾ اهو ڏنو ويندو تہ هي نشاني هن جي پٺيان هن صورت ۾ ڏسجي ٿي، جيڪا تمام گهٽائي ۾ نظر ايندي. هن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ لکت جي اها صورت تبديلي ٿيل ڪنهن ٻي نشانيءَ جي شڪل آهي. هن سان گڏ اهو بہ ڏنو ويندو تہ لکت جي اها صورت هن صورت جيان گهڻو ڪري انگن جي نمائندگي ڪندڙ نشانين جي پٺيان ڏسبي آهي. هن ڳالهہ مان هي ڄاڻ بہ ملي ٿي تہ لکت جي هيءَ صورت هن صورت جي بدران بہ ڪم اچي ٿي ۽ عدد جمع واري حالت اضافت جي Case-ending حالتي پڇاڙي بہ آهي. لکت جي اها صورت موهن جي دڙي مان گهٽائي ۾ لڌي آهي. ٻئي پاسي هڙاپا مان وري لکت جي هيءَ صورت جهجهائيءَ ۾ ملي آهي. علائقائي انگن اکرن موجب اها لکت موهن جي دڙي مان 57.7٪ ۽ هڙاپا مان 36.3٪ لڌي آهي. هن ورهاست مان اها ڄاڻ بہ ملندي تہ هن امتزاجي نشاني جي لکڻ جا نمونا الڳ الڳ آهن. هيءَ نشاني هڙاپا يا سنڌو سڀيتا جي اترين علائقن اندر گهٽائي ۾ نظر ايندي. جڏهن تہ هي نمونو وري موهن جي دڙي ۾ گهڻو پسند ڪيو ويندو هو ۽ ان جو رواج

سنڌو سڀيتا جي ڏاکڻين علائقن ۾ گهڻو هو.

**ب – نشاني** 

هي نشاني 348 لکتن ۾ نظر آئي آهي، جن مان 173 لکتن ۾ هيءَ نشاني پڇاڙي واري هن نشاني  جي پٺيان ڏسبي آهي. هن صورتحال مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته اها نشاني لکت جي آخري پڇاڙي آهي. اهڙين لکتن مان 145 هڙاپا، 26 موهن جي دڙي، 1 چانهون جي دڙي ۽ 1 ڪاليبنگن مان هٿ لڳي.

بين 167 لکتن ۾ هي نشاني هڪ اهڙي نشاني جي آڏو يا پٺيان ڏسبي آهي، جيڪا عام طور تي پڇاڙيءَ جي نشاني هوندي آهي. ساڳيءَ ريت هن ڳالهه مان به سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته مٿي بيانيل نشاني متن ۾ آخري پڇاڙي طور ڪم اچي ٿي. مثال طور 30 نمونن ۾ سلسلو هن ريت  آهي. جن مان 5 موهن جي دڙي ۽ 25 هڙاپا مان هٿ لڳا آهن. 11 لکتن ۾ سلسلي جو نمونو هيئن  يا ساڳيو ڏسبو جن مان 3 موهن جي دڙي ۽ 8 هڙاپا مان مليون آهن. 11 لکتن ۾ اهو سلسلو هن ورن  جو ڏسبو آهي. جن مان 2 موهن جي دڙي ۽ 9 هڙاپا مان هٿ لڳيون. 14 لکتن ۾ هي سلسلو هن طرز  جو نظر ايندو. جن مان 4 موهن جي دڙي ۽ 10 هڙاپا مان مليون. 9 لکتن ۾ اهو سلسلو هيئن  ڏسبو. جن مان 3 موهن جي دڙي، 5 هڙاپا، 1 چانهونءَ جي دڙي مان مليو. 20 لکتن ۾ اهو سلسلو هن ريت  مليو. جن مان 4 موهن جي دڙي ۽ 16 هڙاپا مان هٿ لڳيون. 10 لکتن ۾ هن سلسلي جي

صورت هيءَ  جن مان 3 موهن جي دڙي ۽ 7 هڙاپا مان مليون هتي ڏٺو ويندو تہ اهڙين نشانين جي گهڻائي هڙاپا ۾ ڏسبي هنتر جي اڀياس مان بہ ساڳي ڄاڻ ملي ٿي.

باب 2-ب ۾ هيءَ ڳالهہ ٻڌائي وئي آهي تہ ڪي ٻيون آخري پڇاڙيون اهڙي علائقائي نمائندگي نہ ٿيون ڪن جهڙيءَ ريت هيءَ نشاني  (هڙاپا ۾) ۽ نشاني  (موهن جي دڙي ۾) ڪن ٿيون. پر جيڪڏهن اهي نشانيون ڌار ڌار، عورت ۽ مرد جي نمائندگي ڪنديون هجن يا جيئن پرپولا جو خيال آهي تہ پوءِ هڪ نشاني هڙاپا ۾ ۽ ٻي نشاني موهن جي دڙي گهڻائيءَ ۾ نظر ڪا نہ اچي ها. ان سان گڏ اهو بہ ممڪن ڪو نہ هوجو نشاني هڪ پڇاڙي واري نشان Suffix جي نمائندگي ڪري ها ۽ اهڙي حالتي پڇاڙيءَ جو مفهوم ڪا نہ ٿي ڏئي جيڪو پڇاڙي واري نشاني  ادا ڪري ٿي. جهڙيءَ طرح ميرگيءَ جو خيال آهي. (ميريگيءَ جي راءِ آهي تہ  حالت اضافت جي پڇاڙي وارو نشان ۽  ظرفي پڇاڙي وارو نشان Suffix آهي). جيڪڏهن صورتحال ائين آهي تہ پوءِ متنن جي گهڻائي ڪي بہ حالتي پڇاڙيون ۽ هڪ اسم هئڻ گهرجي. جنهن جو مثال هي لکت  آهي، جيڪا 37 ڀيرا نظر آئي آهي. قوي امڪان اهو آهي تہ نشاني  حالتي پڇاڙي جي تبديل ٿيل شڪل آهي ۽ ٽن مکيہ Cases ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي نظر اچي ٿي.

عدد واحد جي حالت اضافت جي صورت ۾  ، 



عدد واحد جي ظرفي حالت جي صورت ۾ 

عدد جمع جي حالت اضافت واري صورت ۾ 

اهڙي قسم جون تبديل ٿيل شڪلون، علائقائي، ٻولي يا گرامر سان لاڳاپيل ڪن نڪتن جي ڦيرگهير سان واڳيل نظر اچن ٿيون. جن جو واسطو جاگرافيائي ورهاست سان ڏسجي ٿو. اهڙي لکت هڙاپا ۽ سنڌو سيپتا جي اترين علائقن سان واسطو رکي ٿي.

### 3 لکت ۾ حالتي واريون پڇاڙيون

پاڳي 1 ۽ 2 سنڌو لکت جي ٽن مکيه حالتي پڇاڙين جهڙوڪ حالت اضافت جي عدد واحد واري حالتي پڇاڙي، حالت ظرفي جي عدد واحد واري حالتي پڇاڙي ۽ حالت اضافت جي عدد جمع واري حالتي پڇاڙيءَ کي نرالو ڪري بيهاريو ويو آهي. ان سان گڏ انهن حالتي پڇاڙين کان انهن نشانين جي تبديل شڪلين کي ٻه الڳ ڪيو ويو آهي، جيڪي جاگرافيائي ورهاست موجب گهٽائيءَ ۽ ٿورائي ۾ نظر اچن ٿيون. امڪان آهي ته اهي نشانيون ٻوليءَ ۽ گرامر واري ڦيرگهير سان ڪو ناتو واسطو رکنديون هجن يا ڪن ڳالهين ۾ سندن نموني جي ڪنهن ڦيرگهير سان تعلق هجي يا سياءَ جي نقطهٔ نگاهه کان سندن واسطو سنڌو سيپتا جي اترين ۽ ڏاکڻين علائقن سان هجي، جيڪي هڪ ٻئي کان 3500 ميل پري آهن.

جدول 6 – سنڌو لکت ۾ حالتي واريون پڇاڙيون Case - ending

| نشانيون | علائقو | لکتن جو انگ |
|---|---|---|
| الف – عدد واحد واري حالت اضافت جي پڇاڙي. | | |
| 1  | ٻنهي علائقن ۾ | اٽڪل 1600 |

| | | |
|---|---|---|
|  5 | هڙاپا | 30 |
|  6 | هڙاپا | 11 |
|  7 | هڙاپا | 11 |

## 4 لکت واري ٻولي

سنڌو لکت ۾ نظر ايندڙ ٻولي ۽ ان جي گرامر جي ڪن مختصر ڳالهين جو بيان ٿي چڪو آهي. جن جو خاص واسطو ٽن حالتي پڇاڙين سان آهي. پر ان نتڪي تي پروڙيو ۽ پرجهيو ڪو نہ ويو آهي تہ سنڌو سڀيتا جي ٻولي ڪهڙي هئي؟ هاڻي ان مسئلي ڏانهن ڌيان ڏنو ويندو تہ جيئن ان ٻوليءَ جي سڃاڻ بابت ڪي نتيجا ڪڍي سگهجن.

**الف-** سنڌو سڀيتا ۽ هندستان جي پوئين دور جي وچ ۾ موجود ثقافتي تعلق جي ڪن نڪتن تي باب 1 ڀاڱي 3 ۾ بحث ٿي چڪو آهي. جنهن ۾ اها حقيقت ثابت ڪئي وئي هئي تہ هندستان جي پوئين دور واري ٽامي ۽ وڏن پٿرن مان جوڙيل جڳهن واري سڀيتا (1900ق م کان 900 ق م تائين) جي ٺڪرن تي سنڌو سڀيتا لکت جون ڪيتريون نشانيون نظر آيون آهن. اهڙيءَ ريت ستين صديءَ مسيح يا ان کان پوءِ وارن دور سان لاڳاپيل سڪن ۽ مهرن ۾ سنڌو لکت جون ڪي نشانيون موجود آهن. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو سنڌو سڀيتا ۽ هندستان جي پوئين دور واري ثقافت ۾ ضرور ڪو لاڳاپو موجود هو. سنڌو لکت ۽ برهمي لکت جي هڪ جهڙائي تي بہ سوچيو پروڙيو ويو آهي. اهڙي هڪ جهڙائي نشانين جي ساڳيائپ جي نقطئہ نگاهہ کان نہ پر ٻڙي چال Boustropheda سياءِ واري لکت جي ناتي شروعاتي دور واري برهمي ساڃي کان ڪابي لکڻ ۽ سنڌو لکت جهڙي حرف جملي Conjuet character وارين خاصيتن ڪري سمجهي وئي آهي. ان ناتي هي نتيجو ڪڍيو ويو تہ برهمي لکت ڪنهن حد تائين

سنڌ لکت جو سلسلو آهي. قوي امڪان اهو آهي ته ٻنهي لکتن ۾ ضرور ڪو سڌو لاڳاپو موجود آهي. ھيءَ نتيجو سنڌو لکت جي انهن نشانين سان پيٽائي پرکي سگهجي ٿو. جيڪي سنڌو لکت ۽ سنڌو سڀيتا جي حالتي پڇاڙين جي نمائندگي ڪن ٿيون. پهريائين هن پڇاڙي واري نشاني  جي حالت کي پرکيو ويندو. جيڪا سنڌو لکت ۾ تمام گهڻو نظر اچي ٿي.

لال ٿامي ۽ وڌن پٽرن مان جوڙيل جڳهن سان لاڳاپيل دور جي ڪن نشانين جي هڪ شڪل جهڙوڪ  بيان ڪئي ۽ اها نشاني اشوڪ دور جي برهمي نشاني sa  سا جهڙي آهي. ساڳي ريت سنڌو لکت جي هي نشاني  آهي. جنهن جون مختلف لکتي ايڪايون  , آهن. جنهن کي ٻه پڻ اشوڪ جي دور واري برهمي لکت جي نشاني  = ja =جا سان پيٽائي سگهجي ٿو. اهڙو مثال سنڌو لکت جي هن نشانيءَ  جو آهي. جنهن کي اشوڪ دور واري برهمي جي نشاني  = e =سر آواز اِي سان هڪ جهڙائي آهي. اهي ٽئي برهمي نشانيون سنڌو لکت جي نشانين سان ويجهڙائي رکن ٿيون ۽ انهن جي پيٽوار اڀياس ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. انهن جي درست هجڻ ۽ نه هجڻ جو پتو ٻا مقصد نتيجن مان پئجي سگهي ٿو ته برهمي لکت جون حالتي پڇاڙيون سنڌو لکت جي حالتي پڇاڙين سان هڪجهڙائي رکن ٿيون يا نه.

ب- هتي اهو ڏٺو ويندو ته اهي قائم ڪيل اصول سميري ٻوليءَ ۾ ڪم ڪو نه ايندا. جنهن جي عدد واحدي واري حالت اضافت ڏانهن اشارو ڪندڙ نشان اڪ ak آهي. جنهن ۾ موجود ڪ ۾ خاص قسم جي ڳڻ واري صوتي ايڪائي لاءِ ڪارگر ثابت ڪو نه ٿيندا. جنهن ۾ حالت اضافت واري

بنيادي پڇاڙي نا na آهي. اهڙي ڳالهه ڪنهن بہ دراوڙي ٻوليءَ ۾ نظر ڪا نہ ايندي. جنهن جي پڇاڙي واري بنيادي نشانيءَ aì يا اِن in آهي. (البت اهي اصول هند - آرين ٻوليءَ سان ٺهڪي اچن ٿا. پوئين ڳالهه جي نقطئہ نگاهه کان سنسڪرت ۽ پراڪرت جي وچ ۾ گرامر سان لاڳاپيل فرق جي بہ نشاندهي ڪن ٿا. هن ڳالهه کي مثال ڏئي پڌري ڪرڻ لاءِ سنڌو لکت جي حالتي پڇاڙين کي ڏار ڏار بحث هيٺ آڻڻو پوندو.

حالتي پڇاڙي الف-1- لکت ۾ هي پڇاڙي تمام گهڻي نظر ايندي. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا ٻنهي مان جام ملي آهي. جنهن کي سنسڪرت جي اس as پراڪرت جي س sa سان ڀيٽائي سگهجي ٿو.
پڇاڙي الف 2. موهن جي دڙي مان گهڻائيءَ ۾ هٿ لڳي آهي. ان جي هجي جوڳڻ الف 1 (باب 2 - پاڱو 5) جهڙو آهي. پر ان جو اچار پنهنجي مرضيءَ موجب ادا ڪري سگهجي ٿو. ۽ ان کي پراڪرت جي هجي سا ssa هڪ جهڙائي رکي ٿو.

پڇاڙي الف 3 هي هڙاپا ۾ گهڻائيءَ ۾ نظر آئي ۽ سنسڪرت جي سيہ Sya سان هڪ جهڙائي رکي ٿو.

پڇاڙي الف 4 موهن جي دڙي مان گهڻي لڌي آهي. اها الف 1 واري پڇاڙيءَ ۾ سر آواز جو واڌارو ڏيکاري ٿي. (ڏسو باب 7 پاڱو 2 الف) ۽ پراڪرت جي سو su سي se ۽ اِس issa ۽ سنسڪرت جي ايس es اُس us ۽ اس as جهڙو آهي.

پڇاڙي الف 6 — هڙاپا ۾ گهڻو ڏنو ويو آهي ۽ سنسڪرت جي ياس yaas اچار جهڙو آهي.

پڇاڙي ب 1 موهن جي دڙي ۾ گهڻي نظر آئي آهي. جيڪا پراڪرت جي آ aa ۽ سنسڪرت جي اي e ۽ آئي ai جهڙي آهي.

پڇاڙي ب 2 هڙاپا ۾ گهڻي ڏٺي وئي آهي، جيڪا سنسڪرت جي آيہ aaya پراڪرت جي ايہ aaya جهڙي آهي.

هن نشانيءَ  جهڙي آهي. امڪان آهي ته هن پيٽ ۾ هڪ جهڙائي منجهان ڪا صحيح ڳالهه نڪري نروار ٿئي.

جدول 7 جنهن ۾ سنڌو لکت جي حالتي پڇاڙين جو هڪ انوماني ملهه مقرر ڪيو ويو آهي.

| نشانيون | علائقو | انوماني ملهه | سنسڪرت | پراڪرت |
|---|---|---|---|---|
|  1 | ٻئي | سَ sa | اَس as | سَ sa |
|  2 | موهن جو دڙو | س - سَ s.sa | ___ | سَسَ ssa |
|  3 | هڙاپا | سَ - جَ sa-ja | سيہ sya | ___ |
|  4 | موهن جو دڙو | سرآواز | اُس us | سو su اُسس ussa |
|  5 | هڙاپا | س. س- جَ s.s-ja | ___ | ___ |
|  6 | هڙاپا | جَ – س ja -sa | ياس yās | ___ |
|  7 | ٻئي علائقا | آئي آم āi ām | (آ)يام (ā) yam | آئي ae |

**الف - عدد واحد واري حالت اضافت جي پڇاڙي**

| نشانيون | علائقو | انوماني ملهه | سنسڪرت | پراڪرت |
|---|---|---|---|---|

**نوٽ:** سنڌو ۽ برهمي لکت جي هڪ جهڙاين جي بنياد تي جن کي پاڱي 4 ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌو لکت جي نشاني  اشوڪ دور جي برهمي لکت جي نشاني  جهڙي آهي، جنهن جو اچار سَ sa آهي، سنڌو لکت جي نشاني  اشوڪ دور جي برهمي نشاني  جي برابر آهي، جنهن جو اُچار جَ جا ja ۽ سنڌو لکت جي نشاني  اشوڪ دور جي برهمي لکت جي نشاني  جي برابر آهي، جنهن جو اچار اي e آهي. هنن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي نشاني  ۽  جي ملهہ جو هڪ اندازو ڪيو ويو آهي.

5 نشاني 

هيءَ نشاني 299 لکتن ۾ نظر آئي آهي. 21 لکتن کان سواءِ ٻين سيني لکتن ۾ مٿي بيانيل نشاني  ،  ،  يا  سان نظر آئي آهي.

8 لکتن ۾ هن جو امتزاج هن ريت آهي 

89 لکتن ۾ هن سان گڏ ٻي نشاني هي آهي 

117 لکتن ۾ امتزاج جو هي نمونو نظر اچي ٿو 

51 لکتن اندر امتزاج هيئن آهي 

13 لکتن ۾ وري امتزاج هن ريت بہ ڏسبو  يا 

هنن 278 لکتن مان موهن جي دڙي مان 13، جن مان 3 ٽامي جي

ٽڪين تي آهن. 1 لوٿل مان باقي 264 هڙاپا مان مليون آهن.

هن قسم جا امتزاج مهر يا ٽڪي جي پٺئين پاسي نظر آيا آهن جنهن پاسي تي انهن امتزاجن سان ٻي لکت به گڏيل نظر اچي ٿي. قوي امڪان آهي ته اهڙا امتزاج انگن جي نمائندگي ڪندا هوندا. هنئر ته هن قسم جي جدول کي ڏنڏي سان واڳيل ڪي رسيدون سمجهي ٿو. هن نشاني  ۽ هن  ۾ فرق رڳو متصل نشانين جو آهي. شايد اهو هن ڪري آهي ته گرامر سان لاڳاپيل نشاني  کي انگن واري نشاني کان نرالو ۽ نروار ڪري سگهجي. (ٿي سگهي ٿو ته پڇاڙي واري هن نشاني  کان به). جيڪڏهن اها حقيقت ائين آهي. جيئن اسان سمجهون ٿا ته پوءِ اسان هن نشاني  کي سَ sa جو ملهه ڏينداسين. اهڙيءَ ريت هندستان جي پوئين دور جي لکت ۽ سڪن جي تحرير مان اهڙيون هڪ جهڙيون نشانيون ملي وينديون، جن جو ملهه سَ sa ۽ سو su آهي ۽ جن جي معني هڪ سو انگ ٿيندي. جنهن کي سنسڪرت ۾ ساتا sata پراڪرت ۾ سَئَ saa سڏبو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌو لکت ۾ هند- آرين ٻولي آندي وئي آهي.

## 6 نتيجو

اهڙيءَ ريت سوچڻ ويچارڻ کان پوءِ هن نتيجي تي پهتا آهيون ته قوي امڪان آهي ته سنڌو لکت ۾ ڪتب آندل ٻولي پراچين هند – آريائي ٻولي آهي. ڀاڱي 4 ۾ ڪيل بحث جي حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته ان ٻولي جا ڪجهه سياءَ ۽ گڻ پراڪرت ۾ اچا تائين موجود ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪا هند-آريائي ٻوليءَ جي هڪ شاخ آهي. خاص طور تي اهي لفظ

جيڪي موهن جي دڙي واري علائقي ۾ گهٽائيءَ ۾ نظر اچن ٿا. باقي ٻيا لفظ سنسڪرت ۾ محفوظ رهجي ويا آهن. جيڪا هند آريائي ٻوليءَ جي مکيہ شاخ آهي ۽ خاص طور تي اهي جيڪي هڙاپا ۾ گهٽائيءَ ۾ ڏنا وڃن ٿا.

هن باب جي ڀاڱي4 ۾ سنڌو لکت ۽ هند – آريائي ٻوليءَ جي حالتي پڇاڙين جي هڪ جهڙائي تي بحث وغيره ڪيو ويو آهي ۽ انهن مان ملندڙ اشارن مان پتو پوي ٿو تہ انهن جو ويجهو ناتو ڪونہ آهي. تنهن ڪري هتي نتيجو اهڙو ڪڍڻ گهرجي. جهڙو اڳئين باب جي پڇاڙيءَ ۾ ڪڍيو ويو آهي يعني حالتي پڇاڙين کي پڇاڙين سان ڀيٽائي وڏيڪ لکيل مواد جي موجودگيءَ ۾ (يعني ٻيءَ ٻوليءَ جي حالتي پڇاڙين سان ڀيٽائي) جاچي پرکي درست يا غلط ثابت ڪرڻ گهرجي. ■

باب انٝون

# آخري نتيجو

سنڌو سيپتا جي لکت جي اڀياس دوران مکيہ ٻن نتيجن تي پهتا آهيون. جن جو لاڳاپو لکت جي شڪل صورت ۽ ان جي مفهوم سان آهي. پهرئين مرحلي ۾ اسان هن نتيجي تي پهتاسين تہ لکت ۾ ڪن شهرن ۽ علائقن جا نالا آهن. جن مان ڪي سنڌو سيپتا جي سرحدن اندر ۽ ڪي ٻاهر بہ ٿي سگهن ٿا. انهن نالن مان اهو مطلب نڪري ٿو تہ انهن شهرن يا علائقن ڏانهن ڪو واپاري مال موڪليو ويندو هو يا اتان ڪان اهڙو سامان گهرايو ويندو هو. ٻيو نتيجو هي ڪديو ويو آهي تہ لکتن ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي وئي آهي سا پراچين هند - آريائي آهي.

هن ساري اڀياس دوران اسان جي ڪوشش اها رهي تہ پنهنجي طريقۂ ڪار ڪي ممڪن حد تائين حقيقي ۽ بامقصد بنايون ۽ اهڙا نتيجا ڪڍون. جيڪي لکتن سان مطابقت رکندا هجن. ان مقصد لاءِ جيڪو گس ورتو ويو سو نهايت سچيتائي سان اختيار ڪيو ويو ۽ نتيجن کان اڳي پنهنجا ڪي مفروضا قائم ڪونہ ڪيا هئا. ان ڏس ۾ ڪي جتن ڪري اهڙا بنياد قائم ڪيا ويا. جتان سنڌو لکت جي اڳتي ٿيندڙ اڀياس جي شروعات ڪرڻي هئي. مٿي بيانيل ٻئي نتيجا سوچي سمجهي هڪ انومان موجب ڪڍيا ويا آهن. اهڙا اشارا ڪنايا جيڪي اهڙي قسم جي انومانن يا مفروضن مان ڦٽي نڪرندا آهن. سي موجوده نظرين ۽ نتيجن جي جاچ پرک جي تقاضا بہ ضرور ڪندا آهن جهڙوڪ هند – آرين لوڪن جو هندستان ۾ اچڻ ۽ سنسڪرت جي ناتي سان پراڪرت ٻوليءَ جي

آڳاٽي حيثيت وغيره. اهڙي قسم جا اشارا هند – يورپي اڀياس. هند – ايراني ٻولي، وچ مشرق ۽ ڏکڻ ايشيا جي قديم تاريخ تائين وسيع موضوعن تي پکڙيل نظر ايندا. ساڳيءَ ريت مستقبل ۾ ٿيندڙ اهڙي قسم جي اڀياس کان ٻهريائين هنن موضوعن تي سڄيتائي سان جاچ پرک ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. ■

- Sarianidi, V. I.: See Masson, V. M., and Sarianidi.
- Sathasivam, A. *Sumerian, A Dravidian Language*. Berkeley, 1965.
  - 'Linguistics in Ceylon: Tamil'. CTL, vol. 5, 1969.
- Schrader, F.O. 'On the Uralian Element in Dravidian and Munda'. BSOAA, vol. 8, 1935.
- Singhal, D.P. *India and World Civilization*. 2 vols. London, 1972.
- Thapliyal, K. K. *Studies in Ancient Indian Seals*. Lucknow, 1972.
- Tosi, Mario. Site reports for Shahr-i-Sokhta in Iran, vol. 8, 1970, and subsequently.
- Upasak, C. S. *The History and Paleography of the Mauryan Brahmi Script* Varanasi, 1960.
- Vats Mandho Sarup. *Excavations at Harappa*. 2 vols Now Delhi, 1940. Rep. Varanasi, 1947-1975.
- Waddall. L.A. *The Indo-Sumerian Seals Deciphered*. London, 1925. Rep. Delhi. 1976.
- Weissbach, F. H. *Die Kelinschriften der Achaemeniden*. Leipzig, 1911.
- Wheelar, Sir R. E. Mortimer. 'Harappa 1946: Defences and Cemetery R 37' . AI, vol. 3, 1947, pp. 58-130.
  - *The Indus Civilization*. Cambridge, 1962. Rep. 1968.
  - *Civilizations of the Indus Valley and Beyond*. London, 1966.
- Whitney, William Dwight. *A Sanskrit Grammar*. Harvard University Press, 1889. Rp. 1950.
- Wilson. J. V. Kinnier. *Indo-Sumerian*. Oxford, 1947.
- Zvelebil, Kamil. *Comparative Dravidian Phonology*. Hague-paris, 1970.

Copenhagen, 1968.

  - *Progress in the. Decipherment of the Proto-Dravidian Inscriptions of the Indus Civilization.* Copenhagen, 1970.
  - *Materials for the Study of the Indus Script.* I. Helsinki, 1973.

- Piccoli, G. 'A Comparison between signs of the Indus Script and signs in the Corpus Inscriptions Etruscarum'. IA, vol. 42, 1933.
- Piggott, Stuart. 'Dating the Hissar Sequence: The Indian Evidenc. *Antiquity*, vol. 7.
  - *Prehistoric India*. Harmondsworth. 1962.
- Pischel, R. *Comparative Grammar of the Prakrit Languages*. Trans. From the German by S. Jhā. Delhi, 1965.
- Poebel, A. *Sumerischen Grammatik*. Rostock, 1923.
- Pran Nath: see Nath, Pran.
- Prasad, Durga. 'The Classification and Significance of Symbols on Punch-Marked Coinage'. *JRASB*, vol. 30, Numismatic Supplement XLV, 1934, pp. 5-59.
- Rao, S. R. 'Excavations at Rangpur and other Explorations in Gujarat'. AI, vols. 18-19, 1962-1963, pp. 5-207.
  - *Lothal and the Indus Civilization*. Bombay, 1973.
  - 'A Persian Gulf Seal from Lothal'. *Antiquity*, vol. 37, No. 2, 1963.
- Rawlinson, Sir Henry. 'Notes on Captain Durand's Report upon the Islands of Bahrein'. JRAS, vol. 12. 1880.
- Renou, Louis. *Grammaire de la Langue Vedique*. Paris, 1952.
- Ross, Alan S. 'The Numeral Signs of the Mohenjo Daro Script. *MASI*, vol. 57, 1933.
- Sankalia, H.D. 'Reading the Mind of the Harappans'. *Science Today*, June 1978, pp. 28-35.
- Sankarananda, Swami. *The Rigvedic Culture of the Pre-Historic Indus*. 2 vols. Calcutta, 1943-1944.

*Period.* Leiden 1960.

- Macdonell, Arthur A. *A Vedic Grammar for Students.* Oxford, 1917.
- A Sanskrit Grammar for Students. Oxford, 1927.
- Mackay, Ernest J. H. Further Excavations at Mohenjo Daro. 2 vols.New Delhi, 1928. Rep. New Delhi, 1976.
  - *Chanlu-daro Excavations.* New Haven, 1943.
- Mahadeva, Iravatham- *The Indus Scrip: Texts, Concordance and Tables.* MASI, 77. New Delhi, 1977.
- Mallowan, Sir Max E.L. *Early Mesopotamia and Iran.* London, 1965.
- *Mānava Dharma Śāstra*, ed. G. Jhā. Bib. Ind. 3 vols. Calcutta, 1932-1939. Trans. Georg Buhler, *The Law-Book of Manu.* SBE, 25. Oxford, 1886.
- Marshall, Sir John. *Mohenjo Daro and the Indus Civilization.* 3 vols. London, 1931. Rep. Delhi and Varanasi, 1973.
- Masson, V. M., and Sarianidi, V. I. *Central Asia.* London, 1972.
- Mayrhofer, M. Die *Indo-arier im Alten Vorderasien.* Wiesbaden, 1966.
- Meriggi, Piero. 'Zur Indusschrift'. *ZDMG*, vol. 87, n.f. 12, 1934, pp. 198-241.
- Mitchiner, John E.' "*The Seven High Places*" in the Indus Valley Inscriptions'. *JAIH*, vol. 11, 1978.
- Mitchiner, Michael. *The Origins of Indian Coinage.* London. 1973.
- Monier-Williams, Sir Monier. *A Sanskrit Grammar.* Oxford, 1877. Nath, Pran. *Decipherment of the Inscriptions of Harappa and Mohenjo Daro.* Banaras, 1946.
- Oppenheim, A. L. "The Seafaring Merchants of Ur'. *JAOS*, vol. 74, 1954, pp. 6.
- Paper, H. H. *The Phonology and Morphology of Royal Achaemenid Elamite.* Michigan, 1955.
- Parpola, Asko, *et al. The Decipherment of the Proto-Dravidian Inscriptions of the Indus Civilization.*

Periodicals. London, 1940.

  - *Studies in Proto-Indo-Mediterranean Culture. IHRI*, No. 19. Bombay, 1953.

- Hevesy, Wilhelm von. 'Osterinselschrift und Indusschrift'. *OLZ*, vol. 37, No. 11, 1934.
- Hinz, Walter. *The Lost World of Elam*. London, 1972. Trans. From *Das Reich Elams* (1964).
- Hrozný, Bedřich (Friendrich). *Die Alteste Volkerwanderung und die Indische Civilization*. Prague, 1939.
- Hunter, G. R. The *Script of Harappa and Mohenjo-Daro and its Connection with other Scripts*. London, 1934.
- Hüsing, G. *Die Sprache Elams*. Breslau, 1908.
- Kammenhuber, A. *Die Arier im Vorderen Orient*. Heidelberg,
- Kinnier Wilson, J. V.: See Wilson, J. V. Kinnier.
- Knorozov, Yuri V. 'Formal Analysis of the Proto-Indian Texts'. *JTS*, vol. 2, No. 1, 1970.
  - *et al. Proto-Indica*. 2 vols. Moscow, 1972.
- Koskenniemi, S.: See Parpola.
- Kramer, Samuel Noah. 'Dilmun, Quest for Paradise'. *Antiquity*, vol. 37, 1963, pp. 111-115.
  - 'The Indus Civilization and Dilmun, the Sumerian Paradise Land'. *Expedition*, vol. 6, No. 3, 1964, pp. 44-52.
- Labat, 'René. *Manuel d' Epigraphie Akkadienne*. Paris, 1952.
- Lal, B. B. 'From the Megalithic to the Harappan'. AI. vol. 16, 1960.
  - 'The Direction of Writing in the Harappan Script'. *Antiquity*, vol. 40, No. 4, 1966.
- Langdon, S. *A. Sumerian Grammar and Chrestomathy*. Paris, 1911.
  - 'The Indus Script'. In Marshall, *op. cit.* vol. 2, pp. 423-455.
- Leemans, W. F. *Foreign Trade in Old Babylonian*

- Caldwell, R. *A Comparative Grammar of the Dravidian or South-Indian Family of Languages*. 2nd edition, revised, London, 1875.
- Cameron, G. G. Persepolis Treasury Tablets. Chicago, 1948.
- 80 Studies in the Indus Valley Inscriptions
- Clauson, Sir Gerard, and Chadwick John. 'The Indus Script Deciphered?' *Antiquity*, vol. 43, 1969. Also rep. in. *JTS*, vol. 2, No. 1, 1970.
- Cunningham, Sir Alexander, *Coins of Ancient India*. London, 1891.
  - *Inscriptions of Aśoka. CII*, vol. 1. Calcutta, 1877. Rep. Varanasi, 1961.
- Dyakonov, I. M. *Yazyki Drevney Peredney Azii*. Moscow, 1967.
- Emenau, M. B. *Brahui and Dravidian Comparative Grammar*. Berkeley, 1962.
- Fairservis, Walter. *The Roots of Ancient India*. London, 1971.
- Frankfort, H. *Cylinder Seals*. London, 1939.
- Frumkin, G. *Archaeology in Soviet Central Asia*. Leiden. 1970.
- Gadd, C. J. *A Sumerian Reading Book*. Oxford, 1924.
  - *Seals of Ancient Indian Style found at Ur. PBA*, vol. 18. London, 1933.
- Gelb, I. J. 'Makkan and Meluhha in Early Mesopotamian Sources'. RA, vol. 64, 1970.
- Ghirshman. J. *Iran*. Harmondsworth, 1958.
- Hansman, John. A. Periplus of Magan and Meluhha'. *BSOAS*. Vol. 36, No. 3, 1973.
  - 'A Further Note on Magan and Meluhha'. *BSOAS*, vol. 38, No. 3, 1975.
- Hajra, Sankar. *On the Decipherment of the Inscriptions of the Seals of Harappa and Mohenjo-Daro*. Calcutta, 1974.
- Heras, Rev. Henry. *Studies in the Proto-Indian Script*. 30 papers collected from various Journals and

# Bibliography of Cited Works


- Agrawal, D. P. *The Copper- Bronze Age in India*. New Dehli, 1971.
- Alekseyev, G. V. *et al*. *Soviet Studies in the Harappan Script*. Florida, 1969.
- Allan, J. A. *Catalogue of the Coins of Ancient India*. British Museum London, 1936.
- Allchin, Bridget and Raymond. *The Birth of Indian Civilization*. Harmondsworth, 1968.
- Bailey, Sir Harold W. 'Mlecha, Blōč, Gardōsia'. BSOAS, vol. 36, No. 3, 1973, pp. 584- 587.
  - '*Indian Sindhu, Iranian Hindu*'-. BSOAS, vol. 38, No. 3, 1975. Pp. 610-611.
- Basham. A. L. The Wonder that was India. London, 1954. Rep. 1967.
- Belenitsky, A. *Central Asia*. Geneva, 1968.
- Bibby, Geoffrey. *Looking for Dilmun*. Harmondsworth, 1970.
- Bloch, J. *Grammatical Structure of the Dravidian Languages*. Pona, 1954.
- Bork, F. *Elamische Studien*. *MAG*, 7. 3. Leipzig, 1933.
- Bray, D. *The Brahui Language*. 2 vols. Calcutta, 1909.
- Bühler, Georg. *Indian Paleography*. Edited and translated from *Indische Palaeographie* (1896) by J. F. Fleet, and published as an Appendix to IA, vol. 33, 1904. Rep. Calcutta, 1959.
- Burrow, Thomas. *The Sanskrit Language*. London, 1955.
  - 'Dravidian and the Decipherment of the Indus Script'. *JTS*, vol. 2, No. 1, 1970.
  - 'The proto-Indoaryans'. *JRAS*, No. 2, 1973, pp. 123-140.
- Burrows, Father Eric, and Deimel, P. 'Tilmun, Bahrein, Paradise'. *Orientalia*, vol. 30, 1928.




انفارمیشن اینڈ آرکائیوز ڈپارٹمنٹ
حکومت سندھ

Rs. 200/-

ISBN # 978-969-9543-04-3